ماهوار

# پيغام

ڪراچي



سنڌ جو عظيم اديب ۽ ڏاهو
محمد ابراهيم جويو

- سنڌ ترقيءَ جي راھ تي گامزن
- پاڪستان: هڪ وفاقي يا وحداني رياست
- وُٺو ته ٿر نه ته ٻر ئي ٻر (ٿر جو سفرنامو)
- لينڊ ايلينيشن بل (تاريخ جو هڪ وسريل ورق)



ڪراچي بندرگاھ جي ڪهاڻي



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ وڊيو لنڪ وسيلي اسلام آباد ۾ هلندڙ چوماسي جي برساتن جي نقصانن جو جائزو وٺڻ لاءِ اسلام آباد ۾ وزير اعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ شرڪت ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
ڪراچيءَ لاءِ ڪجهه نون منصوبن کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي.

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ايڊيٽوريل | ادارو | 02 |
| پاڪستان: هڪ وفاقي يا وحداني رياست | سنڌيڪار: ثمرين ميمڻ | 03 |
| سنڌ ترقيءَ جي راهه تي گامزن | هدايت الله سومرو | 12 |
| ڪراچي بندرگاهه جي ڪهاڻي | سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ | 16 |
| موهن جي دڙي جا بين الاقوامي واپاري تعلقات | رحيم داد مولائي شيدائي | 28 |
| سنڌ جو عظيم اديب ۽ ڏاهو محمد ابراهيم جويو | طارق عزيز شيخ | 35 |
| وُئو ته ٿر نه ته بر ئي بر (ٿر جو سفرنامو) | حزب الله آءِ سومرو | 38 |
| لينڊ ايلينيشن بل (تاريخ جو هڪ وسريل ورق) | شبير احمد مغيري | 43 |
| سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جو قديم شهر: نوشهروفيروز | محمد سليمان ابڙو | 53 |
| سر حاجي عبدالله هارون | مرزا ڪاظم رضا بيگ | 55 |

**چپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
فلور 9، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. **021-35210405**

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

**جلد 26، شمارو 08، آگسٽ 2022ع**

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عبدالرشيد سولنگي**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.......
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي کوکر**

**رابطي لاءِ**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B ڪراچي 74200
فون: 02199202610

## ايــڊيــٽوريــل

# 14 آگسٽ: پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏينهن جي ڊائمنڊ جوبلي

پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ سنڌ جيڪو بنيادي، اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جي اهميت ۽ افاديت ڪان انڪار نـه ٿـو ڪري سگهجي. سنڌ جي مسلمان ليڊرن جي ڪوشش سان اپريل ۽ مئي 1938ع ۾ سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو. هن شاخ جو صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي هو جيڪو بمبئي وڃي قائداعظم سان مليو، اجازت وٺي آيو. شاخ قائم ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جلسا ٿيڻ لڳا. شيخ صاحب جو ساٿي ۽ مددگار جي ايم سيد هو. 10، 11 ۽ 12 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ مسلم ليگ پاران ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت قائداعظم ڪئي. ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن ۾ واضح طور مطالبو ڪيو ويو تہ جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، اتي مسلمانن جي حڪومت ناهي وڃي، تہ جيئن ٻئي قومون جدا جدا آزاد حڪومتون قائم ڪري سگهن. ان ڪانفرنس ۾ قائداعظم يادگار تقرير ۾ چيو تہ: ”مون کي يقين آهي تہ سنڌ صوبو هندوستان جي مسلمانن لاءِ هڪ نمونو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هتي جي مسلمانن وڏي بيداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ لاءِ مسلم ليگ جيڪي ڪوششون ورتيون، انهن کان اوهان باخبر آهيو. جيڪڏهن اوهان پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو تہ اوهان جي صوبي جي مسلم ليگ کي حڪومت جي واڳن سنڀالڻ کان ڪابہ طاقت روڪي نہ ٿي سگهي.“ هيءَ ڪانفرنس تمام گهڻي ڪامياب وئي ۽ هن ئي ڪانفرنس ۾ هندستان جي ورهاڱي جو بنياد رکيو ويو. ان ڪانپوءِ پاڪستان حاصل ڪرڻ واري فضا تيار ٿيڻ لڳي ۽ جدوجهد شروع ٿي وئي. 27 نومبر 1938ع تي سنڌ مسلم ليگ جي عهديدارن جي باقاعدي چونڊ ٿي ۽ سر حاجي عبدالله هارون صدر ٿيو ۽ جدوجهد مختلف مرحلا طئي ڪندي نيٺ ڪامياب ٿي. آل انڊيا مسلم ليگ، 1940ع ۾ لاهور واري اجلاس ۾ هڪ مطالبو هڪ قرارداد ذريعي منظور ڪرايو جنهن مطابق مسلم اڪثريتي علائقن کي آزاد رياست جو درجو ڏيئي مسلمانن جو هڪ ڌار ملڪ قائم ڪيو وڃي.


3 مارچ 1943ع تي سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ تي ڇاٽايل قرارداد جي حمايت ڪندي پاڪستان جو ٺهراءُ منظور ڪيو. جيڪو محترم جي. ايم. سيد پيش ڪيو هو. ان اجلاس ۾ جيڪي ميمبر شريڪ ٿيا هئا، انهن ۾:شيخ عبدالمجيد سنڌي، اکجي رتنسنگهہ سوڍو، علي گوهر خان مهر، الله بخش خداداد خان گبول، الله داد خان، امام بخش خان ٽالپر، امير علي ٺارو خان لاهوري، ارباب توگاچي، مير محمد ٽالپر، خان ٽالپر، بنده علي خان ٽالپر، ڏيئل مل دولترام، غلام علي خان ٽالپر، غلام الله خان مير، غلام حسين هدايت الله، غلام محمد اسراڻ، غلام مرتضيٰ شاهہ (جي ايم سيد)، غلام نبي شاهہ، گوبند رام پريتم داس، گوڪلداس ميولداس، هيمنداس روپچند واڌواڻي، هوسيڪ ليفٽيننٽ ڪرنل ڊبليو. بي، هوتچند هيرانند، پير الاهي بخش، جان محمد جوڻيجو جينوڀائي جي. الانا، قيصر خان، غلام محمد خان، لولومل ريواچند، ماهن ڪرنل ايچ جي، سيد محمد علي شاهہ، محمد ايوب کهڙو، محمد هاشم گزدر، نواب غيبي خان چانڊيو محمد عثمان سومرو، محمد يوسف خان چانڊيو، نهچلداس چتومل وزيراڻي، سيد نور محمد شاهہ، پرتاب راءِ، خير سڪداس، رسول بخش خان انڙ، شمس بارڪزئي ۽ سهراب خان سرڪي شامل هئا. هن اجلاس ۾ سنڌ مسلم ليگ جي صدر جي. ايم سيد پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪندي چيو تہ: ”هي ايوان سرڪار کي سفارش ڪري ٿو تہ هز ايڪسيلينسي وائسراءِ جي معرفت، هز مئجسٽيءَ جي سرڪار تائين هن صوبي جي مسلمانن جون خواهشون پهچايون وڃن تہ جيئن تہ هندستان جا مسلمان هڪ جدا قوم آهن. جن جو مذهب، فلسفو سماجي رسمون، ادب، روايتون، سياسي ۽ اقتصادي نظريا بہ مختلف آهن، جيڪي هندن کان بلڪل علحده آهن. تنهنڪري کين حق پهچي ٿو تہ هڪ قوم ٿي رهن؛ جن جون پنهنجون آزاد قومي رياستون هجن. جيڪي هندستان جي ننڍي کنڊ جي انهن علائقن مان ٺاهيون وڃن، جتي اهي (مسلمان) اڪثريت ۾ آهن. تنهنڪري اهي پرزور اعلان ٿا ڪن تہ کين اهڙو ڪوبہ آئين قبول نہ هوندو، جيڪو مسلمانن کي هڪ اهڙي مرڪزي حڪومت هيٺ رکي، جنهن تي ٻيا قابض هجن ۽ جيئن تہ ايندڙ وقت ۾ کين پنهنجن اصولن مطابق آزاديءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، تنهنڪري هنن لاءِ ضروري آهي تہ سندن پنهنجون ’آزاد قومي رياستون‘ هجن ۽ اهڙيءَ ريت جيڪڏهن هندستان جي مسلمانن کي هڪ مرڪزي حڪومت جي رعيت ڪري رکيو ويو تہ ان جي ڪري خوفناڪ ۽ ڏکين نتيجن واري گهرو جنگ يقيني آهي.“ ان ٺهراءَ جي 24 ميمبرن حمايت ڪئي، جڏهن تہ صرف ٽن هندو ميمبرن مخالفت ڪئي. آخرڪار طويل جدوجهد کان پوءِ 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جو وجود عمل ۾ آيو.

# پاڪستان: هڪ وفاقي يا وحداني رياست

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو/ سنڌيڪار: ثمرين ميمڻ

(شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي هي مضمون 1954ع ۾ ان وقت لکيو جڏهن ملڪ ۾ صوبن جون حدبنديون ختم ڪري ون يونٽ منصوبي کي عمل ۾ آندو پئي ويو. اهو عمل جيئن ته 23 مارچ 1940ع واري لاهور ٺهراءَ (جنهن کي بعد ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ قرار ڏنو ويو) جي سراسر ابتڙ هو تنهن ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي هن مضمون وسيلي ان عمل جي مخالفت ڪئي. انگريزي ۾ لکيل هي مضمون ڪراچيءَ مان نڪرندڙ انگريزي رسالي Visionجي آگسٽ 1954ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو. 14 آگسٽ جي 75 سالہ جشن آزاديءَ جي موقعي جي مناسبت سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.) (ادارو)

نئيڊي ڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ ئي پاڪستان جي آئين جي جوڙجڪ جي ڪم سان "وفاقي" ۽ "وحداني" اصطلاح منسوب رهيا آهن، تنهن هوندي بہ وفاقي آئين جون گهرجون جاگرافيائي حالتن، ثقافت، ٻولي ۽ تاريخ جي گم ٿيل ڪڙين تائين وڌي وڃن ٿيون، جيتوڻيڪ مقامي گهرجن جي حقيقتن باوجود هڪ نئيڊي پر اثرائتي طبقي تازو



وحداني حڪومت لاءِ جوش ۽ جذبي جو اظهار ڪيو آهي، خاص طور ان بنياد تي تہ ان طرز حڪومت سان صوبائي عصبيت جي مڪروهہ ۽ روح ڪسيندڙ ذڪر ڪان ڇوٽڪارو ملي ويندو.

دراصل اسان معنائن ڪي صحيح طور تي سمجھڻ ڪان سواءِ سياسي اصطلاح غير ذميواريءَ سان استعمال ڪندا رهندا آهيون. صحيح ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪان پهريائين انهن اصطلاحن جي تشريح نهايت ضروري آهي. اهو ٻڌائڻ پڻ ضروري آهي تہ تشريحون، تشريحن ڪندڙن جي نقطئہ نظر جي لحاظ ڪان مختلف هونديون آهن ۽ سياسي اصطلاح پڻ ان اصول ڪان مٿانهان ناهن. آڪسفورڊ جي منفرد تاريخ دان ڪي سي وهيئر وفاقي اصول ۽ وفاقي آئين ۾ اڇوتو فرق پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن اسين موضوع ڪي صحيح طور تي سمجھڻ گهرون ٿا تہ ان فرق ڪي ذهن ۾ ضرور رکڻ کپي.

**وفاقي اصول جو مطلب آهي:**

"اختيارن جي ورهاست جو طريقو جنهن سان مرڪزي ۽ علائقائي حڪومتون پنهنجن پنهنجن دائرن ۾ رهي خودمختيار بہ هجن ۽ عملي اشتراڪ بہ ڪن. پر ان مسئلي ۾ ڪا هڪ راءِ ڪونهي. مختلف ماهرن جي نظر ۾ وفاقيت جو روح هڪ مختلف اصولن تحت آهي. ڪيترن ئي مدبرن جي هيءَ دعوىٰ آهي تہ وفاقي اصول جو دارومدار اختيارن جي اهڙي ورڇ تي هوندو آهي تہ مرڪزي حڪومت جا اختيار مختص ۽ واضح ٿيندا آهن ۽ باقي علائقائي حڪومتن ڪي ورهايا ويندا آهن. آمريڪا جو آئين ان اصول تي ٻڌل آهي. ان ۾ سڄي آئين ساز اداري جي شعبن ڪي ورهايو ويو آهي ۽ جيڪي ان اداري جي سپرد نہ ڪيا ويندا آهن اهي رياستن وٽ ئي رهجي ويندا آهن."

ڪي سي وهيئر (K.C. Whare) جي قول مطابق اهو پيمانو آمريڪي آئين جي پيٽ ۾ سطحي تصور تي لاڳو ٿئي ٿو. بنيادي ڳالهہ اها ڪونهي تہ اختيارن جي ورهاست ۾ علائقائي حڪومتون آئين پٽاندڙ باقيات وصول ڪنديون آهن پر اختيار اهڙيءَ ريت ورهايا ويندا آهن جو مرڪزي حڪومت ۽ علائقائي حڪومتون هڪٻئي جون زيردست نہ رهنديون آهن.

وفاقي اصول ڪي سمجھڻ لاءِ اهو پڻ چيو ويندو آهي تہ وفاقي نظام ۾ مرڪزي ۽ علائقائي حڪومتون ٻئي سڌو سنئون حڪمران هونديون آهن، جڏهن تہ ڪنفيڊريشن يعني آزاد حڪومتن جي وفاق جي صورت ۾ فقط علائقائي يا رياستي حڪومتون ئي ماڻهن تي حڪمران ٿينديون آهن پر اها وصف پڻ اڻپوري ٿيندي. مثال طور ڏکڻ آفريڪا جي يونين ۾ مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ساڳي طرح سڌو سنئون حڪمران هونديون آهن، جيئن آمريڪا ۾ هڪٻئي جون سهڪاري هونديون آهن.

ان سلسلي ۾ ٻيا بہ نظريا ملن ٿا. لارڊ هالڊين جو ڳهو بحث جيڪو هن ڪامن ويلٿ آسٽريليا جي اٽارني جنرل پاران شگر ريفائننگ ڪمپني لميٽيڊ جي نالي فيصلو لکندي ڪيو اهو انتهائي فڪر انگيز آهي. البتہ آخري تجزئي جي طور تي اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ وفاقي اصول ڪي ساڻس لاڳاپيل سيني حدن ڪان ڌار ڏنو وڃي تہ ان جو مطلب آهي:

"هڪ اهڙي حڪومت جنهن ۾ بالادستي ۽ سياسي اقتدار مرڪزي ۽ مقامي حڪومتن ۾ ورهائجي ٿو تہ جيئن هر هڪ پنهنجي پنهنجي دائري اندر خودمختيار هجي." اها تشريح سر رابرٽ گيران 1929ع جي آسٽريلين آئين تي رائل ڪميشن جي رپورٽ ۾ ڪئي هئي.

وفاقي اصول جي وصف ڪان پوءِ اسين وفاقي آئين جي معنائن جو جائزو وٺون ٿا. ان ڳالهہ جو سئولو پر صحيح جائزو وٺڻ لاءِ تہ آيا آئين ۾ وفاقي اصول ڪي مٿانهين حيثيت ڏني وئي آهي يا نہ؟

جيڪڏهن اها صورت حاوي آهي تہ آئين وفاقي آهي. جيڪڏهن وفاقي آئين ۾ ردوبدل ڪئي وئي هجي تہ پوءِ آئين وفاقي تصور نہ ڪيو ويندو. ان جو اهو ئي هڪ پيمانو آهي تنهن ڪري وفاقي آئين جي باضابط طور وصف ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽ ان ڪي واضح طور آئين جي جوڙجڪ تي لاڳو ڪرڻو پوندو.

وصفن جي واضح تضاد جي لحاظ ڪان هڪ وحداني حڪومت دراصل مرڪزيت واري هوندي آهي ۽ اها اهڙن خودمختيار حصن ۾ نہ ورهائبي آهي جنهن ۾ رڳي مرڪزي حڪومت جي مقرر ٿيل قانون مطابق مقامي طبقاتي حڪومت ڪي هڪ ننڍي سطح تي اختيار ڏنو ويندو آهي. وحداني آئين ۾ بالادستي مرڪزي ۽ مقامي حڪومتن ۾ نہ ورهائبي آهي پر بنا ڪنهن ورڇ جي مرڪز وٽ هوندي آهي ۽ علائقائي حڪومتون جيڪڏهن موجود هجن بہ تہ مرڪزي حڪومت جي سهڪاريءَ جي حيثيت سان نہ پر ذيلي طور تي هونديون. اهڙيءَ ريت

مملڪت ۾ مرڪزي ۽ مقامي حڪومتن وچ ۾ ڪو بہ گڏيل عمل نہ ٿيندو آهي. رڳو هڪ حڪومتي ذريعو هوندو آهي جنهن کي سمورا اختيار حاصل هوندا آهن. اهڙيءَ ريت هڪ نظام جي هيڪڙائيءَ کي نظر ۾ رکندي اصول ۽ قانون جي ليڪ ڪڍڻ جي گهٽي ضرورت ڪانهي.



اصطلاحن جي تشريح ٿي وئي، هينئر اچو تہ اسين وحداني ۽ وفاقي حڪومتي طرزن ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ ان جو جائزو وٺون. ان مسئلي ۾ راءِ جو اختلاف موجود آهي. ڪن وٽ اصولي طور تي ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونهي. سندن دليل مطابق فرق جيڪڏهن آهي تہ عارضي پهلوءَ جي حوالي سان آهي جيڪو قانون جي مرڪزيت مان ختم ٿي ويندو آهي. ٻين وٽ نہ رڳو ٻنهي نظامن ۾ فرق آهي پر انهن جو بہ قسم هئڻ مستقل نوعيت جو آهي.

پهرئين نظرئي جي حامين جو دليل آهي تہ وفاقن جون ڪجهہ واضح خوبيون هونديون آهن جن جي ڪري علائقائي حڪومتن جي قيمت تي مرڪزي حڪومت جي طاقت ۾ واڌارو ٿيندو آهي. اهي اسم جن سان علائقائي خودمختياري گهٽبي آهي، اٽٿر طور مرڪزي حڪومتن جي قبضي ۾ هوندا آهن. تنهن ڪري قانون جي مرڪزيت اٽٿر آهي. مرڪزي حڪومتون ملڪي دفاع جو بندوبست ڪنديون آهن ۽ ڪين جنگ ڪرڻ ۽ امن قبول ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي. اهڙي حڪومت جنهن کي ايتري قدر شانائتا اختيار حاصل هجن. خاص طور تي مالي طور علائقائي حڪومتن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي. انهيءَ حقيقت کي نظر ۾ رکندي سيلي چوي ٿو:

"مون کي ان ڳالهہ کان انڪار آهي تہ وحداني حڪومت ۽ وفاق يا وفاقي رياستن ۾ ڪنهن قسم جو بنيادي فرق موجود آهي."

وهيئر پنهنجي ڪتاب "وفاقي حڪومت" ۾ لکي ٿو تہ اصل ڪارڻ جن سبب صوبن جي قيمت تي مرڪزي حڪومت جي سگهہ ۾ اضافو ٿيندو آهي. جنگ، اقتصادي بدحالي، معاشرتي سهوليتن ۾ واڌ ۽ آمد و رفت جي وسيلن ۽ صنعتن ۾ مشيني انقلاب آهي. جنگ ۽ معاشرتي بدحاليءَ جي تقاضا هيءَ هوندي آهي تہ انهن کي وحداني طرز سان حل ڪيو وڃي تہ جيئن مسئلن سان اثرائتي نموني منهن ڏجي ۽ انهن تي جيترو بہ مالي بوجهہ پوندو، اهو رڳو مرڪزي حڪومتون برداشت ڪنديون رهيون آهن." آخر ۾ وهيئر چوي ٿو تہ "آمد و رفت جي ذريعن ۽ صنعت ۾ انقلاب سبب هر رياست جي ڌار رهڻ بدران رياستن جي گڏيل زندگيءَ ۾ هم آهنگي هوندي آهي ۽ عمل جي گهٽي سرگرمي مرڪزي حڪومتن جي اختيارن جي دائري ۾ هوندي آهي. ايستائين جو آمريڪا ۾ ڏوهن سان منهن ڏيڻ بہ ڪانگريس جي حوالي آهي."

اهڙين حقيقتن کي نظر ۾ رکندي اهو دليل صحيح ٿو ڀانئجي تہ حقيقت ۾ ٻنهي نظامن جو فرق فقط قانوني ڍانچي جي مرڪزيت ۾ لڪل آهي. ابتدائي سطح تي قانون جي مرڪزيت وفاقي مرڪزي حڪومت ۾ ايتريقدر گهري ناهي هوندي جيتري وحداني حڪومت ۾. پر مرحليوار اها ايتريقدر استوار ٿيندي آهي تہ اصولي طور تي فرق ختم ٿي ويندو آهي. ان سلسلي ۾ پروفيسر ڪيلسن چوي ٿو تہ "عدم مرڪزيت جو اهو ئي هڪ درجو وحداني رياست ۽ وفاقي رياست ۾ فرق پيدا ڪري ٿو ۽ جهڙيءَ ريت وفاقي حڪومت وحداني حڪومت کان مختلف هوندي آهي، اهڙي ريت بين الاقوامي سطح تي رياستن جي

گروهه بندي پڻ مٿانهين درجي جي غير مرڪزيت کان مختلف هوندي آهي.

عدم مرڪزيت جي پئماني پٽاندڙ وفاقي رياست جو درجو گڏيل بين الاقوامي رياستن ۽ وحداني رياست وچ ۾ اچي ٿو. هيءَ وفاقي حڪومت هڪ اهڙي درجي جي عدم مرڪزيت پيش ڪري ٿي جيڪا اجا تائين ملڪي قانون پٽاندڙ جڙيل هڪ قوم ۽ رياست جي موافق هوندي آهي ۽ هڪ اهڙي درجي جي مرڪزيت جيڪا بين الاقوامي قانون تحت جڙيل بين الاقوامي گروهه مطابق ناهي هوندي."

اهو نظريو البت ڪيترن ئي مستند حوالن جي خلاف آهي. مثال طور وهيئر لکي ٿو: "اهو نظريو ته وفاقي حڪومت وحداني حڪومت ڏانهن رڳو هڪ وک آهي. هڪ اڳڪٿي ته ٿي سگهي ٿي پر تاريخ جو فيصلو ناهي." مجيوسين ته جنگ ۽ بدحالي، ماليات ۽ ٻاهريون واپار اهڙا سبب آهن جن جي ڪري مرڪزي حڪومتن جي سگهه ۾ واڌارو ٿيندو آهي، پر ڳالهه ان تي ئي ختم نٿي ٿئي، ان جو ٻيو پهلو هيءُ آهي ته مرڪزي حڪومتن جي اوسر سان گڏوگڏ علائقائي حڪومتون پڻ ترقي ڪنديون آهن. سمورن وفاقن ۾ علائقائي حڪومتون جيتريقدر منصبي فرض ادا ڪنديون آهن اهي فرض وفاقن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ يا ته انهن ڪڏهن ادا نه ڪيا هوندا آهن يا جيڪڏهن ادا ڪيا به هئا ته هينئر کان تمام گهٽ.

وهيئر هيئن چئي ڳالهه پوري ڪري ٿو ته علائقائي حڪومتن جي اهميت جي احساس، ذات جي شعور ۽ خودداريءَ ۾ واڌارو ٿيو آهي. هيءَ ترقي مرڪزي حڪومتن جي اهميت ۾ واڌاري سان گڏوگڏ وجود ۾ آئي آهي ۽ انهيءَ سان ئي ان کي هٿي ملي آهي. تنهن ڪري ان لاپائتي نقطه نظر سان رياست جا حق بلڪل اڻ لڀ ناهن ۽ وفاقيت چا به ٿئي ختم نٿي ٿي سگهي.

ناميارو ليڪ لاسڪي پنهنجي ڪتاب "سياسيات جا قاعدا" (گرامر آف پاليٽڪس) ۾ زور ڏيندي لکي ٿو ته "اقتدار ان ڪري وفاقي آهي ته هڪ انسان ۽ ٻئي انسان وچ ۾ اختلاف ڪڏهن به ختم نٿا ٿين." ان اصول کي لاسڪي ايتري قدر بهتر نموني پيش ڪيو آهي جو تفصيل سان حوالو ڏيڻ ضروري آهي:

"بطور انسان اسان ڪڏهن به ڪنهن رشتي ۾ مڪمل طور نٿا ٻڌجون. اسان سان لاڳاپيل ڪو حلقو اهڙو ضرور هوندو آهي جيڪو اسان کي ٻين کان ڌار ڪندو آهي يا وڌ ۾ وڌ ٻين سان اسان جو ميل ميلاپ جزوي ٿي سگهي ٿو." معاشرتي طور اسان دنيا ۾ جيڪا يڪجهتي ڏسون ٿا اها ڪڏهن به مڪمل نه ٿيندي آهي. ٿوري عرصي لاءِ اسان سڀ هڪ ئي منزل جي خواهش ڪري سگهون ٿا پر اها هڪ منزل رڳو چوڻ لاءِ هوندي آهي. جيڪا زندگي منهنجي لاءِ سٺي آهي اها اوهان لاءِ ايتري سٺي نٿي ٿي سگهي. ان ۾ ڪجهه مشابهت البته ضروري آهي جيڪا معاشرتي سڪون کي اثرائتو ۽ جٽادار بڻائي ٿي پر مشابهت يڪجهتيءَ جو درجو نٿي رکي. جن شين جي اسان کي ضرورت آهي ان جو گڏوگڏ پورائو ضروري ڪونهي.

اسان جا تعلقات هڪ اهم گيت جي سُرن جي عظيم آهنگ وانگر ناهن جنهن ۾ اهميت آخري تاثر جي ادائيگيءَ جي هوندي آهي. اسان جي تجربي جو هر جزو اسان جي حق ۾ هڪ سچائي آهي، تنهن ڪري هر جزي سان وابستگي اسان جي شخصيتن جي وفادارين جي هڪ نظام ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي. ان ڳالهه جو فيصلو اسان مان هر هڪ کي ڪرڻو آهي ته اهڙي نظام ۾ توازن ڪيئن برقرار رکي سگهجي ٿو جنهن تي ڪنهن به وقت عمل جو بار وجهي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته اهو نظام فقط ۽ فقط اسان جو آهي.

منهنجي خيال ۾ ان مان جيڪو سياسي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو اهو واضح آهي. هڪ سماجي تنظيم کي جيڪڏهن ان جي موزونيت گهربل هجي ته اهو لازمي طور وفاقي هجڻ گهرجي. ان سانچي جي لپيٽ ۾ رڳو منهنجي ذات، گروهه ۽ رياست ڪونهي پر اهي سڀ ۽ انهن سان لاڳاپيل رشتا ناتا پڻ اچي وڃن ٿا.

ان طريقي سان مملڪت معاشرتي تڪميل جي صحيح معنيٰ ۾ ٻگولائو ٿي سگهي ٿي، اُها ڪجهه ڳاڻ ڳڻين ماڻهن جو اوزار بڻجڻ کان باز اچي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته سندن "مرضي" تمام گهڻن ماڻهن جي خواهش تي ٻڌل هوندي، اها اثرائتي ٿيندي انهن ماڻهن لاءِ جن جو اقتدار سندن مطالبن کي ترت ۽ نهايت شديد بڻائيندو آهي، بلڪ اهي سيئي جيڪي ڪي قدر انفراديت رکن ٿا، تحفظ ۽ پڪيڙ حاصل ڪندا ۽ پنهنجي خواهشن جي بيان ۽ وضاحت تي قدرت رکندا. ڪين ان ڳالهه جو احساس ٿي سگهندو ته سندن خواهشن جو احترام ان ڪري نٿو ڪيو وڃي جو هو ڪنهن معاشي دٻاءَ جي نمائندگي ڪن ٿا، بلڪ ان ڪري ته اهي خواهشون معاشرتي اهميت رکن ٿيون. سندن زندگيءَ جي تجربن ۽ انهن تجربن جي اهميت جيڪا انهن وٽ آهي اهي سڀ

خاطر ۾ آنديون وينديون.

ان قسم جي مملڪت صحيح معنيٰ ۾ ڪنهن قوم جي رهنما هوندي. ان جا مختلف مقصد اتحاد جا مناسب ذريعا رکن ٿا جيڪي ان جي خوشحاليءَ جو سبب بڻجن ٿا. اها يڪسان قانون لاڳو نه ڪندي. ان ڪي مڃڻو پوندو ته مادو ايترو قسمين قسمين آهي جو اهو اهڙي سادگيءَ وارو نٿو ٿي سگهي. هڪ اهڙي مملڪت ۾ سياست جو فن عام طور تي فقط ڪجهه ماڻهن ڪي ئي ايندو هجي، اها ڪڏهن به اڪثريت ڪي خوش نٿي رکي سگهي، ڇاڪاڻ ته اها صحيح طور تي ڪڏهن به اڪثريت جي ضرورتن جو اندازو نٿي ڪري سگهي. اها سندن ضرورتن جو تصور رڳو ان مفروضي تي ڪندي آهي ته سندس پنهنجن آمرن جون خواهشون انهن ضرورتن مطابق آهن. مقصد اهو ڪونهي ته ڪنهن هڪ يا ٻئي نظرئي جي حمايت ڪجي، تنهن هوندي به جيڪڏهن رڳو بحث خاطر اسان اهو مڃي وٺون ته اهو امتياز ۽ فرق رڳو عارضي آهي، تڏهن به ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙيون حالتون موجود آهن جن جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور ئي سهي وفاقي حڪومت جو قيام ضروري آهي.

جيڪڏهن وحداني طرز حڪومت ڪي هڪ غير مرڪزي معاشري مٿان ٿاڦيو به وڃي تڏهن به اهو پنهنجي اصليت برقرار نه رکي سگهندو. هٿرادو طور تي جيڪڏهن مرڪزيت جي عمل ۾ تڪڙ ڪئي وڃي ته مشابهت جا امڪان هميشه لاءِ خطري ۾ پئجي ويندا، تنهن ڪري اهو عبوري دور بذات خود بنيادي اهميت رکي ٿو ۽ انهيءَ سان ئي وفاقي طرز حڪومت جي ضرورت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اهو عام جائزو وٺڻ ڪانپوءِ هينئر اسان انهن مخصوص صورتن جو جائزو وٺون ٿا جن ۾ وقتي ضرورتن ۽ لاڳاپيل حالتن وفاقيت کي اٽڪر بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪا ۾ ملڪ جي وسعت، مختلف نسلن جي گڏجڻ ۽ مملڪت ۾ شامل رياستن سان ڌارين قومن مثلن برطانيه، فرانس ۽ اسپين جي رشتن ناتن وفاقيت کي يڪجهتي ۽ قومي احساس جو ٿنڀو بڻائي ڇڏيو آهي.

روس جو مثال سڀني کان وڌيڪ واضح آهي. مارڪس ۽ اينگلز وفاقيت بابت منفي نظريا رکندا هئا. سندن خيال ۾ ان نظام سان آزاد وفاقيت جي بقا ۽ سماجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جي صورت پيدا ٿيندي آهي. اينگلز لکي ٿو: ”پرولتاري (غريب ماڻهو) فقط هڪ ٻي نه ورهائجي سگهندڙ جمهوريت جو طريقو رائج ڪري سگهن ٿا.“ پر واضح نطرين باوجود مارڪس ۽ اينگلز وفاقيت کي بلڪل رد ناهي ڪيو. هنن مڃيو آهي ته مخصوص حالتن ۾ وفاقيت سان ڪجهه اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي ۽ يڪجهتيءَ جي سلسلي ۾ اها هڪ ڪڙيءَ جو ڪم ڏئي سگهي ٿي، گڏوگڏ مرڪزي وحداني رياست جي ارتقا ۾ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.

روس ۾ ان جي وجود ۾ اچڻ کان هينئر تائين مڃيل طور تي وفاقي طرز حڪومت آهي، تنهن ڪري مارڪس ۽ اينگلز جي نظرين جي روءِ سان هيءَ مملڪت پنهنجون ارتقائي منزلون طئي ڪري رهي آهي ۽ اينگلز جي هڪ ٻي اڻ ورهائجي سگهندڙ جمهوريت جي اٽڪر منزل سندس آڏو آهي. انهن سگهارن راين ڪي نظر ۾ رکندي روسي اڳواڻ ساراهه جوڳا آهن جو انهن پنهنجن مخصوص حالتن جو ڏاهپ سان اڀياس ڪيو جنهن ڪري ڪين وفاقي آئين جوڙڻ تي مجبور ٿيڻو پيو.

1917ع کان هينئر تائين لڳاتار دستورن (آئينن) سبب وفاقيت ايشيا کان وٺي يورپ تائين ڪيترن ئي ملڪن جي ڪيترين ئي قومن ڪي سندن مخصوص تاريخ، روايتن، مذهب، نسلي رواجن ۽ ٻوليءَ باوجود جاگرافيائي ايڪي جي شڪل ڏني آهي. لينن جيڪو ڪنهن وقت وفاقيت جو مخالف هو، هڪ موقعي تي چيائين:

”اڪثر ايئن ٿيندو آهي ته وفاق ڪي جيڪڏهن صحيح جمهوري رنگ ڏنو وڃي ته وفاق جي جوڙجڪ حقيقي جمهوري مرڪزيت لاءِ هڪ عبوري اُپاءُ ثابت ٿي سگهي ٿي. روس جو مثال چڱيءَ طرح واضح ڪري ٿو ته جيڪو وفاق اسان رائج ڪيو آهي، انهيءَ سان ئي روس جي مختلف قوميتن جي سگهاري اتحاد ۽ روسي مملڪت جي جمهوري ۽ مرڪزي بڻجڻ ۾ مدد ملندي.“

استالن جيڪو پاڻ هڪ اقليتي قوميت سان لاڳاپيل هو سندس آڏو هڪ ته شامل ٿيندڙ قوميتن جي معاشي، سياسي ۽ سماجي خودمختياري ۽ غريبن جي جوڙيل حڪمرانيءَ جو مسئلو هو ۽ ٻئي طرف هڪ سگهاري پرولتاري آمريت جو. استالن مقامي خودمختياريءَ تي جيڪو زور ڏنو آهي ان جو تت هن پاڻ ئي بيان ڪيو ته:

”هڪ رياست جي صورت ۾ ماڻهن جو انضمام تيستائين جٽادار نٿو ٿي سگهي جيستائين ماڻهو رضاڪارانه طور تي اهڙو

فيصلو پاڻ نہ ڪن. انهيءَ ڪري هر ايڪي جو پنهنجو آئين آهي جيڪو وفاقي آئين سان مطابقت رکي ٿو. ان جي پرڳڻي جي حدن اندر ان جي اجازت کان سواءِ ردوبدل نٿي ڪري سگهجي ۽ اهو حق ڪيس حاصل آهي تہ هو آزادانہ طور تي روس کان ڌار ٿي وڃي."

گڏيل هندستان جو 1935ع وارو آئين وفاقي هو جيتوڻيڪ ڪي ماڻهو ان کي نيم وفاقي چوڻ پسند ڪندا. جن ماڻهن اهو وفاقي آئين جوڙيو هو انهن آڏو هندستان جي صوبن ۽ رياستن ۾ مذهب، ٻولي ۽ سماج جي اختلاف کي نظر ۾ رکندي متبادل طرز جو آئين ناهڻ جي گنجائش بہ نہ هئي.

اهڙن ئي سببن جي ڪري 1950ع جي آئين ۾ پڻ وفاقيت جي اصول کي نظر ۾ رکيو ويو هو. ان کان سواءِ هندستان ۾ شامل صوبن کي پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي وئي هئي، بلڪ ان جي ابتڙ آندرا جو وڌيڪ هڪ صوبو جوڙيو ويو.

پاڪستان ۾ آئين سازيءَ جو مسئلو پنهنجو مٽ پاڻ رهيو آهي. اقتدار تي قابض ڌرين رڳو ڳالهيون ڪري پئي وقت ٽپايو آهي. ورهاڱي کان اڳ قائداعظم چٽن لفظن ۾ اعلان ڪيو هو تہ پاڪستان ۾ شامل اڪائين کي آئين جي ذريعي برابري ۽ خودمختياري ڏني ويندي. پاڪستان جي باني جي نظر ۾ وفاقي آئين هو ان ڪري ٻين طرز حڪومتن خلاف تعصب ڪونہ هو پر هن پڪو پهہ ڪيو هو تہ ملڪ کي اهو ئي آئين ڏنو وڃي جيڪو ان جي عوام سان فطري طور ٺهڪندڙ هجي.

اسان جي ڪجهہ غير مرڪزي معاشري ۾ نسلي، لساني ۽ سماجي اختلافن ۽ اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان وچ ۾ هڪ هزار ميلن جي فاصلي سبب رڳو وفاقي طرز حڪومت ئي ماڻهن ۾ معاشرتي استقامت جي واڌ ويجهہ ڪري سگهي ٿي.

اڻ ورهايل هندستان هڪ قوم نہ هو پر هڪ کنڊ (براعظم) هو جنهن ۾ ڳتيل آبادي ۽ ٻولين جي گهڻائي يورپ وانگر هئي. هتان جي ٻولي ۽ نسل، ادب ۽ مذهب، ريتون رسمون ۽ هنر سڀ پانت پانت جا هئا. هر حملي آور انهن علائقن تي پنهنجا نقش ڇڏيا هئا جنهن کين اجاڙيو هو. مختلف نسلن جي ميل ميلاپ جنهن جون پاڙون پٿر جي دور سان وڃي ملن ٿيون، آخرڪار تهذيبن کي هٿي ڏني.

مغلن جي دور جي شروعات کان اڳ هندستان کي هڪ اڪائيءَ جي لڙهيءَ ۾ پوئڻ جي ڪا بہ اجتماعي ڪوشش نہ ڪئي وئي هئي. جڏهن مغل اهو عظيم ڪارنامو سرانجام ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ سندن زوال جو دور شروع ٿيو ۽ هو پنهنجي سلطنت کي سگهارو بڻائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيا.

برطانيہ شهنشاهيت پاران پنهنجي ماتحت رياستن ۾ "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جو اصول رائج هو. ڏيڍ صديءَ کان وڌيڪ عرصي تائين انگريز حڪمرانن جي ان بنيادي اصول پاڻ ۾ ڦڏيندڙ قوتن کي دٻائي رکيو هو. شايد ڪجهہ ماڻهن جو اهو خيال هجي تہ هندستان کي راجا اشوڪ جي دور ۾ اتحاد نصيب ٿيو هو پر اهو دليل بلڪل غلط آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اهو عظيم موريا بادشاهہ ننڍي کنڊ جي اتر کان تامل پرڳڻي جي ڪناري تائين پنهنجي حڪومت وڌائڻ ۾ سوڀارو بہ ٿي ويو هو پر سندس دور ۽ اورنگزيب جي دور ۾ هندستان کي وري هڪ مرڪزي حڪومت ڏيڻ دوران ڪيترين ئي صدين جو وقفو پئجي ويو. لڳ ڀڳ 240 ق. م کان 1700ع تائين هندستان مختلف نسلن جو مجموعو رهيو آهي. جيڪڏهن اشوڪ پنهنجي شاندار حڪومتي دور ۾ قومي شعور جو هڪ اهڃاڻ قائم ڪيو بہ هو تہ اهو مغل سلطنت قائم ٿيڻ کان اڳ ئي ختم ٿي چڪو هو.

ان کان سواءِ قوميت جي جنهن تصور کان اسين واقف آهيون اهو گپت راجائن جي دور ۾ بلڪل اڻلڀ هو ۽ انهيءَ مان ئي انهن قديم دورن ۾ مضبوط مرڪز وسيلي قومي استحڪام جي ڪا شعوري ڪوشش ڪونہ ڪئي وئي هئي.

جواهر لعل نهرو جيڪو بہ قومي نظريي جو سخت مخالف هو پنهنجي ڪتاب "ڊسڪوري آف انڊيا" ۾ هندستان ۾ پانت پانت ورچ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"هندستان ۾ شديد قسم جو تنوع (پانت پانت نسل ۽ قومون) آهي ۽ هر سطح تي پڌرو آهي. ان جو تعلق رهڻي ڪهڻي ۽ ريتن رسمن سان آهي. ظاهر ۾ اتر اولهہ جي پٺاڻن ۽ ڏکڻ جي تاملن ۾ ڪو بہ گڏيل قدر ڪونهي، سندن نسلن جا نسل مختلف آهن. انهن ۾ ڪي عنصر گڏيل ٿي سگهن ٿا پر هو شڪل ۽ شباهت، کاڌي ۽ پوشاڪ ۽ ٻوليءَ ۾ بيشڪ هڪ ٻئي کان مختلف آهن." ان بحث مان نهروءَ جيڪو پنهنجو مخصوص نظريو جوڙيو انصاف جي تقاضا اها آهي تہ ان جو بہ حوالو ڏجي، نہ تہ ان بابت غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي.

"انهن سيني اختلافن باوجود پٺاڻن تي هندستان جو نقش ختم نہ ٿيو آهي ۽ تاملن تي پڻ اهو نقش پليءَ پٽ واضح آهي."

اهي گهرا ۽ واضح اختلاف هندستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ بہ وساريا ناهن ويا، جيتوڻيڪ اسلام جي مٽاهين سگهہ. نسل، معاشرت، ٻولي ۽ رسمن جون سگهاريون رڪاوٽون هڪ آزاد مملڪت جي وجود خاطر ختم ڪري ڇڏيون، پوءِ بہ رياستن جون اندروني دوريون ۽ امتياز جيڪي شروع زماني کان هئا، ختم نہ ٿيا. اسلام جي اها منشا ناهي تہ آمرانہ طريقن سان يڪسانيت پيدا ڪئي وڃي. ان جي واٽ خوداختياري آهي. پاڪستان بہ انهيءَ طرح جي ابدي ۽ سچن طور طريقن سبب وجود ۾ آيو.

اسلام جو عظيم روح جبر ۽ اڪراه جي گدلاڻ وارو رستو نٿو وٺڻ چاهي، تنهن ڪري ثقافتن ڪي ڏاڍ سان هڪ رنگ ۾ رڱڻ هڪ لحاظ سان مذهب جي انحراف برابر آهي.

اسلام جي روشن تاريخ شاهد آهي تہ جيڪي پرڳڻا وقت سان گڏ اسلام جي آغوش ۾ ايندا ويا اتي ڪڏهن بہ آمرانہ معيار تحت مڙهيا نہ ويا. اسلام جي عظيم ورثي جا چشما بي لطف نشو و نما ۽ بيزار ڪندڙ ڪٽر اصولن مان نہ ڦٽندا آهن، پر قسمين قسمين ثقافتن ۽ قدرن جي اثر انگيز ميلاپ سان عبارت آهن. وچئين دور جي تنگ نظر عيسائيت جي ابتڙ اسلام ۾ جيڪا بردباري ۽ بي تعصبي آهي، ان مسلمانن کي عالمگير وصفن سان سرشار ورثو عطا ڪيو آهي.

اسلام جو روح پنهنجي اصل جي لحاظ کان جيتوڻيڪ عربي آهي پر اهو عربي رسمن ۽ روايتن تائين محدود ڪونهي. اهو لڳ ڀڳ سيني مشرقي قومن ۽ مغرب جي چڱي خاصي ميلاپ جو احاطو ڪري ٿو. عام طور تي اسلام جا مجاهد پنهنجن مخالفن سان حد درجي جي رواداري ۽ تحمل سان پيش ايندا هئا. انهن نہ رڳو مفتوح ماڻهن جي ٻولي ۽ ثقافت کي صحيح ۽ سالم رکيو پر انهن جي جاگرافيائي ايڪن جو پڻ لحاظ رکيو. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي تہ هن سڀ انتظامي مامرا مقامي ماڻهن حوالي ڪري ڇڏيا، رڳو اهو شرط لڳايو تہ بغداد جي اقتدار کي تسليم ڪن.

اسلامي معاشرت جي بناوٽ جو محور بنيادي طور وفاقيت جي اصول جو عملي طريقو آهي. مفروضي جي طور تي جيڪڏهن اڄ بہ عرب ملڪ هڪ مربوط ايڪي ۾ گڏجڻ چاهين تہ اهي رڳو وفاقيت جي بنياد تي ئي ايئن ڪري سگهن ٿا. ان حقيقت باوجود تہ عربن وچ ۾ يڪسانيت ۽ رشتا تمام گهڻا آهن. مثال طور مذهب، ٻولي ۽ نسل جا رشتا پر جيڪڏهن هو گڏجڻ بہ چاهين تہ ان جي صورت هڪ لچڪدار وفاق واري هوندي جنهن ۾ شامل ٿيندڙ رياستن جي خودمختياريءَ جو دفاع هڪ بنيادي قانون وسيلي هوندو. بيشڪ ان قسم جي گڏجڻ سان عربن ۾ اتحاد پيدا ٿيندو ۽ شامل رياستن جي برابريءَ جي ضمانت پڻ ٿيندي. رڳو وفاقيت اهڙي خلوص ڀريي اتحاد وارو فارمولا آهي. ان ڪري تہ ان باوجود جو ڪجهہ ماڻهو ڪٽي چا بہ چون پر وفاقيت يڪجهتي (ٻڌيءَ) جو خبط نٿي ٿي سگهي، پر وسيع تر اتحاد جي اندر مختلف ثقافتي ورثن جو بچاءُ ڪندڙ هوندي آهي.

تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اتحاد جي تصور جي بنيادي مشابهت اختلافن جي اڀَٿهوند سان ٿئي تہ تمام وڏو وحداني آئين پڻ غير موزون ٿيندو. پر جيڪڏهن اتحاد جي معنيٰ هيءَ هجي تہ هڪ جاگرافيائي وجود جا ماڻهو بنيادي وفاداريون تسليم ڪري وٺن تہ پوءِ انهن وفادارين جي بچاءَ جو بهترين رستو وفاقيت وسيلي ممڪن آهي ۽ خاص طور جڏهن مرڪزيت جو معيار ايترو اوچو نہ هجي تہ وحداني حڪومت کي هڪ اڻ ورڇجندڙ مرڪز مان اقتدار استعمال ڪرڻو پوي.

اهڙين بنيادي حقيقتن کي ميڃيندي ئي 1940ع واري لاهور ٺهراءَ ۾ اهو واضح ڪيو ويو تہ پاڪستان ۾ هڪ وفاقي حڪومت هوندي. قرارداد مقاصد جيڪا قائداعظم جي پيروسي جوڳي ۽ لائق نائب پيش ڪئي هئي، ان ۾ پڻ ان واعدي کي غير مبهم لفظن ۾ ورجايو ويو.

چوڏهن ورهين کان وڌيڪ عرصي تائين مسلم ليگ جي ذميدار اڳواڻن عاقبت انديشيءَ کان ڪم وٺندي وفاقي آئين ناهڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو. روحاني حالتن ۽ ماضيءَ جي تجربن گڏجي وفاقيت جي واٽ کي اڻٽر بڻائي ڇڏيو آهي.

ڪيوبڪ ۽ اوڀر بنگال ۾ مطابقت جي وڏي اهميت آهي. جيئن ڪيوبڪ ماڻهن جي اها وڏي جذباتي خواهش آهي تہ هو ڪئنيڊا جي قوميت ۾ رهي ڪري بہ پنهنجي ثقافت، نسل ۽ ٻوليءَ جو بچاءَ ڪن، ان جي ايتري ئي اهميت آهي جيتري اڀرندي پاڪستان جي رهاڪن جي. هڪ اهڙو آئين جنهن ۾ محسوسات جي پرواهہ نہ ڪئي وئي هجي، بغاوت جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

اهڙين لافاني حالتن کي نظر ۾ رکندي وفاقي آئين جي مخالفت جي بلڪل توقع نہ هئي. انساني اجتماعي تقاضائن جي

تعين جي سلسلي ۾ منطقي جبر محفوظ ۽ رهنما وسيلو ڪونهي. البت موجوده خاص صورت ۾ اڻ ڳڻين تقاضائن وفاقيت کي اٽتر ٻڌائي ڇڏيو آهي پر ڪي ذهن حيلا ڪيدي ونن ٿا. ان سلسلي ۾ مسٽر ممتاز دولتانه (اڳوڻو وزيراعليٰ پنجاب)، 23 اپريل 1954ع تي پاڻ ئي اقرار ڪيو هو "مون پاڪستان لاءِ سدائين وحداني طرز حڪومت جي وڪالت ڪئي آهي، جيتوڻيڪ مان اقليت ۾ رهيس."

هن رڳو ان تي ئي قناعت نه ڪئي پر وفاقيت تي هينئين لفظن ۾ خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

"جيستائين منهنجو تعلق آهي مون هميشه ڪنفيڊريشن يا عملي طور تي ان جي ويجهو ويجهو طرز حڪومت جي مخالفت ڪئي آهي. هڪ صوبي جي ناتي کي رڳو انهيءَ صوبي لاءِ واهپي ۾ آڻڻ جو مسئلو ۽ صوبي سان لاڳاپيل مرڪزي نوڪرين کي انهيءَ صوبي جي شهرين تائين محدود ڪرڻ ايترو ئي ڪل جوڳو آهي، جيتري اها رٿ ته پنجاب جا سپاهي رڳو پنجاب جي دفاع لاءِ استعمال ٿين يا اهو ته هڪ صوبي جي وسيلن ۽ آباديءَ جي مدد سان جيڪو پبلڪ فنڊ گڏ ٿئي اهو رڳو ان صوبي يا علائقي جي مفاد ۾ استعمال ڪيو وڃي. منهنجي خيال ۾ ان قسم جي محدود صوبائيت پاڪستان جي صوبن ۽ اسانجي عظيم خطي ٻنهي جي ڀلائيءَ لاءِ تباهه ڪندڙ آهي."

وفاقيت بابت ان کان وڌيڪ غلط راءِ نٿي ملي سگهي. ٽن غير معمولي مهينن دوران ان قسم جي خطرناڪ حد تائين غير فطري ۽ سادين تشريحن سبب هڪ پوائتي تبديلي وجود ۾ آئي آهي. ان دوران اولهه پاڪستان ۾ مسٽر دولتانه جو هيڪلو آواز گوڙ ڪندڙ سُرن جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. جان دي ٻپنسٽ وانگر پنجاب جو اڳوڻو وزيراعليٰ اولهه پاڪستان جي عوام کي ان قسم جي ترغيب ڏيڻ ۾ سوپارو ٿيو آهي ۽ هاڻي قوم کي ڪنهن اهڙي مسيحا جو انتظار آهي جيڪو هن ٻنجر سرزمين کي زرخيز رنگينيءَ ۾ بدلائي ڇڏي.

جان اسٽورٽ مل چيو آهي ته "سياسي ادارا انسانن جي تخليق آهن ۽ انهن جو سرچشمو ۽ انهن جو وجود انساني عزم سبب آهي. ايئن ڪونهي ته انسان هڪ خوشگوار صبح جو ننڊ مان اٿيو ته هيءَ سڀ موجود ڏٺائين. نه ان جو مثال وڻن جهڙو آهي جيڪي هڪ ڀيرو پوکيا وڃا ۽ انسان جي ننڊ دوران به اهي وڌندا رهيا. پنهنجي وجود جي هر مرحلي تي اهو رڳو انسان جي ارادي وسيلن سان جڙندا آهن." (جيڪڏهن مسٽر دولتانه جي راءِ صحيح آهي ته پوءِ) اسٽورٽ مل فاش غلطيءَ جو شڪار هو.

1954ع جي هڪ خوشگوار صبح جو وفاقيت جو اصول جيڪو پنهنجي اوسر ۽ ارتقا جي هر درجي تي انساني ارادن جي وسيلن سان وجود ۾ آيو هو ان کي سياستدانن جي هڪ سگهاري ٽولي اوچتو بلڪل ناقص قرار ڏئي ڇڏيو. وفاقي آئين جي جوڙجڪ دوران ان جون ڏڇيون اڏاريون ويون ۽ هڪ بي مثل معجون مرڪب (ون يونٽ) پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ۾ مغربي پاڪستان جي وحدت جي ڪجهه اهڙي گنجائش رکي وئي آهي جڻ ته اڻ ٺهندڙ طريقي سان ناهه جوڙيو ويو آهي يعني وفاقي ۽ وحداني طرز حڪومت ۾ ميلاپ جي اٽڪل ڪئي وئي.

عوام کي ان رٿ جي سنائين ۽ خامين تي غور ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کان سواءِ ۽ ان معجون مرڪب جو ڪو مسودو فراهم ڪرڻ کان سواءِ قوم کي "آخري فيصلو ڏيڻ" جهڙي صورتحال ۾ آڻڻ جي اٽڪل ڪوشش ڪئي وئي.

ان نئين منصوبي کي مرتب ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ وارن عمومي ۽ مبهم پروپيگنڊا وسيلي اهو گوڙ اٿاريو ته اولهه پاڪستان کي هڪ وحدت ۾ پوئڻ سان صوبائي تعصب جو خاتمو ٿيندو ۽ قومي خرچن ۾ گهٽتائي ايندي. حقيقت هي آهي ته ان منصوبي کي عملي جامو پارائڻ سان انتشار جي صورت پيدا ٿيندي. ان کانسواءِ ان رٿ سان 1940ع جي تاريخي قرارداد لاهور ۽ "قرارداد مقاصد" جي نفي ٿيندي. رياست ڪشمير ۽ جيڪڏهن ڪڏهن پاڪستان ۾ شامل ٿي ته هيءَ رٿ ان لاءِ ناقابل قبول هوندي.

اها ڳالهه واضح آهي ته ڪشمير پنهنجي خودمختياريءَ جي حفاظت ڪرڻ تي پختويقين رکي ٿو. ان مسئلي تي هندستان سان سندس ڇڪتاڻ ايتريقدر پڌري آهي جو هتي ان جو ورجاءُ ضروري ڪونهي. ان جي توقع مورڳو ڪونهي ته ڪشميري اڳواڻ پڻ پنهنجن اعتقادن ۽ جذبن کان منحرف ٿي سگهندا جن جو اعلان هو سالن جي ڪٺن جدوجهد دوران ڪندا رهندا آهن. ڇا اسان کي ڪشمير مامري بابت ترجيحي ورتاءُ رکڻو آهي ۽ ان جو درجو اوپر بنگال برابر تسليم ڪرڻو آهي؟ ڇا اسان ڪشمير کي مورڳو وساري ويٺا آهيون ۽ ڪشمير سميت اولهه پاڪستان جو تصور اسان جي پيش نظر ناهي؟

هڪ وحدت (ون يونٽ) جي چوڏاري ناچ هڪ وڻندڙ صورت وٺي ويو. ٻين سمورن حڪومتي طرزن، خاص طور وفاقيت کي قوميت جي ابتڙ سمجهيو ويو ۽ ايترين پرزور تاڙين جي گونج ۾ نئين نظام تي سمجهوتو ناممڪن نظر پئي آيو.

پر اها ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي ته جڏهن ان منصوبي جي مخالفت زور ورتو ته اولهه پاڪستان وحدت جي حامين جي هڪ وڏي انگ هڪ متبادل منصوبو آندو، جنهن کي انهن اڻڄاتل سمجهه جي بنياد تي "زونل سب فيڊريشن" جو نالو ڏنو. اها چرڪائيندڙ قلابازي سندن اصولن جي ڏيوالپڻي جو مظهر هئي. ايئن اولهه پاڪستان جي عوام کي هڪ بي بيوقوفي خاموشيءَ سان سهڻي پئي. (حقيقت پسنديءَ کان) ان بيجا حد تائين وسيع پرهيز مان جيڪا واٽ نڪتي ان نقصان کي هاڃي ۾ بدلائي ڇڏيو. زونل سب فيڊريشن جا نمايان خدوخال اهڙا هئا جن جي ڪا به سند تاريخ مان نٿي ملي ۽ ان مدي خارج نعري سان صوبائي تعصب جو خاتمو ٿيندو، کان سواءِ ان جو ٻيو ڪو به تفصيل نٿو ملي.

ان جي ظاهري خاڪي مان تاثر ملي ٿو ته اهو مٿانهين وزني لوازمات جو سبب بڻيو جنهن ڪري حڪومت تي خرچن جا پهاڙ ڪرندا. جن ماڻهن ون يونٽ منصوبي جي ان ڪري حمايت ڪئي ته ان سان خرچن ۾ گهٽتائي ٿيندي، دراصل هي اهي ئي ماڻهو هئا جيڪي ٻي متضاد رٽ جا پڻ حامي رهيا آهن جيڪا قومي خزاني کي خالي ڪرڻ پويان هئي اهوئي ان بيباڪيءَ جو خلاصو هو.

سياسي رنگن روپن جي مٿا سٿا ايئن پئي ٿئي جو هينئر تائين زونل سب فيڊريشن جي رٽ پڻ پاسيرو ڪئي وئي آهي ۽ ون يونٽ جو منصوبو وري ٻيهر آڏو آيو آهي. ڇڪتاڻ ۾ ڪشمڪش واري دور کانپوءِ ون يونٽ جي حامين کي وري سياسي برتري حاصل ٿي وئي آهي. هڪ اڳوڻو وزير جيڪو پنهنجو پاڻ کي ان تصور جو خالق چوي ٿو فرمائي ٿو ته نوشته ديوار صاف ظاهر آهي ۽ صوبائي تعصب جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي.

ان جي قيمت ڪٽي ڪيتري به ڇڪائڻي پوي، هڪ ديوار تي اِها لکت بلڪل پڌري آهي پر جيستائين صوبائي عصبيت جي ازالي جو سوال آهي ته ان ۾ وڏو شڪ آهي. ٻن وڏين صوبائي اڪائين جي صوبائي مقابلي مان هڪ نئين فڪر جنم ورتو جيڪو صوبائيت جي بت شڪن هجڻ جو دعويدار آهي. جيڪڏهن اهو لاڳو ڪيو ويو ته بيشڪ ننڍين اڪائين جون جاگرافيائي حدون ختم ٿي وينديون پر پڪ سان اهو پڻ چئي سگهجي ٿو ته صوبائي عصبيت مستقل صورت اختيار ڪري وٺندي.

صوبائي عصبيت هڪ خطرناڪ بيماري آهي ۽ ان جي سگهاري ٿيڻ جا ڪارڻ ٻين سببن کان سواءِ سخت دٻاءَ جا اهي حربا پڻ آهن جيڪي ون يونٽ ۽ زونل سب فيڊريشن جي منصوبن لاڳو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا. جاگرافيائي حدون هڪ حڪم سان ختم ڪري سگهجن ٿيون. پر ثقافتي فرق جي صفائي قانونسازي يا انتظامي ضابطن سان ممڪن ناهي.

اِها ڳالهه بيڪار آهي ته تاريخ جي ڌارا جي ابتڙ هلي سگهجي ٿو. تنوع جي حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ حڪومت جي جوڙجڪ ان ريت هجڻ گهرجي جو ماڻهن جي خوشحالي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هجي.

پاڪستان جي اڪائين کي ڀلي گهٽايو پر ثقافتي، جاگرافيائي ۽ تاريخي نسبتن جي بنياد تي ئي ايئن ٿيڻ گهرجي آمريت جي بنياد تي نه. ڪجهه تضاد جيڪي صوبن جا پنهنجا گهڙيل آهن، ختم ڪرڻ سان خرچن ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي. ان قسم جا ميلاپ منطقي پڻ آهن ۽ جائز به. گڏوگڏ وفاقي عنصر لاءِ خطري جو سبب پڻ ڪونهن. انهن بي قاعدگين جي صحت کان سواءِ رڳو ميلاپ جون ڪوششون افراتفريءَ کي جنم ڏينديون. وفاقيت ڪنهن عيش پسند ڪنواريءَ وانگر ڪانهي جنهن جي موهت ۾ پسند تي ماڻهو اختلاف رکندا هجن. ڪنهن آئيني تصور ۾ وهم جو تصور به نٿو ڪري سگهجي.

حقيقت هيءَ آهي ته وفاقي تجربي کي ڪاميابيءَ سان انهن ملڪن ۾ آزمايو ويو آهي جتي عدم مشابهت جو وجود آهي. جيڪڏهن رڳو ٻن مثالن تي قناعت ڪجي ته آمريڪا ۽ روس جا مثال تاريخ جي ورقن تي چٽيل آهن. انهن ٻن عظيم جمهوري ملڪن ۾ شاندار معاشي، سياسي ۽ معاشرتي ترقي حاصل ڪئي وئي آهي. اها ترقي وفاقيت جي ئي بدولت آهي.

بيشڪ اهو وقت پري ڪونهي جڏهن انهن ملڪن ۾ اسان جي ملڪ سميت ارتقا جي سنگدل عمل سان هڪ گڏيل نظام وجود ۾ ايندو، جيئن انگلستان ۾ ٿيو. هي اهو وقت آهي جڏهن عبوري دور پنهنجي اوج تي پهچي ٿو.


# سنڌ ترقيءَ جي راهہ تي گامزن

هدايت الله سومرو

اڄ اسين پنهنجي پياري ملڪ پاڪستان جي 75 سالن گذرڻ تي ان جي ڊائمنڊ جوبلي ۽ جشن ملهائي رهيا آهيون. گذريل عرصي دوران جتي پاڪستان جي ٻين صوبن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون آهن، اتي سنڌ جي ترقي پڻ هڪ ڪليل حقيقت آهي. ڪنهن بہ خطي جي ترقيءَ جو دارومدار جن شعبن تي هجي ٿو انهن ۾ تعليم، زراعت ۽ صنعت خاص طور تي اهم آهن. ڏٺو وڃي تہ سنڌ صوبي 1947ع ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کان وٺي، گذريل 75 سالن ۾ زندگيءَ جي لڳ ڀڳ سيني شعبن ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. اچو تہ ان جو مختصر طور جائزو وٺون.

## تعليم:

تعليم ملڪ جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ افرادي قوت جي تياريءَ جي سلسلي ۾ هڪ اهم شعبو آهي. پاڪستان جي قيام (1947ع) وقت سنڌ ۾ فقط هڪ يونيورسٽي، 3 ڪاليج ۽ 20 هاءِ اسڪول هئا. جڏهن تہ اڄ سنڌ ۾ پرائمري، مڊل ۽ سيڪنڊري سميت ڪل اسڪولن جو تعداد 49082 آهي، غير هنري ڪاليج 293، پروفيشنل ڪاليج 86، ٽيڪنيڪل تعليمي ادارا 253 ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ اسٽيوٽا تعليم ڪاتي حڪومت سنڌ جي ماتحت تعليم جي واڌ ويجهہ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن. اعليٰ تعليم جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ 26 سرڪاري ۽ 32 خانگي يونيورسٽيون ڪم ڪري رهيون آهن.



سنڌ سرڪار جي انتظام هيٺ قائم يونيورسٽين جا نالا هيٺين ريت آهن:

(1) بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي، روهڙي، (2) بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي، لياري ڪراچي، (3) بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي اينڊ اسڪل ڊيولپمينٽ، خيرپور ميرس، (4) ڊائو يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، (5) ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ڪراچي، (6) گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي، حيدرآباد (7) انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن، ڪراچي، (8) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي، ڪراچي، (9) لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنسز، ڄامشورو،

(10) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو (11) اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، (12) پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنس فار وومين، نوابشاهه (شهيد بينظير آباد)، (13) قائداعظم يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، نواب شاهه، (14) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، (15) شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائين اينڊ هيريٽيج

(16) شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ويٽنري اينڊ انيمل سائنس، سڪرنڊ، (17) شهيد بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد، (18) شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، لاڙڪاڻو (19) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو يونيورسٽي آف لا، ڪراچي، (20) شيخ اياز يونيورسٽي، شڪارپور، (21) سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي، ٽنڊوڄام، (22) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي، (23) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي، سکر، (24) يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز، ڀٽ شاهه، (25) يونيورسٽي آف ڪراچي، ڪراچي، (26) يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو.

موجوده دؤر ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي وسيلن تعليمي عمل کي اڳ جي ڀيٽ ۾ نهايت آسان بنائي ڇڏيو آهي ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي دنيا کي ڳنڍي ڇڏيو آهي، جنهن مان سنڌ جا نوجوان ڀرپور فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

## سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت:

قوم جي وجود ۽ ان جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو جياپو ۽ ترقي نهايت اهم آهي. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي انهن ترقي يافته ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا سنڌ صوبي ۾ نه رڳو ڳالهائي وڃي ٿي پر اها صدين کان شاعري ۽ علم ادب جي هڪ وڏي تاريخي ذخيري سان مالا مال آهي ۽ عام لکپڙهه، تعليم، تدريس ۽ دفتري ڪاروبار ۾ پڻ استعمال هيٺ آهي. 1947ع بعد سنڌ سرڪار پاران سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي جياپي ۽ واڌويجهه تي خاص طور ڌيان ڏنو ويو. ان سلسلي ۾ مختلف وقتن تي ڪيترائي ادارا قائم ڪيا ويا جيڪي هيٺينءَ ريت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن: (1) ثقافت کاتو: 1953ع ۾ قائم ٿيل ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز اڳتي هلي 1970ع بعد سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي صورت اختيار ڪئي. جنهن جون خدمتون سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪي شاعرن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سر مست، چئنراءِ سامي ۽ ٻين صوفي بزرگن جي ورسين ملهائڻ، علم ادب جي اشاعت ۽ ثقافت ۽ موسيقي جي واڌ ويجهه جي حوالي سان نهايت اهم آهن. ان سلسلي ۾ هن کاتي پاران هينئر تائين 450 جي لڳ ڀڳ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن جي سار سنڀال پڻ لڏي وڃي ٿي.

سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن ۽ عمارتن جي سار سنڀال جي سلسلي ۾ اينٽيڪئٽيز کاتو پڻ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخي قدامت ۽ ثقافت جي اهڃاڻن کي جديد دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ مصروف عمل آهي.

(2) سنڌي ادبي بورڊ: جيتوڻيڪ هيءَ ادارو 1947ع کان اڳ قائم ٿيو پر 1950ع واري ڏهاڪي ۾ باقاعدي فعال ٿيو جنهن طرفان هينئر تائين سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت جي موضوعن تي 700 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته تحقيقي ٽماهي رسالو "مهراڻ"، عورتن لاءِ "سرتيون" ۽ ٻارن لاءِ "گل ڦل" باقاعدگي سان شايع ڪيا وڃن ٿا.

(3) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: 1972ع واري ٻولي ائڪٽ تحت سنڌي ٻوليءَ جي واڌويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ سنڌ حڪومت پاران قائم ٿيل هن اداري جي پيڙهه جو پٿر پهرين فيبروري 1994ع تي رکيو ويو. هن اداري پاران هينئر تائين لڳ ڀڳ 288 ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي آڻڻ جي حوالي سان هن اداري جون خدمتون پڻ ساراهه جوڳيون آهن.

ان ڪانسواءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڊاڪٽر نبي بخش



خان بلوچ ڪلچرل هيريٽيج، بلاول انسٽيٽيوٽ آف ڪلچر نوابشاهه ۽ ٻيا ادارا پڻ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌويجهه لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

## زراعت:

زراعت معيشت جي واڌويجهه جي سلسلي ۾ بنيادي اهميت رکندڙ شعبو آهي. جڏهن ته زراعت لاءِ پاڻيءَ جي فراهمي نهايت ضروري ۽ اهم آهي، ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي ڪوشش سان سکر بئراج 1932ع ۾، ڪوٽڙي بئراج 1955ع ۾ ۽ گڊو بئراج 1962ع ۾ ٺهي راس ٿيا. انهن مان نڪرندڙ 14 مکيه واهن، 1462 شاخن ۽ برانچ واهن ۽ 42 هزار واٽر ڪورسن وسيلي سنڌ صوبي جي مجموعي طور 14391 ملين ايڪڙ گراس ڪمانڊ ايريا آباد ٿئي ٿي. سم ۽ ڪلر زراعت لاءِ نهايت هاڃيڪار آهن انهن جي روڪ ٿام جي سلسلي ۾ جيتوڻيڪ ڪافي ڪم ٿيو آهي پر اڃا وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي. 19_2018ع ۾ سنڌ ۾ مجموعي طور مختلف زرعي جنسن جي پئداوار هيٺينءَ ريت رهي: (1) چانور 2,571,050 ملين ٽن.

(2) ڪڻڪ 3,778,924 ملين ٽن. (3) جوئر 9,473 ملين ٽن. (4) ٻاجهري 3,314 ملين ٽن

(5) مڪئي 3,515 ملين ٽن. (6) چڻا 18,086 ملين ٽن. (7) جَوَ 3,810 ملين ٽن. (8) سرنهن 45,964 ملين ٽن. (9) تر 3,080 ملين ٽن. (10) ڪمند 16,691,323 ملين ٽن. (11) ڪپهه 2,938,400 ملين ٽن. (12) تماڪ 17 ملين ٽن.

انڪانسواءِ سنڌ ۾ ڀاڄين ۽ ميون جي پئدوار پڻ مجموعي طور ڏيهي توڙي پرڏيهي ضرورتن جي پورائي ۽ ناڻي جي ڪمائي جو هڪ اهم وسيلو آهي.

معياري زرعي ٻجن جي تياري ۽ فراهميءَ لاءِ سنڌ سيڊ ڪارپوريشن، زرعي توسيعي کاتو ۽ ٻيا ادارا سنڌ ۾ زراعت جي واڌويجهه جي سلسلي ۾ مصروف عمل آهن.



زرعي پيداوار جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندڙ هاري طبقي ۽ زمين جي مالڪن وچ ۾ بهتر لاڳاپا هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. سنڌ ۾ هارين ۽ زميندارن جي لاڳاپن ڪي سڌارڻ لاءِ 1950ع ۾ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ منظور ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ 1959ع ۽ 1972ع ۾ آندل زرعي سڌارن وسيلي وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن ڪان زمينون وٺي بي زمين هارين ۾ ورهايون ويون جنهن جي نتيجي ۾ وڏيون زمينداريون ۽ جاگيرداريون لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪيون آهن جنهن ڪري هينئر سنڌ ۾ هينين ۽ وچئين طبقي لاءِ زراعت وسيلي ناڻو ڪمائي اڳتي وڌڻ جا موقعا پئدا ٿي چڪا آهن. هيٺ ماضيءَ ۾ آندل زرعي سڌارن جا تفصيل پيش ڪجن ٿا.

## زرعي سڌارا:

1959ع جي زرعي سڌارن وقت سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 3 هزار وڏا جاگيردار هئا جن وٽ 30 لک ايڪڙ زمين هئي. زرعي سڌارن جي نتيجي ۾ فقط 395 وڏن زميندارن ڪان 6 لک 62 هزار ايڪڙ ايراضي وٺي بي زمين هارين ۽ ننڍن آبادگارن کي نيلام وسيلي وڪرو ڪئي وئي. 1968ع ۾ سنڌ ۾ "سبز انقلاب" هيٺ 2559 ٽريڪٽر مناسب اگهه تي ڏنا ويا، جنهنڪري زرعي پيداوار ۾ خاطر خواه واڌارو ٿيو.

1972ع جي زرعي سڌارن تحت جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن ڪان 14,15,215 ايڪڙ زمين ورتي وئي جنهن مان 2,29,777 ايڪڙ ايراضي 32,676 هارين ۾ ورهائي وئي. ان ڪانسواءِ ڪوٽڙي، گڊو ۽ سکر بئراج جي لڳ ڀڳ 2 لک ايڪڙ ايراضي 350 روپيا في ايڪڙ جي حساب سان20 سال جي آسان قسطن ۾ سنڌ جي بي زمين هارين ۽ ننڍن آبادگارن ۾ ورهائي وئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت پاران 1975ع ۾ سنڌ جي ننڍن آبادگارن جي سهائتا لاءِ نهايت اهم اپاءَ ورتا ويا جهڙوڪ ساڍا ٻارنهن ايڪڙيا ان ڪان گهٽ ايراضيءَ تي ڍل معاف ڪئي وئي، جنهن سان 70 لک هارين ۽ آباد گارن کي فائدو پهتو. سنڌ هاري بل متعارف ڪرايو ويو جنهن ۾ زميندارن ۽ هارين وچ ۾ ذميوارين جي نئين سر ورڇ ڪئي وئي، جنهن مطابق زميندارن تي سرڪاري واجبات جي ادائيگي، هارين کي ٻج جي فراهمي، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي لاڳت ۾ هارين ۽ زميندارن وچ ۾ هڪجيتري حصي داري، جڏهن ته واهن جي ڪاٽي ۽ ٻنيءَ تائين پاڻي پهچائڻ زميندارن جي ذميواري قرار ڏني وئي. انهن اپائن سنڌ جي زراعت تي مجموعي طور نهايت هاڪاري اثر وڌا.

## صنعت:

صنعت ڪاري معاشي ترقيءَ جي سلسلي ۾ هڪ نهايت اهم شعبو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو خام مال کي مختلف مصنوعات جي صورت ڏئي ٿو جنهن سان ملڪ پنهنجي ڏيهي ضرورتن جي پورائي سان گڏ واڌو پئداوار پرڏيهه ۾ برآمد ڪري وڏيڪ ناڻو ڪمائي ٿو. پاڪستان جي قيام وقت سنڌ ۾ تمام ٿورا ڪارخانا هئا، جڏهن ته گذريل 75 سالن ۾ انهن جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. اڄ سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ ۾ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ماتحت شير شاهه سائيٽ ڪراچي، ويسٽ وهارف انڊسٽريل ايريا، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۽ بن قاسم انڊسٽريل ايريا قائم آهن. ان ڪانسواءِ ڏاٻيجي اڪنامڪ زون، نوري آباد سائيٽ، ڪوٽڙي سائيٽ، حيدرآباد انڊسٽريل ايريا، خيرپور ميرس سائيٽ، خيرپور اڪنامڪ زون، سکر سائيٽ، لاڙڪاڻو انڊسٽريل زون، ڏهرڪي انڊسٽريل ايريا وغيره ۾ ڪل 6,299 ڪارخانا قائم آهن، جيڪي سنڌ توڙي پاڪستان جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

## روڊ ۽ رستا:

مواصلات جا ذريعا ترقيءَ لاءِ نهايت اهم آهن. 1947ع ۾ سنڌ ۾ تمام ٿورا روڊ رستا هئا. گذريل عرصي دوران سنڌ جي سيني ضلعن ۽ شهرن ڪان وٺي ڳوٺن تائين ۽ ٻين صوبن ڏانهن اڄ وچ لاءِ روڊن رستن جو هڪ وسيع ڄار وڇايو ويو آهي.

# ڪراچي بندرگاهه جي ڪهاڻي

سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ

ڪراچيءَ جي تاريخ سنڌس ڪياماڙي بندر جي اوسر جي ڪهاڻي آهي. ڪراچيءَ سان لاڳاپيل ڪنهن بہ موضوع جي پيٽ ۾ هن موضوع تي ڪيترو ئي مواد ڇپجي چڪو آهي ۽ ڪئين تڪراري ڳالهيون اڀري آيون آهن.

جڳ مشهور مهم جوءِ سياح رچرڊ برٽن 1876ع ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب Sindh Revisited، جيڪو مختلف خاڪن، اختلافي ۽ تڪراري دستاويزن، رٿائن ۽ جوابي رٿائن تي ٻن وڏن جلدن تي ٻڌل آهي، ۾ لکي ٿو: ”آئون هن بندر جي ترقياتي ڪمن ۾ ڪاهي پوڻ نٿو گهران جيڪو هندستان ۾ ترقيءَ ۾ دلچسپيءَ جو ڀرپور مثال ۽ ڪرنل ٽريمينهر جي مخالفت باوجود ڪاميابيون ماڻيندڙ آهي.“

بهرحال، ڪراچيءَ جي تاريخ ماضي، حال ۽ مستقبل کي نشانبر ڪرڻ لاءِ اها هڪ لاپائتي ڪوشش ٿيندي. هتي اسان انهي تڪرار واري ڪهاڻي ۽ ان جي نتيجن بابت مختصر بيان ڪنداسين، جنهن کان برٽن پاسو ڪيو آهي.

تن ڏينهن، جڏهن ڪراچي اڃا ”ڪلاچيءَ جي ڪُن“ طور ڄاتو ويندو هو



منهوڙي وارو لنگهه آباد نه ٿيو هو ۽ هاٽوڪي پاپا پيٽ جي چوڏاري وارو ماڳ ساموندي لنگهه طور ڪتب ايندو هو. جڏهن پوڄو مل ۽ سندس پائيبند واپارين جو جٿو هتي اچي آباد ٿيو ۽ هن بندر ۽ ان جي واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ورتائون ته ڄام درياءَ خان جوکئي هن ننڍڙي شهر کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي محفوظ بڻايو ۽ مسقط مان توپون گهرائي ڪوٽ جي مورچيبندي ڪئي.

1774ع ۾ ليفٽيننٽ پورٽر هن شهر جو دورو ڪيو ۽ بندرگاهه بابت پنهنجا تاثر لکيا. تن ڏينهن ۾ ساموندي ٻيڙا شهر کان پنج ميل پرڀرو لنگر هڻندا هئا. انهي ساموندي ڪاڙيءَ بابت هو لکي ٿو ته: "انهيءَ ۾ ايترو مختصر پاڻي آهي جو ننڍين ٻيڙين کان سواءِ ٻي ڪا گنجائش ڪانهي."

1830ع ۾ چارلس ميسن ڪراچيءَ جي دوري تي آيو ۽ شهر بابت پنهنجا ويچار ونڊيندي هن لکيو: "بندر ڪشادو ۽ گنجائش رکندڙ آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته اهو واحد ساموندي ڪپر آهي جيڪو هر قسم جي هوا ۽ هر مُند ۾ بچاءُ جوڳو آهي. ڪمپنيءَ جو هڪ ننڍو جنگي ٻيڙو اتي لنگر ٻڌل هو ۽ مون کي ياد ٿو پوي ته مسقط جي شهزادي جا جنگي ٻيڙا به اتي سولائيءَ سان بيٺل هئا. بندرگاهه جو لنگهه موڪرو ۽ واڪاڻ جوڳو آهي. ڪاڪي يا اُلهندي پاسي هڪ اُپٽڪريءَ آهي جنهن تي پٿرن جو هڪ قلعونهيل آهي، جنهن کي "منهوڙو" سڏين ٿا. جڏهن ته ساڄي يا اڀرندي پاسي سلسليوار ڇهه ٻيٽاوان ٽڪر آهن ۽ انهن کان پرڀرو هيٺيون وارياسو ڪپر آهي. ٽڪرن جي چوٽير خشڪيءَ وارا ڪپر آهن جن تي معمولي پاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو."

ڪرنل پاٽنجر ۽ ڪئپٽن مئڪسفيلڊ جا ويچار هئا ته شهر لنگر واري هنڌ کان چڱي خاصي پنڌ تي آهي ۽ انهيءَ جي ڪاڙي بنهه سوڙهي ۽ ايترو سطحي آهي جو ٻيڙين جو ترو لڳي وڃي ٿو.

اليگزينڊر برنس 1831ع ۾ پنهنجو تبصرو ڪندي لکي ٿو ته "ماڻهن کي انهيءَ تي اچرج هئي ته "ڪوراچي" جو بندر سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ ٻيڙين وسيلي سنڌ جي دولت جي سوداگريءَ لاءِ وڏيڪ سهنجو هو."

1837ع ۾ ڪمانڊر ٽي جي ڪارليس بندر جو جائزو وٺڻ لاءِ هتي آيو ۽ ڪراچيءَ جي ساموندي ڪپر، بندر ۽ واپار بابت هڪ رپورٽ ٺاهيائين. سيٺ نائو نمل سان سندس سٺن لاڳاپن سبب کيس اها اجازت ملي. اها رپورٽ آگسٽ 1838ع ۾ جمع ڪرائي ويئي.

1839ع ۾ ڪمانڊر ڪارليس جي ڳوليل حقيقتن کي آزمائڻ جو موقعو آيو ۽ ريئر ائڊمرل هئٽلينڊ جي آرماڙ ساموندي سفر ڪندي منهوڙي جي اُتاهين قلعي کي پٽ ڪري، ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ورتو. ان وقت ڪراچي بندر جي حيثيت جو اظهار هيئن ٿيل آهي:

"منهوڙي ۽ ڪياماڙيءَ جي وچ ۾ رڳو هڪ لنگر وارو هنڌ آهي. سِڙهه واريون ننڍيون ٻيڙيون هر مُند ۾ ۽ هر وقت انهيءَ ۾ گهڙي سگهن ٿيون. اجائي مداخلت کان روڪڻ لاءِ منهوڙي پوائنٽ جي سامهون وارياسي ڪپر تي مضبوط رسن سان سوگهو ڪيل وڏيون ٻيڙيون بيٺل آهن."

ڪئپٽن نيل لکيو: "بندرگاهه ڏانهن ويندڙ ڪاڙيءَ ۾ رڳو ننڍيون ٻيڙيون تري سگهن ٿيون ۽ سامان سڙو اڪثر سرڪي تر وارين وڏين ٻيڙين وسيلي ڪنيو وڃي ٿو. ... حقيقت ۾ سپاهين کي گوڏي جيڏي پاڻيءَ مان لنگهڻو پوي ٿو يا وري قُلين جي پُٺن تي سامان ڪڍائڻو ٿو پوي."

"انڊس آرمي" جي طبي عملي جي اڳواڻ رچرڊ ايچ ڪينيڊي 1840ع ۾ لکيو: "ڪراچي بندر وارو هنڌ فوجي ۽ بحري اڏي طور يا وري ڪاروباري حوالي کان، يا ڪنهن حڪومتي رٿا ۾ تيستائين ڪا خاص اهميت نه رکندو جيستائين ان کي تڪڙي اوسر وٺائي ۽ سگهارو نٿو بڻايو وڃي....."

هن انهيءَ جو يارهن ڦيرم اونهائي واري محفوظ لنگهه ۽ هر پاسان خشڪيءَ سان گهيريل هجڻ طور خاڪو چٽيندي انهيءَ کي بمبئي جي اتر ۾ سولائيءَ سان پهچ جوڳو ۽ واحد اهميت وارو بندر قرار ڏنو.

ڪراچي بندرگاهه جي ترقيءَ جو اصل سهرو سر چارلس نيپئر جي سر سونهي ٿو. وٽس هن بندر وارو ماڳ بنهه اهميت رکندڙ هو. هن بندرگاهه جو لنگهه ڪشادو ڪرڻ، گودين جي اڏاوت، مقامي ٻيڙين لاءِ ڪياماڙيءَ تي ڪاٺ جا ٽنپ ۽ روشنيءَ جا مُنارا اُڀا ڪرڻ ۽ ڪراچي شهر کي ڪياماڙيءَ سان ڳنڍيندڙ دمدمي طور هاٽوڪي نيپئر مول روڊ جي اڏاوت واريون رٿائون جوڙيون. پر وٽس وقت بنهه گهٽ هو ۽ هن جيڪي رٿائون رٿيون سي سواءِ مول ۽ مقامي جيٽي جي، سندس ايامڪاريءَ ۾ شروع نه ٿي سگهيون. 1847ع ۾ جڏهن هن ڪراچيءَ کان موڪلاڻي ڪئي ۽ "مظفر" ٻيڙي وسيلي پرڏيهه اسهيو ته هو جهاز جي عرشي مٿان پوئتي منهن ورائي گهڻي دير تائين ان شهر ڏانهن ڏسندو رهيو جنهن کي هن

هڪ ڪچي ڳوٺڙي ڪان مٽي ڪٽي "مشرق جي راڻي" ۾ بدلائڻ ٿي چاهيو.

بارٽل فريئر هتي اچڻ ڪانپوءِ حقيقتن کي ڪاروباري ذهن وسيلي منهن ڏنو. ڪيس اڳ ۾ ئي "پنڌي بارينڌڙ وانيو" جو لقب ڏنو ويو هو ڇو ته هن عوامي ڪمن لاءِ ڏوڪڙن خاطر حڪومت کي پيٽڻ ۾ وسان نه گهٽايو هو. جڏهن هن بندرگاهه جو انتظام سنڀاليو ته ان وقت بندرگاهه جي سٺي شهرت نه هئي ۽ اها وات وائي هئي ته لنگر وارو هنڌ بنهه جوڪائتو آهي ۽ رڳو ننڍيون ٻيڙيون ئي ڪاڙيءَ ۾ گهڙي سگهن ٿيون.

سڀ کان پهرين فريئر "لنگر واري هنڌ جي نوعيت ڄاڻڻ ۽ امڪاني طور ان ۾ مَٽ سَٽ ڪرڻ لاءِ پندرهن سئو رپيا ڏيڻ جي گذارش ڪئي. پر سندس اها گذارش اهو چئي روڪي ويئي ته جيستائين ان ماملي بابت هڪ هوشيار ارضياتي ماهر کي مشوري لاءِ مقرر نٿو ڪيو وڃي تيستائين ڏوڪڙ نٿا ڏيئي سگهجن." جيئن ته ان وقت سنڌ ۾ ڪو به ارضياتي ماهر نه هو تنهن ڪري فريئر ٽپال کاتي جي ان وقت جي عملدار ليفٽيننٽ هوپڪنس کي هڪ ابتدائي رپورٽ ٺاهي ڏيڻ جي ذميواري ڏني، جنهن ۾ ڪاڙيءَ جي اونهائي ۽ وير جي لاٽ چاڙهه بابت انگ اکر ڏيڻا هئا.

ليفٽيننٽ هوپڪنس پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ته لنگر وارو هنڌ ايترو اهميت جوڳو نه هو جيئن ان جو خاڪو چٽيو ويو هو. تنهن هوندي به بندرگاهه ۾ پنج ڇهه سئو ٽن وزن وارا ٻيڙا سولائيءَ سان گهڙي سگهن ٿا. نئين سر جائزي دوران فريئر اها تجويز آڏو رکي ته بندرگاهه کي سڄو سال کليل رکڻ گهرجي ۽ بمبئي چيمبر آف ڪامرس ۽ بمبئي اسٽيم نيويگيشن ڪي ڪراچيءَ جي حقن بابت غور ڪرڻ گهرجي.

1853ع ۾ "ڊيوڪ آف آرگل" نالي 800 ٽن وزني ٻيڙو جيڪو برطانيا ۽ ڪراچيءَ وچ ۾ سڌو سنئون سامونڊي سفر ڪندڙ پهريون برطانوي ٻيڙو ۽ برطانيا جو ٻيو نمبر وڏو سڙهه وارو ٻيڙو هو. لنگر واري هنڌ کي آسانيءَ سان پار ڪندي ۽ مٿاڇري پاڻيءَ مٿان ترندي، ڪراچي بندرگاهه ۾ داخل ٿيو. هن پهرئين سامونڊي سفر جي رپورٽ گهڻي اهميت رکندڙ آهي. ٻيڙي جي ناڪئي جو خيال هو ته بندر هر حوالي کان ڪشادو ۽ محفوظ هوندو يعني سندس گنجائش ذري گهٽ 800 ٽن وزني وڏن ٻيڙن ۽ ٻين اٽڪٽ سامونڊي ٻيڙين جي ٻيهڻ جيتري هوندي.

بهرحال، اها فريئر لاءِ هڪ وڏي سوڀ هئي. هن ثابت ڪيو ته اهم سامان سان ڀريل هڪ برطانوي ٻيڙو ڪراچي بندر تي محفوظ نموني لنگر انداز ٿي سگهي ٿو. فريئر ذرو به وقت نه وڃايو ۽ ساڳئي سال هن بمبئي سرڪار کي جهاز ران مهيا ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي.

ڪراچي بندرگاهه لاءِ پهريون جهاز ران/ناڪئو ليفٽيننٽ ليڊبس آءِ. اين هو. 14 آگسٽ 1853ع تي ڪپتان ليڊبس "ربيڪن" نالي هڪ 626 ٽن وزني ٻيڙو پاڙي تي ڪيل Cotia وسيلي، جيڪو ڪراچيءَ ۾ ڪتب ايندڙ پهريون جهاز ران ٻيڙو هو ڪاهي روانو ٿيو ۽ ربيڪن کي محفوظ نموني بندرگاهه جي ڪاڙيءَ ۾ پهچايائين. ربيڪن تي 2350 بيرل بيئر ۽ شراب ۽ واپاري مال جا ويهه ڪوڪا آندا ويا هئا. ٻيڙي جي مالڪ ڪٿبرٽ واڪس ڪراچيءَ بابت هيئن ويچار ونڊيا: "اها بهترين بندرگاهن مان هڪ آهي ۽ آئون انهيءَ ۾ گهڙيس ۽ سولائيءَ سان لنگر هنيم...."

هڪ ٻئي جهاز ران رابرٽ ڊي ڪروفٽ پڻ ساڳئي نموني لکيو: "هيءَ بندرگاهه بهترين قدرتي بندرگاهن مان هڪ آهي. آئون هتي ٿورو وقت ترسيس. هڪ معمولي رقم سان انهيءَ کي وڏيڪ سهڻو بڻائي سگهجي ٿو."

فريئر اڏورن ڪمن مان مطمئن نه هو. بندرگاهه تي لنگر واري هنڌ کان فقط ننڍيون ٻيڙيون ئي اڳتي وڌي ٿي سگهيون. تنهن ڪري لنگر واري هنڌ واريءَ يا مٽيءَ جي هجڻ بابت هڪ ڀيرو ٻيهر رپورٽن ۽ جوابي رپورٽن جي ڏي وٺ شروع ٿي. انهيءَ دوران بندرگاهه تي ننڍڙا اڏاوتي ڪم به ٿيندا رهيا. گزريءَ ۽ ڪياماڙيءَ وٽ فوجي ڊيپو جي پيڙهه ٻڌي ويئي. دراصل گذريءَ واري ڪاڙي ڪياماڙيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ لاپائتي ڏسڻ ۾ ٿي آئي.

ڪراچي بندرگاهه جي ترقيءَ جي اهميت وارو سوال اٿارڻ ۽ انهيءَ بابت دليريءَ سان ڳالهه ٻولهه جو ڪريڊٽ ميجر ٽرنر ڏانهن وڃي ٿو. هن تجويز ڏني ته ڪراچيءَ جي ايرندڙ اهميت هڪ وڏي ۽ ڊگهه مدتي خرچ واري رٿا جي گهرجائو هجڻ يا نه هجڻ واري سوال بابت هڪ مڪمل انڪوائري ڪئي وڃي. انهيءَ وقت هڪ جائزي رپورٽ ٺاهي ويئي پر انهيءَ تي ڪنهن قسم جو عملدرآمد ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ٻئي پاسي ريلوي ذريعي ڪراچيءَ کي ڪوٽڙيءَ سان ڳنڍڻ واري رٿا اڳ ۾ ئي حقيقت جو روپ اختيار ڪري چڪي هئي.

پر ميجر (بعد ۾ ڪرنل) ٽرنر 1856ع ۾ پنهنجي ڏنل اصل تجويزن تي جمي بيٺو اهو سندس جاڪوڙ جو ئي ثمر هو جو



”ڪورٽ آف ڊئريڪٽرز“ بحري ڪاتي جي اڳواٽن سان صلاح مصلحت ڪانپوءِ شهري ۽ بندرگاهي ماهرن بابت وڏي ڄاڻ رکندڙ ناليري انجنيئر جيمس واڪر کان ماهراڻي راءِ گهري ورتي.

8 سيپٽمبر 1856ع تي جيمس واڪر ”سنڌ ۾ ڪراچي بندرگاهه“ (Kurrachee Harbour in Scinde) جي نالي سان هڪ رپورٽ پڌري ڪئي، جيڪا ساڳئي سال Vacher & Sons پاران شايع ڪئي ويئي. انهي رپورٽ ۾ واڪر هيئن چيو: ”مون ڪورٽ آف ڊئريڪٽرز جي آڏو آندل انهن اعتراضن، يعني لنگر واري هنڌ کي وڌيڪ اونهو ڪرڻ يا ان کي مڪمل ختم ڪرڻ ۽ ڪراچي بندرگاهه جي عام سڌاري بابت غور ڪيو آهي. جيتوڻيڪ انهن اعتراضن تي شڪ جي ڪا به گنجائش ڪونهي پر وچٿري خرچ سان جيڪڏهن صحيح نموني عملدرآمد ڪيو وڃي ته منهنجي خيال ۾ هڪ محفوظ بندرگاهه جي قومي اهميت جي حوالي کان ڪراچي بندرگاهه ڳرو وزن کڻي هلندڙ سامونڊي ٻيڙن جي لنگر هڻڻ لائق آهي.“

جيمس واڪر جي پهرئين پروجيڪٽ هيٺيان ڪم تجويز ڪيا:

1. ڪراچي شهر جي چيڙي تي نيپئر مول وٽ هڪ ڪليل هنڌ تي وهڪري کي روڪيو وڃي ۽ اتي چوڏاري هڪ پُل اڏي وڃي.

2. سمنڊ وٽان بيٺل پاڻي جو لنگهه چائنا ڪاڙيءَ وٽان بند ڪيو وڃي.

3. ڪياماڙي گودي جي اڏاوت ڪئي وڃي.

4. منهوڙو بريڪ واٽر جي اڏاوت ڪئي وڃي.

اهو عجيب اتفاق آهي ته واڪر جون اهي تجويزون هوبهو اهي هيون جيڪي انگريزن جي قبضي وارن شروعاتي ڏينهن ۾ سر چارلس نيپئر ڏاهيون هيون ۽ فريئر ۽ ڪرنل مڪمئرڊو کي انهيءَ تي اتساهيو هو. رٿائن بابت ”پڪو بندوبست“ ڏاهيندي سائيٽ جي معائني ۽ اوائلي رپورٽن جي تصديق لاءِ 1858ع ۾ جيمس واڪر جي نائب مددگار وليم پارڪس کي خاص طور ٻاهران گهرائي هتي مقرر ڪيو ويو.

28 آڪٽوبر 1859ع تي واڪر هڪ ٻي رپورٽ اُماڻي، جنهن سان گڏ رٿائن تي خرچ جو هيٺيون وچور به شامل هو:

منهوڙو بند

1,10,000_ پائونڊ

ڪياماڙي بند

42,000_ پائونڊ
نيپئر مول پُل
40,000_ پائونڊ
مقامي دڪو (نيٽوجيٽي)
28,000_ پائونڊ
نئين ڪاڙي
18,000_ پائونڊ
چائنا ڪاڙيءَ واري ٻنڌ
9,000_ پائونڊ
ڪياماڙي بچاءَ بند جو
واڏو اُپرندو ٽنب 40,000_ پائونڊ
ڪُل خرچ 2,87,000_ پائونڊ

ان ڪان سواءِ واڪر 600 پائونڊ ڪٽ واري هڪ ٻي رٿا بہ ڏني، جيڪا طاس گهيڙ ۾ پترائين گودي متعلق هئي.

1860ع ۾ ڪياماڙي بچاءَ بند، نيپئر مول پُل، نئين ڪاڙي ۽ چائنا ڪاڙيءَ واري ٻنڌ تي ڪم جي شروعات جو حڪم ڏنو ويو. سنڌ ڪئنال ڪاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڊبليو ايچ پرائس جي نگرانيءَ هيٺ نومبر 1860ع ۾ ڪجھ ڪمن جي شروعات ٿي. پر ان ڪان اڳ، جو ڪم تيز ٿي سگهي، هڪ اوچتو واقعو پيش آيو. هڪ اڻ ڏنل قوت واڪر جي رٿائن کي للڪاريو جنهن سبب هن وڏي رٿا جو ڪم ڪئين سالن تائين رُلي ويو. مقامي عملدارن ۽ انجنيئرن پاران رنڊڪن جو ذڪر بہ بنھ ڪراهت جوڳو آهي. بندرگاھ جي ڪم بابت مخالفت ورهين تائين مڙني رٿائن کي رولڙي ۾ وجهي ڇڏيو.

انهن سڀني ڳالهين فريئر کي مڃرائي وڌو. پنهنجي هڪ دوست ڏانهن لکيل هڪ ذاتي خط ۾ هن لکيو: "آئون حد ڪان وڌ پريشان آهيان ۽ مون کي گهرو صدمو رسيو آهي.... آئون چڱيءَ ريت ڄاڻان ٿو تہ اهو سوال ڪٿان شروع ٿيو آهي. مون کي شرم ٿو اچي تہ هن اوڻويهين صديءَ ۾ بندرگاهن جي عام فائدن بابت يا ڪنهن خراب بندر جي پيٽ ۾ هڪ سٺي بندرگاھ جي اڻ ڳڻين خوبين بابت بحث ڪندي انگريزن ڏانهن لڪٺو ٿو پوي...."

فريئر جي ڪاوڙ سمجھ ۾ اچڻ جوڳي آهي جڏهن اسان ڏسون ٿا تہ اهي رٿائون هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ذهني پيداوار هيون جيڪو بندرگاھ ۾ برجستگي ڏيکاريندڙ هڪ فرد هجڻ ناتي مڙني انجنيئري ڏنڌن ۾ اڳيرو هو.

هيءَ سڄي سازش ايترو چوٽ چڙهي ويئي جو اسٽيٽ سيڪريٽري هڪ خانگي ڪمپني "ميسرز اسٽيونسن آف ايڊنبرگ" کي ليفٽيننٽ ٽيلر ۽ ڪرنل ترمينهيري جي اعتراضن نبيرڻ لاءِ مقرر ڪيو سا ڳئي وقت، 1860ع ۾ ڪراچي چئمبر آف ڪامرس جو بنياد پيو ۽ انهي پليٽ فارم تان سرڪار کان گهر ڪئي ويئي تہ سُئيز واھ ۽ ڪراچي بندر وچ ۾ سڌي راهداري جي تجويز تي غور ڪيو وڃي.

مسٽر واڪر جي وفات ڪانپوءِ مسٽر پارڪس کي ڪنسلٽ انجنيئر طور مقرر ڪيو ويو ۽ هن پڻ اسٽينونسن ڪمپني جي فيصلي تي اعتراض واريندي رپورٽ ڏني تہ جيئن تہ اها ڪمپني مقامي حالتن کان بنھ اڻڄاڻ آهي تنهن ڪري انهيءَ جو فيصلو گهٽي اهميت جوڳو ناهي. ان ڪانپوءِ هڪ ڪاميٽي ناهي ويئي، جيڪا ماسٽر اٽيڊينٽ ڪئپٽن گاٽلز، بندرگاهي ڪمن جي نگران ڊبليو. ايچ پرائس ۽ بندرگاهي ايگزيڪٽو انجنيئر ليفٽيننٽ ميري ويڌر تي ٻڌل هئي.

19 جون 1866ع تي انهي ڪاميٽي پنهنجي هڪ جامع رپورٽ ڏيندي غور جوڳن فائدن کي آڏو آندو جنهن سبب بندرگاھ بابت مسٽر واڪر جي اڳ ۾ ڪنيل قدمن ۾ واڌارو آيو.

هاڻي بندرگاھ جي ڏکهي ڪهاڻي کي ٿورو مختصر ڪندي اڳتي هلون ٿا. مٿي بيان ڪيل سازش سبب بندرگاھ واري مامري مشهوري ماڻي ۽ عام ماڻهن جو بندرگاھ جي وجود ڏانهن ڌيان ڇڪجڻ لڳو پر ڪجھ پڙهيل لکيل ماڻهن پاران اماڻيل مضمونن ۽ مقالن هن رٿا کي هاڃو رسائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي البت چئمبر آف ڪامرس پنهنجو سگهارو احتجاج شروع ڪيو. انهن مڙني شين بندرگاھ جي ڪمن جي ٻيهر شروعات جو بنياد رکيو ۽ اهي ڪم هيٺين ريت مڪمل ٿيا:

1863ع _ چائنا ڪاڙيءَ وارو اڳوٺو لنگھ بند ڪيو ويو.

1864ع _ نيپئر مول ۽ پُل وٽان ڪٽ ڏنو ويو

1865ع – ڪياماڙي گوديءَ جي اڏاوت ٿي.

1873ع – منهوڙي وارو بچاءَ بند مڪمل ٿيو.

آخري ڪم جي تڪميل واڪر جي تجويز ڪيل رٿائن جي معقوليت جي وڏي ثابتي هئي.

شاهدين موجب، 25 سيپٽمبر 1873ع واري ڏينهن "اٽلانٽا" نالي آگبوٽ 23.4 ميٽرن جي گهرائي تي بندرگاھ تان رواني ٿي. هن آگبوٽ جي ڊيگھ 385 ميٽر هئي ۽ جنهن مهل هن بندرگاھ جي حدن کي ڇڏيو تہ ان مهل اها 27.0 ميٽر گهرائي تي هلي رهي هئي، يعني بنھ اونهي پاڻيءَ کان فقط بہ

فوٽ مٽي تري رهي هئي.

مسٽر برائو مسٽر واڪر کي ڀيٽا ڏيندي لکي ٿو: "ڪراچي ڪڏهن به پهرئين درجي جي بندرگاهه نه بڻجي ها جيڪڏهن انهيءَ ۾ واڪر جون رٿائون شامل نه هجن ها."

1870ع ۾ "ڪراچي پورٽ ٽرسٽ" جوڙڻ جي تجويز اڳيان آئي. 1872ع ۾ هندستان لاءِ مقرر هاربر انجنيئر مسٽر جي. رابرٽسن کي ڪراچي بندرگاهه بابت رپورٽ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. رابرٽسن بندرگاهه جي واڌ ويجهه ۽ واڪر جي رٿائن جي تڪميل بابت بنهه جوشيلو هو. هن ڪراچيءَ کي هڪ شاندار بندرگاهه قرار ڏنو.

بندرگاهه جي تڪميل ۾ دير ۽ تڪرارن جي حوالي سان ٻي اهم ڪڙي ڪرنل وِلڪن جي رپورٽ هئي، جيڪا هن "فطري ڪارٽن سبب هاڃيڪار اثر" جي عنوان سان ٺاهي هئي.

تن ڏينهن ۾ بندرگاهه جي ڪمائي ساليانو پنجاهه هزار رپين جي لڳ ڀڳ هئي، جيڪا محصول، جهاز راني ۽ ٻيڙيون بيهارڻ جي مسواڙ تي ٻڌل هئي ۽ ان جو خرچ لڳ ڀڳ چاليهه هزار رپيا ساليانو هو.

ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي جوڙجڪ وارو سوال ٻيهر جون 1875ع ۾ آڏو آندو ويو. جيئن ته بندرگاهه جي ڪمائي گهرج سارو نه هئي، تنهن ڪري هينين شين تي ليوي طور اُگاڙي جي تجويز ڏني وئي: سامان، گاڏيون، ڇپرا، فرشي مسواڙ، گودامن جي مسواڙ، مال جي پرتيءَ جي گنجائش، راهداري ۽ ڪرين جو استعمال. گڏوگڏ مڇي مارڻ لاءِ به لائسنس جاري ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ پورٽ ٽرسٽ جي جوڙجڪ بابت اڃا حتمي فيصلو نه ٿيو هو پر 1875ع جي ايڪٽ IIIموجب "ڪراچي لينڊنگ اينڊ وهارفيج فيس ايڪٽ" منظور ڪيو ويو، جنهن ڪراچي بندرگاهه تي عملدارن جي پرتي ڪرڻ ۽ لينڊنگ، شپنگ، وهارفيج وغيره جي اُگاڙڻ لاءِ فيون مقرر ڪرڻ بابت بمبئي گورنر کي بااختيار بڻايو. انهي قدم سان ڪراچي بندرگاهه جي ڪمائي هڪدم وڌي ٻن لکن تائين وڃي پهتي.



بندرگاهه ٽرسٽ جي جوڙجڪ ڏانهن شروعاتي وک طور سرڪار 10 مارچ 1880ع تي هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي "ڪراچي هاربر بورڊ" جي نالي سان هيٺين عملدارن تي ٻڌل بورڊ ٺاهيو:

1. ڪرنل سي. اي بولٽن (ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر) – صدر
2. ڊبليو. ٽي ڪول
3. ڊبليو. ايچ پرائس
4. ميجر جي. ميري ويڌر
5. ليفٽيننٽ جي. سي پارڪر
6. جي. ڪيمپبل (سنڌ – پنجاب ريلوي جو عملدار)
7. اي. مڪهنچ (ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو ميمبر)

شروع ۾ اهو بورڊ مٿين پنجن ميمبرن تي ٻڌل هو پويان ٻه عملدار پوءِ شامل ڪيا ويا.

ڪراچي هاربر بورڊ جي پهرين ساليانه رپورٽ ۾ بندرگاهه جي ڪاڙين کي اونهو ڪرڻ، مقامي جيٽي ۾ سڌارو آڻڻ ۽ "پراڻي پورٽ ٽرسٽ آفيس"، پٽيوالن جي ڪوارٽرن، گيٽ ڪيپرن جي ڪمرن جي اڏاوت ۽ مقامي جيٽي تي سامان لاءِ ڇپرو اڏڻ جون سفارشون ڪيون ويون.

1881ع ۾ نيپيئر مول تي ترام لاءِ پٽڙيون وڇائڻ ۽ "لياري بند رٿا" تي ڪم شروع ڪرڻ جو بنياد رکيو ويو. 1882ع ۾ انهي جي شروعات ٿي ۽ نتيجي ۾ مڇي، گاهه ۽ ٻارڻ جون ڪانيون هٿيڪو ڪرڻ ممڪن ٿيو.

هٿرادو بند (مول) سان گڏو گڏ پائيپن وسيلي پاڻيءَ جي پهچ سر چارلس نيپيئر جو خواب هو. انهي خواب جي عملي ساڀيان لاءِ 83-1882ع ڏاري هڪ رٿا منظور ڪئي ويئي.

ساڳئي سال 12 آگسٽ 1882ع تي ميري ويڌر ٽنب پهريون ڀيرو استعمال هيٺ آندو ويو. "ڪلين مڪڊونلڊ اينڊ نيپلز" جي نالي سان بحري ٽرانسپورٽ جي شروعات ٿي ۽ ان وسيلي پهرئين ساموندي سفر ۾ ٻه بلوچ ۽ ويهه پنجابي مسافر مصر ڏانهن روانا ٿيا.

11 آڪٽوبر 1882ع تي پهريون ڀيرو بندرگاهه تي آبي ڪرينون ڪتب آنديون ويون. مسٽر اي. گلبرٽ،جيڪو هاربر بورڊ جو هڪ ميمبر ۽ سنڌ-پنجاب ريلوي جو سپرنٽينڊنٽ هو لکت ۾ تجويز اڳيرو ڪئي ته واپاري گهرجن جي واڌ ۽ صوبي جي وڌندڙ آبادي سبب بندرگاهه جي واڌ ويجهه لاءِ سرمايو آڻڻ لاءِ بورڊ کي کُلي اختيار هجڻ کپن.

مسٽر پرائس، جيڪو تن ڏينهن بندرگاهه جو انجنيئر هو انهن رٿائن کي اڳتي وڌايو جيڪي هن اڳواٽ تيار ڪري رکيون هيون ۽ جيڪي واپار جي واڌ ويجهه لاءِ بنهه ضروري هيون پر ڏوڪڙن جي کوٽ سبب رکيل هيون.

هڪ عارضي باڊي هجڻ باوجود ڪراچي هاربر بورڊ سنڌ جي ڪمشنر اين. ايچ. بي ارسڪن اڳيان تجويز پيش ڪئي. ارسڪن بندرگاهه بابت تفصيلي رپورٽون ۽ تجويزون گهرايون هيون. موٽ ۾ بندرگاهه ٽرسٽ جي جوڙجڪ ۾ قرض منظوريءَ جي اختيارن سميت ڪئين تجويزون ڏنيون ويون پر اهي تجويزون هڪ ڀيرو ٻيهر مالي بنيادن تي پاسيرو رکيون ويون. پر 1883ع ۾ مقامي جيٽي ڏانهن وڌندڙ وهڪرو ايتري حد تائين وڌي ويو جو 5 مئي 1883ع تي "سنڌيا" (Scindia) نالي بحري ٻيڙو جيڪو 416 ٽن وزني هو ۽ 180 درجن تي 11.8 ميٽرن جي اونهائيءَ ۾ تري رهيو هو ميسرز گراهام اينڊ ڪمپني جي گذارش تي مقامي جيٽي ڏانهن موڙيو ويو ۽ اتي لنگر هڻڻ سان گڏ سامان لاهي، ٻيهر لوڊ ڪري پنهنجي منزل ڏانهن اُماڻيو ويو. اها جهاز رانيءَ جي هڪ وڏي سوڀ هئي پر ٻيڙي جي ناڪئي ان عمل کي مصروف سيزن ۾ بنهه اڻ صلاحو قرار ڏنو. انهن مڙني شين لنگر هڻڻ لاءِ واڌو جڳهه جي ضرورت ڏانهن ڌيان نه ڇڪايو.

1884ع ۾ سر جيمس فرگوسن جاچ لاءِ پهتو ۽ بندرگاهي ڪمن بابت جاڻ ورتائين. ان ڪانپوءِ هو هڪ نتيجي تي پهتو ۽ ٻين شين سان گڏ هيٺين گهرجن لاءِ زوردار سفارش ڪيائين:

1. ڪياماڙيءَ وٽ هڪ واڌو شپنگ وهارف ۽ رهائشي اڏاوت.
2. مقامي جيٽي وٽ هڪ واڌو وهارف
3. بندرگاهه ٽرسٽ جي جوڙجڪ

نيٺ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي جوڙجڪ لاءِ هڪ قانوني بل 1886ع جي ائڪٽ IVطور منظور ڪيو ويو ۽ پهرين اپريل 1887ع تي اهو عمل هيٺ آيو.

پراڻي هاربر بورڊ جي آخري گڏجاڻي 30 مارچ 1887ع تي ٿي ۽ انهيءَ جو آخري نهراءُ اهو هو ته پهرين اپريل 1887ع کان ڪراچي جي پورٽ ٽرسٽ سان لاڳاپيل ٻيڙا گاڏهي جهنڊي سان روانا ٿيندا.

نئين جوڙيل بندرگاهه ٽرسٽ جي

ڦهرين گڏجاڻي 4 اپريل 1887ع تي ٿي ۽ ڪراچي بندرگاهه جا شروعاتي ٽرسٽي هينيان هئا:

1. ليفٽيننٽ ڪرنل آر.آءِ ڪرافورڊ – چيئرمين
2. ڪئپٽن جي. سي پارڪر – وائيس چيئرمين
3. ميجر ايل. ڪانوي گورڊن – ڊئريڪٽر نارٿ ويسٽرن ريلوي
4. آر. اين ڪوگلن – ڪليڪٽر ڪسٽم
5. اي مڪ هنچ – چيئرمين ڪراچي چئمبر آف ڪامرس
6. آگسٽن ٽول – صنعتڪار
7. جهانگير ايچ ڪوناري – صنعتڪار
8. فتح چند آتما رام – صنعتڪار

پورٽ ٽرسٽ جو ڏيان ڇڪائيندڙ شروعاتي اهم مامرن مان هڪ مامرو گاسليٽ جي ذخيري لاءِ بهتر هنڌ مهيا ڪرڻ هو. جيڪو تن ڏينهن مقامي جيٽي وٽ گڏ ڪيو ويندو ۽ پوءِ اتان ڏاند گاڏين وسيلي به ميل پري ميونسپل جي گودامن ۾ آندو ويندو هو. انهي عمل دوران سيمي ۽ هٽ جي صفائي سبب گهٽو ذخيرو زيان ٿي ويندو هو. تنهن ڪري تجويز ڏني ويئي ته انهيءَ کي ڏاند گاڏين وسيلي ڪٽڻ بدران پائيپن وسيلي نيو وڃي. 1898ع ۾ ريلوي وسيلي هڪ خاص تيل گاڏيءَ ۾ پهچائڻ جو پڪو بندوبست ڪيو ويو.

1889ع ۾ پهريون پيرو بندرگاهه تي برآمدي ٿلهي (Import Yard) لاءِ ويچاريو ويو. ان مقصد لاءِ اهو رٿيو ويو ته نيپئر مول ۽ بوٽ ڪلب جي وچ ۾ به ايڪڙ زمين جي گهر ڪجي. پر اهو خيال 1891ع تائين ساپيان ماٺي نه سگهيو. چئمبر جي ان وقت جي چيئرمئن ٽي. ايل. ايف بيومائونٽ بندرگاهه ٽرسٽ کي لکيو ته ڪراچيءَ ۾ واپاري سرگرمين جي وڌي پئماني تي اُڀار باوجود برآمدي ۽ درآمدي جنسن جي ذخيري جي جڳهه لاءِ وڌو ۽ وقتائتو فيصلو نه ڪيو ويو آهي.

20 نومبر 1895ع تي لارڊ سينڊرسٽ، ڪمشنر مئنسفيلڊ (67-1862ع) ڪانپوءِ سندس نالي سان بندرگاهه تي برآمدي ٿلهي جو بنياد وڌو. مئنسفيلڊ ڪراچي بندرگاهه جي سڌاري لاءِ حد کان وڌيڪ ڪوششون ڪندڙ عملدارن مان هڪ هو. جلد ئي اهو نئون ٿلهو به اٽيورو ٿي پيو. تنهن ڪري 1896ع ۾ ميدان ۽ ڇپرن ۾ واڌ ڪئي ويئي. 1899ع ۾ بندرگاهه ٽرسٽ جو پاڻيءَ جي اگهه تان ميونسپلٽي وارن سان جهيڙو ٿي پيو. ميونسپلٽيءَ پاران پاڻيءَ جو اگهه هڪ رپيو 80 پئسا في هڪ هزار گيلن جي حساب سان اڳاڙيو پئي ويو.

اهو هڪ مهانگو اگهه هو. تنهن ڪري بندرگاهه ٽرسٽ پنهنجا پاڻيءَ جا پائيپ وڇائڻ جو سوچيو جنهن تي ميونسپلٽيءَ ڪي 60 پئسا في هڪ هزار گيلن جي حساب سان ادائيگي ڪرڻي هئي. ميونسپلٽي انهيءَ تي راضي ٿي ويئي ۽ بنهي ڌرين پاران لکت ۾ اهو ناهه منظور ڪيو ويو.

جون 1899ع ۾ ميسرز ٽي ڪوسر اينڊ سنز نالي هڪ ڪمپني اهو ٺيڪو هٿ ۾ ڪنيو ۽ پهرين جنوري 1901ع تي انهيءَ تي عملدرآمد شروع ٿيو.

01-1900ع وارو دفتري سال بندرگاهه جي تاريخ ۾ هڪ خراب سال ٿي گذريو. ڪٽڪ جي فصل جي گهٽ اُپت سبب بندرگاهه جي مجموعي ڪمائي گهٽجي 8,40,717 رپين تي وڃي بيٺي. سڄي سال ۾ جَوَن جو ڪو به روانگي واپار نه ٿيو. 03-1902ع واري سال ۾ روينيو ۾ وري جوڳي واڌ ٿي.

1902ع ۾ درآمدي جنسن جي ذخيري لاءِ جڳهه بنهه سوڙهي ٿي پئي ۽ سنڌ جي ڪمشنر کي پنهنجي هڪ خانگي دوري دوران هڪ تار مليو ته درآمدي شين جي ذخيري وارو هنڌ سوڙهو ٿي پيو آهي ۽ بندرگاهه ٽرسٽ جون اختياريون ڏکيائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه پيون ڪن.

انهي صورتحال جو ثمر اهو ٿيو جو لياري نديءَ جي سُڪل پيٽ ۾ هڪ هنڌ زمين ٽڪر مختص ڪري ساڍا ست لک رپين جي لاڳت سان نئين رٿا جوڙي ويئي جتي هاٽوڪو ٿلهو موجود آهي.

مفصل رٿائن جي جاچ لاءِ ڪئين ڪاميٽيون جوڙيون ويون ۽ 1905ع ۾ هڪ رپورٽ جمع ڪرائي ويئي، جنهن ۾ هينين ڳالهين تي زور ڏنو ويو:

1. سموري ٻاهرئين واپار جي ڏيتي ليتي ڪاڙيءَ جي الهندي پاسي، جتي هن وقت ويسٽ وهارف آهي، ٿيڻ گهرجي.
2. مناسب انگ ۾ ساموندي دڪا اڏيا وڃن ۽ انهن پرسان برآمدي واپار جا ٿلها به ٺاهيا وڃن.

هڪ ٻي صلاحڪار ڪاميٽي ترقياتي رٿا جي تفصيلن ۾ وڃڻ جي تجويز ڏني. اها ڪاميٽي هينين ميمبرن تي ٻڌل هئي:

1. آنريبل ڊبليو. سي هيوز (بمبئي پورٽ ٽرسٽ جو چيئرمين)
2. جي. آر بيل (هندستان سرڪار جي رياستي ريلوي لاءِ اڳوڻو صلاحڪاري انجنيئر)
3. اي. ايف جيڪب (اتر – الهندي ريلوي جو ٽرئفڪ سپرنٽينڊنٽ)
4. اي موئرهيڊ G.I.P) ريلوي جو جنرل ٽرئفڪ مئنيجر)

هن ڪاميٽيءَ کي هيٺين اهم مامرن تي غور ويچار ڪرڻ جي گذارش ڪئي ويئي:

(الف) گھرج مهل ڪراچيءَ کي اتر هندستان لاءِ فوجي جٽن جي اڏي طور ڪتب آڻڻ لاءِ اڳواٽ بندوبست

(ب) ڪراچيءَ ۽ عدن وچ ۾ هڪ ممڪن برانچ ميل لاءِ رٿابندي

(ٻ) ڪراچي بندرگاهہ تي چڪر تي ايندڙ وڏن ٻيڙن جي استعمال واسطي ڊاڪيارڊ لاءِ مناسب هنڌ جي چونڊ

وهارف جي واڌاري ۽ مسافرن لاءِ انتظارگاهہ جي اڏاوت لاءِ زمين جي گھرج، ڪياماڙي وٽ برٿ لاءِ ريل پٽڙيون وڇائڻ، روڊ رستن لاءِ ڪوٽائين ۽ اڏاوتن ۽ پهچ جي ذريعن وغيره خاطر بندرگاهہ ٽرسٽ لاءِ 45 لکن جي قرض جي منظوري ورتي ويئي. اهڙي منظوري کان اڳ ۾ بندرگاهہ ٽرسٽ جي قاعدن ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي. اهو سڀ ڪجهہ 1906ع ۾ ٿيو.

واپار جي مستقل واڌ سبب وڌيڪ جڳهہ جي ضرورت ٿي پئي. تنهن ڪري ميونسپلٽي ۽ فوجي اختيارين واڌو زمين لاءِ جتن شروع ڪيا ۽ ان لاءِ سٽي اسٽيشن پرسان 165 ايڪڙن تي ٻڌل زمين ٽڪر کي ايڪسپورٽ يارڊ (درآمدي ٿلهي) ۽ ڪياماڙيءَ وٽ اصلوڪي ڪمشنري ٿلهي کي امپورٽ يارڊ (برآمدي ٿلهي) طور ڪتب آڻيندي ريلوي کي ڏنو ويو ۽ ريلوي يارڊ کي بندرگاهہ ٽرسٽ حوالي ڪيو ويو.

اڳتي هلي هيءَ رٿا ليارِيءَ ڏانهن موڙي ويئي ۽ اتي پيل خالي زمين هٿيڪي ڪئي وئي. ٽڪڙو ئي هن رٿا تي مالي لاڳت جي حوالي کان بندرگاهہ ٽرسٽ ۽ ميونسپلٽي وچ ۾ ڦڏو ٿي پيو. نيٺ 1909ع تائين هيءَ رٿا پنهنجي تڪميل تي پهتي.

ان کان اڳ مارچ 1906ع ۾ ڪياماڙي پول کي ٻيهر ڪارائتو بڻايو ويو. پر پڪيڙ جي گھرج ايتري گھٽي هئي جو ان لاءِ وڌيڪ زمين جي ضرورت هئي. هارڊنگ پُل وارو سوال ريلوي اختيارن لاءِ مٿي جو سور بڻجي ويو. ان مامري کي نيپئر مول وٽ هڪ نئين ريلوي پُل اڏڻ واري خيال وسيلي سلجهايو ويو. جيتوڻيڪ ريلوي اختياريون هن نئين تجويز بابت راضي هيون پر ٽرام ڪمپنيءَ کي انهيءَ تي ڪئين اعتراض هئا، تان جو 1910ع ۾ ڪيس ساڍا نوَ هزار رپين جي ادائيگي وسيلي مطمئن ڪيو ويو.

1907ع ۾ بندرگاهہ ٽرسٽ ايڪسپورٽ يارڊ جي ڪشادگي ۽ هڪ نئين امپورٽ يارڊ جي اڏاوت لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر پنجاهہ لک رپين جو قرض کڻڻ جي درخواست ڏني. ان ڪانپوءِ بحري جهازن جي بچاءُ واسطي منهوڙي وٽ هڪ برقي چمني اُڀي ڪئي ويئي. هندستان ۾ پهريون ڀيرو 1848ع ۾ بجلي ٺاهي ويئي هئي ۽ ان جي نمائش امير ٽاور جي ذڪڻ الهندي برُج تي اڏيل هڪ مناري تي ڪئي ويئي هئي جيڪو سامونڊي سطح کان 120 فوٽ مٿي هو. اهو هڪ اُڀو مينار هو جيڪو چوماسي وارن ڏينهن ۾ صاف موسم ۾ 16 ميلن تائين ۽ ڪوهيڙي ۾ لڳ ڀڳ پنجن ميلن تائين چٽو ڏسڻ ۾ ايندو هو. ٻي برقي چمني 1877ع ۾ ٺاهي ويئي، جيڪا اصل ۾ ڪوڪونڊا بندرگاهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ ٺاهي ويئي هئي. اها برقي چمني هڪ اُتاهين مُناري تي ڪُتل ۽ ٻن رخن ۾ ڦرندڙ هئي، جنهن ۾ اڇي روشني هر ٻن منٽن ڪانپوءِ هڪ چمڪندڙ بتي (فليش) ٻاريندي هئي جيڪا 20 ميلن تان ڏسڻ ۾ ايندي هئي. 1889ع ۾ انهيءَ کي ٻيهر بدلايو ويو ۽ برقي چمنيءَ کي اڳوڻي رخ کان 607 گزن جي فاصلي تي هاڻوڪي رخ تي ڦيرايو ويو. ان ڪانپوءِ هڪ نئين چمڪندڙ بتيءَ واري چمني ٺهي راس تي ۽ 12 فيبروري 1909ع تي منهوڙي وٽ ان جو افتتاح ڪيو ويو.

12 اپريل 1911ع تي نيپئر مول وٽ هارڊنگ پُل مڪمل ڪري رسمي نموني کولي ويئي.

تيزيءَ سان وڌندڙ واپار سبب 1881ع ۾ ٺهيل اڳوڻي پورٽ ٽرسٽ آفيس ننڍي ٿي پئي. تنهن ڪري نئين آفيس لاءِ هاڻوڪو هنڌ چونڊيو ويو ۽ انهيءَ لاءِ هندستان سرڪار جي ڪنسلٽنٽ آرڪيٽيڪٽ مسٽر او وائيٽ جون خدمتون ورتيون ويون. هن ساڳئي نقشي تي نئين ڪسٽم هائوس جي تجويز ڏني. اڄ اسان شهر ڏانهن ايندي اتي سهڻي شاهي عمارت ڏسون ٿا جيڪا فني مهارت جو هڪ شاهڪار آهي. نئين عمارت جي اڏاوت دوران آفيسن کي عارضي طور جنهن بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو اها بندر روڊ ۽ مئڪلوڊ روڊ جي سنگم تي واقع ايڇ. جي رستمجي بلڊنگ هئي، جيڪا ڪراچيءَ کي

مستقبل جو عظيم شهر بڻائيندڙ عمارتن مان پهرين عمارت هئي. هن وقت اها عمارت ميري ويڌر ٽاور ويجهو پنجاب بئنڪ جي قبضي ۾ آهي.

نئين بندرگاهه ٽرسٽ آفيس جو افتتاح 5 جنوري 1916ع تي ڪيو ويو. بندرگاهه ٽرسٽ لاءِ ڪُل وقتي چيئرمين جي مقرريءَ وارو مامرو شروع کان ئي بحث هيٺ آيل هو پر 1909ع تائين اهو نبري نه سگهيو. نيٺ چيئرمين جي مقرريءَ جي گهرج شدت سان محسوس ٿي ۽ مسٽر ايچ. چارلس ميولس، جيڪو 1905ع کان آفيس جي نگهباني ڪري رهيو هو، بندرگاهه ٽرسٽ جو پهريون ڪُل وقتي چيئرمين مقرر ٿيو. ميولس هن عهدي تي 1919ع تائين رهيو.

چارلس ميولس بندرگاهه ٽرسٽ جي بهترين سربراهن مان هڪ هو. پورٽ ٽرسٽ بلڊنگ جي مُک لنگهه وٽ سهڻي نموني لڳل هڪ ننڍو پر وڻندڙ مجسمو سندس يادگار طور موجود آهي ۽ بندرگاهه جي اُڀرندي ڊڪي (ايسٽ وهارف) وٽ "ميولس مينشن" نالي هڪ سگهاري عمارت موجود آهي جيڪا ٻي مها ياري ويڙهه دوران بحري فوج جي دفتر طور ڪتب آندي ويئي هئي.

1912ع ۾ ڪئينز روڊ تي واقع ايڪسپورٽ يارڊ مڪمل ٿيو. ساڳئي سال مسٽر آگسٽن ٽول، جيڪو 1886ع ۾ هاربر بورڊ جي ميمبر جي حيثيت سان پورٽ ٽرسٽ ۾ شامل ٿيو هو ۽ بورڊ ۽ ٽرسٽ ۾ سندس خدمتون املهه هيون، رٽائرڊ ٿي ويو. سندس خدمتن جي اعتراف طور هينئين نهراءُ منظور ڪري ان کي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويو:

"ٽرسٽي بورڊ مسٽر ٽول جي برطانيا ڏانهن مستقل بدليءَ سبب بورڊ تان پنهنجي سيٽ تان ضروري استعيفيٰ تي نهايت افسوس جو اظهار ڪري ٿو. مسٽر ٽول 1886ع ۾ هاربر بورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ان وقت هڪ ٽرسٽي طور مقرر ٿيو جڏهن اپريل 1887ع ۾ پورٽ ٽرسٽ پهريون ڀيرو عملي طور شروعات ڪئي. ان وقت کان وٺي، 25 سالن جي عرصي تائين هو بورڊ جو مستقل ميمبر رهندو پئي آيو. ڪراچيءَ جي گهرجن بابت وسيع ڄاڻ ۽ لاڳاپيل مڙني شعبن ۾ باقاعدي اهل هجڻ واري مهارت، بندرگاهه جي ترقي ۽ حساس ترين مفادن سان سلهاڙيل سندس پختي تجربي مان گذريل ڪئين سالن کان سندس صلاح ۽ معاونت وسيلي بي بها ڪاميابيون ماڻيندڙ سندس ساٿي ۽ بورڊ جا اڄوڪا ميمبر محسوس ڪن ٿا ته سندس موڪلائيءَ سان ڪين هڪ وڏو نقصان رسيو آهي جنهن جو پورائو نٿو ٿي سگهي. هو اهو ڄاڻندي مطمئن هو ته سندس رٽائرمينٽ جي موقعي تي بندرگاهه، جنهن جي مفادن وٽان هن دل و جان سان ڪم ڪيو، اُڳاڙين جا سمورا اوائلي رڪارڊ ٽوڙي چڪي آهي ۽ هڪ بنهه خوشحال ۽ ناماچاري ماڻيندڙ بندرگاهه بڻجي چڪي آهي.

مسٽر ٽول جي موڪلائيءَ جي موقعي تي بورڊ ڪيس دل جي گهراين سان هڪ ڪارائتي ۽ عزت ڀرئي پيشي ۾ هڪ ڏگهو اطمينان بخش ۽ سَرهائي وارو عرصو گذارڻ، جنهن ۾ هن پنهنجي حياتيءَ جا 32 سال ڪراچيءَ کي ڏنا ۽ بندرگاهه سان سندس يادن کي سلهاڙيل رکڻ لاءِ نئين اڏجندڙ يارڊ کي ساٿس اربيندي ان کي "ٽول پيداواري يارڊ" جو نالو ڏئي ٿو."

بندرگاهه جي اوسر واري ٻي مدت، جنهن جو عرصو 1874ع کان 1914ع تائين آهي، کي مختصر ڪندي اسان اهو ضرور چونداسين ته بندرگاهه جا سمورا اڀرنديان ڊڪا (ايسٽ وهارف) هيٺين نموني اڏيا ويا:

1. ميري ويڌر ٽنپ – اونهي سمنڊ ۾ ويندڙ ٻيڙن لاءِ برٿ – 1882ع
2. ارسڪن وهارف – 3 برٿ – 1888ع (جن مان پهريون ۽ ٻيو برٿ 09-1908ع ۾ ٻيهر ناهيا ويا)
3. جيمس وهارف – 3 برٿ – 1895ع
4. گائلز وهارف – 3 برٿ – 07-1906ع
5. ينگ هسبينڊ وهارف – 4 برٿ – 10-1908ع

ايئن 1910ع تائين بندرگاهي ڊڪن جو 17 برٿن سان هڪ لاڳيتو سلسلو آهي، جن جي مجموعي ڊيگهه 8,600 فوٽ آهي. ان سان گڏوگڏ ان عرصي ۾ پنهنجي هڪ الڳ پائيپ لائين سان آئل پيئر به ناهيو ويو.

1914ع کان اڳ ۾ ڪيل ٻين ڪمن/اڏاوتن جو وچور هن ريت آهي:

1. يارهن ايڪڙن تي ٻڏل بوٽ بيسن.
2. منهوڙي لائيٽ هائوس جي تڪميل (1909ع) ۽ ڪيپ مونزي لائيٽ هائوس جي اڏاوت (1914ع)
3. نيپئر مول بوٽ وهارف جي توسيع (1914ع).
4. ريلوي ڪمن ۾ واڌارو ۽ سڌارو.
5. منهوڙي وٽ هڪ ننڍي ڊڪيل گودي جي اڏاوت (1901).
6. 1909ع ۾ اها گهُر عمل هيٺ آئي ته ڪراچي بندرگاهه کي 353 ايڪڙ قيمتي



زمين ٽڪرا ڏنا ويڻ، جنهن تحت:

(الف) 177 ايڪڙ ميونسپلٽي کان خريد ڪيا ويا ۽ انهن کي "ٽول يارڊ" لاءِ ڪتب آندو ويو.

(ب) 61 ايڪڙ مئنسفيلڊ يارڊ لاءِ مخصوص ڪيا ويا.

(ٻ) 115 ايڪڙ همپ يارڊ (چائنا ڪاٽڙي ۽ ڪياماڙي جي وچ ۾) لاءِ مخصوص ڪيا ويا.

7. 1898ع ۾ خريد ڪيل "وليم پرائس" ڪرين وسيلي ڪوٽائيءَ جو عمل مڪمل ٿيو جنهن هيٺ لنگر وارن هنڌن ۽ ڪاٽڙين کي اونهو ڪيو ويو.

1914ع ۾ ۽ ڳڏوگڏ 1939ع ۾ پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين جي شروعات وقت، ڪياماڙيءَ وارو بندر وچ ايشيا لاءِ آپريشن جو مرڪز بڻيو ۽ ڪراچيءَ کي هندستان جي ٽئين وڏي بندرگاهه جي حيثيت ملي.

ويجهڙائيءَ واري تاريخ ڏانهن ايندي ڪراچي بندرگاهه پنهنجي ٻيٽي حيثيت واري روپ ۾ چمڪندي نظر اچي ٿي، جيڪا شهر جي واپاري طبقن پاران لاڳيتي گهر جو ثمر آهي. ٻي مها ياري ويڙهه دوران خطي جي هن واحد بندرگاهه مٿان وڏو دٻاءُ هو ۽ ساڳئي وقت بندرگاهه ٽرسٽ هڪ زرخيز پوکيءَ جو ڪتيو ٻه ڪاڏو. هاڻي اهو هڪ اهڙي حيثيت ۾ هو جو نوَن منصوبن ۽ عظيم تر رٿائن تي ويچارڻ ممڪن ٿي پيو.

1919ع ۾ بندرگاهه جي مستقل واڌاري ۽ ترقيءَ بابت سر فريڊرڪ پامر سان صلاح ڪئي ويئي. ڪياماڙي بندر جي الهندين پاسي بحري دڪن ۽ ريلوي ٿلهن جي اڏاوت بابت ويچاريو ويو. نيٺ اهي رٿائون منظور ڪيون ويون ۽ 1921ع ۾ ڪمن جي شروعات ٿي، بحري گهاٽ واريون ٿُلهيون پٽيون آهستي آهستي سمنڊ هيٺ اچڻ لڳيون ۽ مرحليوار پنهنجي وزن جي دٻاءَ هيٺ اينديون ٿي ويون. پٽراوان شاهي چبوترا پاڻي هيٺ اچڻ ڪانپوءِ دڪن طور ڪتب آندا ويا ۽ ٿُلهيون پٽيون ڪنهن مرمتي خرچ کان سواءِ مستقل اڏاوتون بڻيون.

1927ع ۾ ويسٽ وهارف جي شروعاتي دڪن جو ڪم مڪمل ٿيو ۽ تڪڙو پوءِ بجلي مهيا ٿيڻ تي اتي ٻه ٽن وزن جي گنجائش رکندڙ ڪرينون کوڙيون ويون ۽ سامان جي رکت ۽ ڪٽت لاءِ ڇپرا اڏيا ويا.

1929ع ۾ وڏيڪ ٻه ڇپرا اڏيا ويا. نوَن دڪن تي لڳ ڀڳ اٺ لک رپيا خرچ ڪيا ويا.

1936ع ٽائين وڏيڪ سڌاري واريون رٿائون ٻه سئو کان ڪجهه مٿي ايڪڙ زمين والاري ويون. ٻي مها ياري ويڙهه کان اڳ ڪراچي بندرگاهه هر هنگامي حالت لاءِ بنهه تيار هئي.

پرل هاربر (جاپان) واري المئي ڪراچيءَ کي ڀيهر ناما چاري ڏني. مڙني موٽ ڪاڏل ۽ مايوس مال بردار ٻيڙن کي هتي خالي ڪيو ويو ۽ هڪ ئي وقت ملندڙ ڳري رقم بندرگاهه جي ڪرينن جي گنجائش کي وڌائي ڇڏيو. "پهلوان ـ2" نالي ڪرين سچ پچ هڪ

سگهاري تارُو وارو ڪردار ثابت ڪيو پر سنڌس گنجائش رڳو 20 ٽنن تائين هئي. آمريڪي اختيارين "ڪنگ ڪانگ" نالي هڪ ٻي گهڻ وزني گنجائش واري ڪرين مهيا ڪري ڏني.

جنگي دٻاءَ واري مدت دوران اهو محسوس ڪيو ويو ته بندرگاهه کي بهتر بارگير سهولتن، سامونڊي ڊڪن، ڪرينن، لائيٽرن ۽ ڇڪيندڙ ٻُرزن جي سخت ضرورت آهي. گهوٽالي ۽ هنگامي حالتن واري انهي دور سبب ممڪن بهتريءَ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي. بهتر سهولت ڏيڻ لاءِ تبديليون آنديون ويون. ٻيڙن جي ٻارڻ (تيل) جي انبار خاني، ٽرانسپورٽ کي خالي ڪرڻ ۽ سڌي سنئين پرائي ۽ ٻيڙن تائين پهچ لاءِ سڌا رستا ناهيا ويا.

انهن ئي ڏينهن ۾ "بندرگاهن بابت گڏيل اينگلو آمريڪن مشن" ڪراچي بندرگاهه جو دورو ڪيو ۽ امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ طور سنڌس وڌ ۾ وڌ گنجائش جو ڪاٿو 8000 ٽن في ڏينهن لڳايو. ڪئين ڏکيائين باوجود ڪراچي بندرگاهه پنهنجي توقعاتن کان وڌ ڪم ڪيو. سال ۾ ڪئين اهڙن ڏينهن باوجود نه رڳو 12,000 ٽن جو ٽارگيٽ انگ پورو ڪيو پر رواجي ڪمن سان گڏوگڏ ڪراچي بندرگاهه "ٻيڙن جي اسپتال" وارو روپ به ڌاريو. انهيءَ لاءِ ايسٽ وهارف جون چار گوديون مخصوص ڪيون ويون. جتي وڏي پئماني تي ٻيڙن جي مرمت جو ڪم ٿيندو رهيو.

1942ع کان 1945ع تائين جي عرصي ۾ ڪراچي بندرگاهه تي واپاري ٻيڙن جي مرمت جو وچور هن ريت آهي:

1942ع۔ 154 ٻيڙا
1943ع – 305 ٻيڙا
1944ع – 387 ٻيڙا
1945ع – 263 ٻيڙا

گڏوگڏ بحري فوج جون ٻيڙيون پڻ مرمت لاءِ آنديون ويون، جيڪي هن ريت هيون:

- خشڪ گوديءَ تي آندل ٻيڙيون – 83
- معمولي مرمت لاءِ آندل ٻيڙيون – 94
- وڏي مرمت لاءِ آندل ٻيڙيون – 132

ٻي مها ياري ويڙهه واري سڄي عرصي دوران ڪراچي بندرگاهه جي ڪوششن جي ڪاميابي سنڌس "سهڪاري ڪوشش" جي مهابي هئي. هڪ "ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي" جوڙي ويئي جيڪا بندرگاهه جي عملدارن، بري ۽ بحري فوج، جنگي ٽرانسپورٽ واري وزارت، ريلوي ۽ بحري جهازن جي ڪمپنين تي ٻڌل هئي. هن ڪاميٽي وڏي ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيو. بندرگاهه پنهنجي گنجائش پنجاهه سيڪڙو کان به وڌائي ۽ اهليت ۽ پورٽ جي سنڌس اڳوٽي ساک پختي ٿي.

ڪراچي بندرگاهه جي حيثيت رڳو هڪ سامونڊي بندر واري نه آهي. 1930ع جي پڇاڙيءَ واري اُلهندي ڊڪي واري ڪاڙي (ويسٽ وهارف چئنل) شاهي هوابازي جي ايئر شپ جي چئنل طور تبديل ٿي ۽ هتي هڪ وڏو بحري اڏو ناهيو ويو. بعد ۾ مختلف وقتن تي ۽ جنگ وارن ڏينهن ۾ اهو اڏو محفوظ ۽ مناسب نه سمجهندي ايئر بيس کي ڪورنگي ڪريڪ ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

اهو هڪ ڏکهو داستان آهي. پر جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪراچيءَ جي حيثيت سنڌس بندرگاهه جي مهابي ئي آهي، تنهن ڪري هن ڪهاڻيءَ پنيان اها جاگرافي آهي جنهن اڄ ڪراچيءَ کي گدلي مٽيءَ جي پٽين واري ٻيٽولي مورچي مان اوچ تي آٽي عظيم الشان بندرگاهه بڻايو آهي.

برٽن انهيءَ بابت ئي لکيو ته:

"ڪراچي پاڻمرادو ترقي ڪئي آهي ۽ هن شهر يورپ سان ڳنڍيندڙ هڪ اهم ماڳ طور پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي. اهو هڪ فخر جوڳو اڻ ڳڻيون خوبيون رکندڙ هڪ فطري ماڳ آهي جنهن پنهنجي فن وسيلي ترقي ڪئي آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو ڪراچي بندرگاهه پنهنجي شان شوڪت ۽ سجاوٽ سبب ڪلڪتي، مدراس ۽ بمبئيءَ کي پوئتي ڇڏي ويندي، ايستائين جو گوا ۽ سورت بندر به ڪراچي بندرگاهه جو مقابلو نه ڪري سگهندا ۽ ڪراچي اولهه هندستان جي هڪ بي مثل بندرگاهه بڻبي."

ڪراچي بندرگاهه مستقبل ۾ ڪهڙي حيثيت رکندڙ هوندي، ان بابت ڪا اڳڪٿي ڪري نٿي سگهجي.

1947ع کان ڪراچي بندرگاهه جو سربراهه تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ لائق فائق ۽ ذهين مسلمان عملدار مسٽر امين الدين آهي، جيڪو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو پهريون مسلمان چيئرمين آهي.

ايندڙ وقت اسانجو آهي. اڄو ته انهيءَ کي ماضيءَ کان بهتر ۽ وڌيڪ ساک ڀريو بڻايون. (نوٽ: هيءَ مضمون ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ جي وير ٻائي پارسي اسڪول ۾ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏيندڙ استاد ۽ ليکڪ بهرام سهراب رستمجي جي ڪتاب "Karachi – during the British Era" جي هڪ باب جو ترجمو آهي.)

# موهن جي دڙي جا بين الاقوامي واپاري تعلقات

رحيم داد مولائي شيدائي

قدرت طرفان سڳوري سنڌ کي منو مهراڻ بطور ذات مليل آهي. "رگ ويد" ۾ ڄاڻايل آهي ته مهراڻ جي ڪپن تي سلماوتي (سرن) جا بيشمار ٻوڙا آهن. هنن ٻوڙن جي ڪري مهراڻ جي پاڻي ۾ سڳنڌ آهي. سنڌ ۾ مهراڻ جي برڪت ڪري جيڪي پيداواريون ٿين ٿيون. جهڙوڪ ڪپهه، اُن، چانور، نير، لاک، بانس، بيد، جانورن مان هاٿي، گينڊا، باندر، پکين مان مور ۽ ڪڪڙ انهن شين جي ڪري دنيا جون متمدن قومون سنڌين اڳيان محتاج هيون. اهڙي ثابتي لاءِ اسين هن مضمون ۾ قارئين ڪرام جي معلومات لاءِ هڪ نقشو پيش ڪريون ٿا جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي جو واپار مشرق ۾ ملايا ۽ انڊونيشيا سان اتر ۾ يورال جبل ۽ پامير جي مٿاهين پٽ تائين اولهندي ۾ عراق، ايشيا ڪوچڪ، آرمينيا، فلسطين، ڪريٽ ٻيٽ ۽ مصر سان هو ۽ ڏکڻ طرف ڪوڪن، ملبار تائين يعني ته ٿبٽ، برما، ڪشمير ۽ دکن سان پڻ لاڳاپا هئا.

جيئن اڄ مغربي قومن جي صنعتن ۽ هنرن ڪري ٻيون قومون سندن اڳيان محتاج آهن ۽ مغربي صنعتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. تهڙي طرح قديم سنڌين ڪپڙي سازي، برتن سازي ۽ زرعي پيداوارن ۾ بيحد ترقي ڪئي هئي، موهن جي دڙي جي عمارتن جي جوڙجڪ جي تعريف علماءَ ڪن ٿا. مطلب ته موهن جو دڙو دنيا جو هڪ وڏي مارڪيٽ هو ۽ هتي جي نڪتل شين جهڙوڪ سون، چاندي، جواهرن مان ثابت ٿئي ٿو ته آڳاٽا سنڌي واپار ڪري دولتمند هئا. انهن پيداوارن متعلق "رگ ويد" ۾ ذڪر ڪيل آهي:

"سنڌ ديس! گهوڙن، مال سان ڀريل ڏڳي ڳاڏين، قيمتي ڪپڙن، سونن زيورن، کاڌي پيتي جي شين، ميون ۽ وڻن سان ڀرپور مالا مال آهي ۽ هن برڪت واريءَ نديءَ جي ڪپ تي ماکي ڏيندڙ سرها گل ڦل آهن. سنڌ جي ڏکڻ ۾ سمنڊ هئڻ ڪري آڳاٽا رهاڪو جهاز رانيءَ کان واقف هئا ۽ سندن غوراب ڀري ڀري تائين سمنڊ لتاڙي پهچندا هئا. مصرين کي ممين ڍاڪڻ لاءِ سنڌ جي لاک، نير ۽ باريڪ ململين جي ضرورت هئي. دنيا جي قديم تاريخ توريت ۾ سنڌ جي ململ جو نالو سنڌڻ ڄاڻايل آهي."

3500 ق م ايراني نار جي ڇيڙي وٽ شط العرب ۾ جتي فرات ۽ دجله پاڻ ۾ گڏجن ٿيون اتي اُر جو مشهور شهر ٻڌل هو. جتي حضرت ابراهيم عليه السلام جن تولد ٿيا هئا. اتان پڻ آثار قديمه جي ماهرن موهن جي دڙي جي خط واريون مهرون هٿ ڪيون آهن. جڙيون ٻوٽيون ٿبيٽ کان موهن جي دڙي پهچنديون ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن وينديون هيون. موهن جي دڙي مان سلاجيت ۽ ڦاڙهي جا سڱ هٿ لڳا آهن، موهن جي دڙي جي عمارتن ۽ حوضن جي پاڻن کي جيڪو ڏامر لڳل آهي، سا عراق جي معدني پيدائش آهي.

سنڌين جي قديم جهاز رانيءَ متعلق مسٽر پيٿا والا جو مضمون سنڌ جي ماهوار رساله "سنڌ هسٽاريڪل جنرل ڪراچي" ۾ مسٽر وي گارڊ چائيلڊ جي حوالي سان مئي 1936ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته "پڪ دنيا هڪ جذباتي افسانو آهي. گهٽيون صديون اڳ جڏهن مهراڻ جي هاٺوڪن ويران ڪپن تي هڪ روشني واري تهذيب هئي، جنهن جو لاڳاپو ايران جي مٿاهين پٽ کان پريان بابل جي رياستن سان هوندو هو. اُر جي ڀوريل خزانن کي ظاهر ڪرڻ کان پوءِ قديم مشرقي دنيا جي تصوير جي خبر پئجي ويئي. خشڪيءَ رستي قافلا عراق جي مارڪيٽن لاءِ ڪچو مال پهچائيندا هئا، سنڌين جا غوراب بابل پهچندا هئا."

بابل وارن کي عمارتي ڪاٺ جي ضرورت هئي، اهو ڪاٺ ملبار، برما ۽ ملايا کان موهن جي دڙي پهچندو هو.

مسٽر وليم هنٽر ڄاڻائي ٿو ته سنڌ جا قديم وڻجارا مصر جي سينا جي اپٻيٽ ۽



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ وزير اعليٰ هائوس ۾
روس جي نئين قونصل جنرل اينڊري فيڊروف سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ وزير اعليٰ هائوس ۾ ڪراچيءَ ۾ برسات جي هنگامي صورتحال بابت ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي،
ساڻس گڏ اطلاعات کاتي جو وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
يو آءِ اِي جي قونصل جنرل بقليت عتيق علي اليان الرميٿي سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه چڪوڙا نالو گلستان جوهر ڪراچيءَ ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي.
ساڻس گڏ بلديات جو وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڪراچيءَ جو ايڊمنسٽريٽر مرتضيٰ وهاب پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ برسات جي پاڻيءَ جي مناسب نيڪال جي انتظامن جو معائنو ڪرڻ لاءِ
ٽاور ايريا (ڪراچي) جو دورو ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ مدرسي اسڪول جي پٺيان موجود اسٽرم واٽر ڊرين ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو ڏسندي.
ساڻس گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ، شرجيل انعام ميمڻ، مرتضيٰ وهاب ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سب ميرين انڊر پاس (ڪراچي) ۾ برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ جي نظام جو معائنو ڪندي.
ساڻس گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، مرتضيٰ وهاب ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سنڌ ۾
لڳل برسات جي نگرانيءَ جي نظام جو دورو ڪندي.

سويز تائين پهتا هئا. قديم مصر جي ٽن خاندانن جي دور ۾ سنڌ جو واپار مصر، اردن، شام جي ڪناري ڪريٽ ٻيٽ جي رستن کان خشڪيءَ رستي ۽ سامونڊي جهازن وسيلي هلندو هو. اهڙو ثبوت ميمفس جي ديوارن تي نقش هيرو غليفي ۾ اڪريل تصويرن تان مليو آهي. انهن تصويرن مان سنڌي سپاهين، وڻجارن جي شڪلين جو چڱي طرح پتو پوي ٿو.

مصر جي يارهين خاندان جي ڏينهن ۾ مصرين اهرام تعمير ڪرڻ شروع ڪيا. تڏهن واپار اڳي کان وڏيڪ ترقي ڪئي.

پروفيسر مسٽر پيٽري 1887ع ۾ مصر جي شهر مدينہ الگوراب وٽ ڪن ڏارين ملڪن جي واپارين جون قبرون ڳولي لڌيون. مٿين واپاري تعلقاتن ڪري سنڌي بابلن وارن تور ۽ ماپ جي وٽن ۽ اوزارن کان واقف ٿيا. اهي وزن ۽ ماپ جا اوزار ۽ وٽ تمام نازڪ ۽ ننڍڙا هئا. جن سان اڄ سون ۽ چاندي، ماسن تولن ۽ رتين ۾ توريو ويندو آهي. سير ۽ مڻ جي لاءِ ڪي ٽڪنڊا وٽ هئا ۽ ڪي ننڍا وٽ سليٽي پٿرن مان گهڙيل هئا. اهي عراق ۽ شام جي وٽن سان مشابهت رکندڙ هئا. هن وقت مڻ جو وزن، جو اسانجي وٽن ۾ ورثي ۾ مليو آهي، سو اڪاري ٻوليءَ جو لفظ آهي. سميرين کي نيزن جي ڳنن لاءِ سنڌ جي بانس جي ضرورت هئي، عرب جا قبيلا نيزن ۽ تيرن لاءِ سنڌ جي بانس ۽ بيد ڪي ڪم آڻيندا هئا. هن وقت برٽش ميوزيم ۾ اشوري مڻ جو هڪ وٽ رکيل آهي جنهن جو وزن 7747 گرين آهي. ازانسواءِ قمري مهينا، ڏينهن، هفتہ، منٽ، سيڪنڊ ۽ ڪلاڪن جو حساب ۽ سال جي موسمن جي ڦير گهير موهن جي دڙي وارا بابلي جوتشين کان سکيا. اهي قمري سن اڄ تائين رائج آهن. موهن جي دڙي





وارا هر هڪ موسم جا چار مهينا شمار ڪندا هئا جن ڪان دراوڙ سکيا. جن ڪان نو وارد آريہ مٿيون حساب ڪتاب سکيا. ازانسواءِ روز مرهہ جي ڪٿا، ڪيرتن، جهڙوڪ مهانگنا، اگني هوترا جو رواج بہ سکيا هئا.

مٿيون سمورو واپار سيما صلقي قومن سان هلندڙ هو. اهو ثبوت بلوچستان جي جهالاوان جي علائقي ۾ هڪ پٿر جي ڪتبي تي جيڪي عبارتون اڪريل هٿ لڳيون آهن سي يمن جي حميري خط سان مشابهت رکندڙ آهن. اها عبارت هت نقل ڪري سگهون ٿا. مگر طوالت جي خوف ڪان نظرانداز ڪجي ٿي. شام، صيدار (صيدان)، صور (ٽائر)، ايڪر فنيقي جهاز ران قوم جا بندر هئا. اوفير مان ڪي سنڌ جا باندر ۽ مور حضرت سليمان جي دربار ۾ تحفہ طور پهچايا هئا. سبا قوم جي راڻي بلقيس ڪي خوشبودار شيون ۽ قيمتي ململيون سنڌي واپارين ڪان خريد ڪري سليماني بارگاهہ ۾ پيش ڪيون هيون.

واپار ۽ ڏيتي ليتي جي سلامتي لاءِ حمورابيءَ جا قانون شاهد آهن. توڙي قديم زماني ۾ واپاري رستي غير محفوظ هئا. تنهن هوندي بہ بابل وارن بہ ظالم بادشاهن جيڪي انسانيت کي قتل ڪرڻ مان دلي سڪون حاصل ڪندا هئا، تن واپار جي سلامتي لاءِ جيڪي قدم کنيا هئا، سي واپار جي ترقي لاءِ بيحد اپائتا هئا. حمورابيءَ جا قانون يورپ جي ماهرن بابل جي خدا "ميخي" تان هٿ ڪيا آهن. جو مٽيءَ جي تختن تي لکيل آهن. ان زماني ۾ واپارين وٽ پلاوٽا رکيل هئا جيڪي مال جي مٽا سٽا وقت ڌارين ملڪن جي واپارين کي مال جي پيچڪ ڪان سواءِ قيمت جي رسيد بہ وٺندا هئا ۽ انهن کي رسيدون لکي ڏيندا هئا. يعني تہ ساڍا ٽي هزار ورهيہ ق م واپار ايمانداري سان هلندڙ هو. واپاري فائدي مان حڪومت کي پڻ ٽئڪس ڏنو ويندو هو. پلاوٽ کي بہ ان مان حصو ملندو هو. جيڪڏهن قافلو واٽ تي ڌاڙيل ڦريندا هئا تہ مال جي رقم حڪومت واپارين کي ڀري ڏيندي هئي. بشرطيڪ پلاوٽہ لٽجڻ جي ثبوت لاءِ قسم نامو پيش ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو پلاوٽہ نڳي ڪندو هو تہ سندس شاهوڪار مال جي ٽيڻي رقم بہ ڏنڊ طور ڀري وٺندو هو. ڪو بہ واپاري ڌارين ملڪ جي واپاري کي مال ڏيڻ جو واعدو ڪر ڦري ويندو هو تہ ان واپاريءَ کي مال جي ٻين رقم ڀري ڏيڻي پوندي هئي. بابل جي تختين مان پائيوارن جي منافعي جو احوال ملي ٿو. جيڪڏهن مال سان ڀريل جهاز اتفاق سان ٻڏي ويندو هو تہ سوداگر کي قسم نامو لکي ڏيڻ سان مال جي سموري رقم ملندي هئي. اسيريا جي کنڊرن مان گينڊن ۽ هاٿين جون تصويرون هٿ آيون آهن. جي سنڌ جي واپارين تحفہ طور ڏنيون هيون. موهن جي دڙي واري ڏينهن ۾ سنڌ چوماسي هيٺ هئي. وري جڏهن سنڌ چوماسي کان ٻاهر نڪتي تہ باندرن ۽ هاٿين جو وجود مٽجي ويو. البتہ مور موجود هئا، چاڪاڻ تہ عربي جو شاعر فرزوق عربي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ پهتو، سو اڪثر ڪري مور جو گوشت کائيندو هو ۽ سندس چوڻ هو تہ مون سڄي عمر اهڙو لذيذ گوشت نہ کاڌو آهي. مهراڻ جي ڪپن تي بيد وارن ٻيلن ۾ ابن بطوط هڪ سڱ وارو گينڊو ڏٺو هو مگر اڄ اهو جانور ڪونہ آهي.

# سنڌ جو عظيم اديب ۽ ڏاهو محمد ابراهيم جويو

طارق عزيز شيخ

جڏهن محمد ابراهيم جويو جو نالو اچي ٿو تڏهن فقط سنڌ جو عالم، اديب، ترجمي نگار ۽ تعليمدان جي شخصيت نہ بلڪ هڪ اداري مثل هستيءَ جو روپ ذهن ۾ لڙي اچي ٿو. محمد ابراهم جويو انهن ڏاهن منجهان ڳڻيو وڃي ٿو جن سنڌي ادب جي آبياري ڪئي. سائين ابراهيم جويو ترقي پسند لاڙو رکندڙ رهيو. سنڌ جي عظيم مفڪرن ۽ ڏاهن ۾ محمد ابراهيم جويو نهايت مانائتو نالو آهي. سنڌ جو ايترو بلند پايي جو دانشور محمد ابراهيم جويو 13 آگسٽ 1915ع تي تڏهوڪي دادوءَ (۽ هاڻوڪي ڄامشورو) ضلعي جي ڳوٺ 'آباد' ۾ هڪ هاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ٽن سالن جو هو تہ سندس والد محمد خان جويو لاڏاڻو



طارق عزيز شيخ محمد ابراهيم جوئي کان انٽرويو وٺندي

ڪري ويو. سندس والده ڏکين بکين ڏينهن کي برداشت ڪري ابتدائي تعليم ڏياري پر پوءِ سنڌ جي ناليواري سياستدان سائين جي ايم سيد سندن وڌيڪ تعليم جو ذمو کنيو جنهن ڪري جويو صاحب پڙهي اڳتي نڪتو. اهڙي ريت هن سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخلا ورتي، جيڪو تنهن وقت سنڌ جو وڏي ۾ وڏو تعليمي ادارو هو. جويو صاحب پڙهائي کان پوءِ ٽيوشن پڻ پڙهائيندو هو. هن کي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد اتي ئي استاد مقرر ڪيو ويو اهو پڻ وڏو اعزاز هو چاڪاڻ ته تمام قابليت وارا ماڻهو هن اداري ۾ چونڊبا هئا. جويو صاحب انگريزي ٻوليءَ جو ماهر هو انهيءَ ڪري سندن ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل پڻ ملندا. ادب ۾ ترقي پسند لاڙو رکيائين انهي ڪري پرڏيهي انقلابي تحريڪن ۽ خاص طور تي سرمائيداريءَ نظام خلاف عالمي وايو منڊل تي لٽريچر تحرير ڪيائين. جويي صاحب جي ڪيل علمي پورهئي جو تفصيل هن ريت آهي، (1) اسلام جو تاريخي ڪارنامو (ترجمو) (2) سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو (3) ايميلي عرف تعليم (ترجمو) (4) ٻارن جي تعليم (ترجمو) (5) وحشي جيوت جا نشان (ترجمو) (6) سنڌي زبان جي بنيادي لغت (7) فڪر جي آزادي (ترجمو) (8) گليلو (انگريزي ڊرامي جو ترجمو) (9) شاهه سچل سامي، (10) ٻارن جو مسيح (ترجمو) (11) ماڻهوءَ جو پاڳ، (12) عورتا زاد، عورتن جي تحريڪ آزادي (ترجمو) (13) فلسفي جو ابتدائي ڪورس (ترجمو) (14) علم تدريس مظلومن لاءِ (ترجمو) (15) مهڪريءَ جا مضمون (ترجمو) (16) اسان جي ٻولي اسان جي تعليم، (17) فرينچ انقلاب (ترجمو) (18) مُٺ مُٺ موتين جي (19) هوءَ جا ٺمڪي باهڙي (۲ جلدن ۾) (20) خط ٻن اديبن جا، (21) ڳالهيون ڪتابن جون (22) خط ٻن استادن جا (23) خط دوستن جا. ان کان علاوه ثقافت کاتي پاران مون ڏات انوکي آندي آ، ۲۰۱۲ ۾ جويي صاحب جو لکيل ڪتاب آهي. جڏهن ته اردو دانشور مظهر جميل، "محمد ابراهيم جويو: ايڪ صدي ڪي آواز" نالي ڪتاب لکيو جيڪو پڻ ثقافت کاتي ڇپرايو آهي، جنهن ۾ جويي صاحب جي سوانح ۽ خدمتن تي تفصيل سان لکيو ويو آهي. ابراهيم جويو ملازمت جي ابتدا پنهنجي مادر علمي سنڌ مدرسة الاسلام کان ڪري چڪو هو ان کان پوءِ هن تعليم کاتي ۾ استاد کان وٺي ڪيترن ئي انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو. ان کان علاوه جويو صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ڊائريڪٽر پڻ رهيو جتان 1973ع ۾ ريٽائرڊ ڪيائين. جويو صاحب انسان دوست جذبو رکندڙ هو. سنڌ جي ادارن جي حالت زار تي هميشه افسوس ڪندو رهندو هو. ڪيترن پروگرامن ۾ ان ڏس ۾ اظهار پڻ ڪندو رهندو هو. پاڪستان جي مايه ناز سرجن، گردي ۽ مثاني جي ماهر ڊاڪٽر اديب رضويءَ سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪراچيءَ واري ايس آءِ يو ٽي جهڙو ادارو قائم ڪرڻ لاءِ محمد ابراهيم جويي زور پريو جنهن بعد ڊاڪٽر اديب رضويءَ سکر ۾ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي قائم ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هن ڪم ۾ جويي صاحب پنهنجي پاران جيڪو ڪيش ايوارڊ پنج لک روپيا مليا هئس سي به عطيو ڪيا.

سنڌ جو هي مها ڏاهو 102 ورهين جي ڄمار ۾ 9 نومبر 2017ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي قبرستان ۾ آهي.

هيٺ سائين جويي صاحب جو هڪ يادگار انٽرويو پيش ڪجي ٿو جيڪو مون ڪانئس روزاني عوامي آواز ڪراچي لاءِ سن 2003ع ۾ ورتو هو.

سوال: اڄ جي سنڌي ادب کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

ابراهيم جويو: ادب ڪنهن به ٻوليءَ جو هجي، ان جو تجربو انهيءَ جي پيداوار مان ٿي سگهي ٿو. ادب جي پيداوار اخبارن ۽ رسالن جي معرفت ٿي سگهندي آهي. ادب جي تخليق ڇا آهي؟ سنڌي صحافت توڙي ڪتابن جي اشاعت جي دائري ۾ وقت سر شايع ٿيندڙ رسالن مان معلوم ٿئي ٿو. اسان جڏهن پنهنجن رسالن تي نظر وجهون ٿا ته خوشي ٿئي ٿي. اڄ پوري طرح سنڌي ادب تخليق ٿي رهيو آهي. شاعر ۽ نثر نويس، علمي طور ليکڪ صحافت جي ميدان ۾ قلمڪار سڀ پنهنجي پنهنجي طور تي ڪم ۾ مصروف آهن. موجوده وقت ۾ ايتري قدر واڌ ويجهه ٿي رهي آهي جو سنڌي ادب ۾ نااميديءَ يا مايوسيءَ جو ڪو سبب نٿو بچي. معيار ۽ مقدار جي حوالي سان سمورا ستا سبب موجود آهن.

سوال: ڪن اديبن جو چوڻ آهي ته جهڙي ريت اڳي اديب شاعر متحرڪ ۽ سرگرم هئا ۽ هاڻي ائين ناهي، ڪنهن به وڏي کان وڏي مسئلي تي قلم ڏڻين ۾ مانار نه هوندي

آهي، اوهان پراڻا ۽ نوان سمورا دور ڏٺا آهن، ڇا اهو درست آهي؟

ابراهيم جويو: ڪي حلقا انهيءَ خيال جا آهن تہ سنڌي ادب ۾ ماٺار آهي تہ انهن وٽ پنهنجا سبب هوندا. جنهن خيال سان هو ڏسن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ انهيءَ ادب ۾ ماٺار هوندي ۽ انهيءَ لاءِ پنهنجو رايو ڏين ٿا. مجموعي طور تي سنڌي ادب اطمينان وارو لڪجي رهيو آهي.

سوال: جديد سنڌي شاعريءَ جي بانيڪار شيخ اياز کان پوءِ سنڌي شاعري ڪيئن پئي سرجي، هڪڙو خال اچي ويو آهي، اهو ڪيئن پرجندو؟

ابراهيم جويو: اڄ جي شاعري اسان وٽ عام ٿي رهي آهي. انهيءَ ۾ ڪو جوش ۽ ولولو ناهي. ڪنهن هڪ شاعر، جيڪو سرواڻ ليکيو ويو هجي، انهي جي گذاري وڃڻ سان فرق محسوس نٿو ٿئي. انسانن جو پنهنجي ميدان مان عمر جي لحاظ سان گذري وڃڻ هڪڙو فطري عمل آهي. ادب ۾ بہ لاها چاڙها اچڻ، هڪ فطري عمل آهي. انهي ڳالہ کي پاسيرو رکي ڪنهن نمايان شاعر جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ جيڪي اديب ۽ ليکڪ پنهنجي ڪم کي جاري رکندا پيا اچن، سي پنهنجي سوچ ويچار آهر تخليقي عمل کي قائم رکيو وينا آهن. ڪنهن هڪ جي گذاري وڃڻ سان ٻولي ۽ ادب ۾ خال اچي ويو هجي، انهيءَ جي ايڏي ڪمي محسوس نٿي ٿئي. پر ساڳئي وقت جنهن تاريخ جي دور ۾ ڪنهن ٻولي ڳالهائيندڙ قوم جي آڏو سندس مقصد انقلابي، تاريخي ۽ سياسي تعليمات جي سلسلي ۾ مصروف هجي ۽ اهو دور گذري ٿو تہ اها ماٺار يا بريڪ اچي ويو هجي، ائين نہ ٿيندو. هن وقت اسان وٽ اعليٰ پايي جا شاعر موجود آهن جيڪي اياز جا هم عصر آهن. جيڪي انهيءَ جي لڳولڳ هئا، سي پنهنجو ڪم جاري رکيو وينا آهن. آئون نٿو پانيان تہ ڪنهن هڪ جي گذري وڃڻ سان ڪو خال اچي ويو آهي.

سوال: سنڌي اديب سنڌ جي مسئلن تي ڇو نٿو لکي؟

ابراهيم جويو: هن وقت سنڌ جا مسئلا پاڻي ، روزگار ، مالي ۽ سياسي آهن. تن سيني بابت سنڌي اديب باخبر آهي. هو بروقت ان تي اظهار ڪندو رهي ٿو. سنڌي اديب ڪڏهن بہ ڪوتاهي ناهي ڪئي. هو پنهنجي فرض کي خوبي سان نڀائيندو پيو اچي.

سوال: موجوده عالمي صورتحال کي ڏسندي، مستقبل کي ڪيئن ٿا محسوس ڪريو؟

ابراهيم جويو: سوويت يونين جي شڪست کان پوءِ عالمي صورتحال مڪمل طور تبديل ٿي چڪي آهي. سماج يا سوسائٽي ۾ ڪا تبديلي آڻجي، تنهن ۾ ڪامياب فضا کي پڪيڙڻ ڏکيو آهي. اينگلو آمريڪن ڏر قابض آهي. اهي پنهنجي نظام جي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن تہ سامراجيت ئي صحيح آهي ۽ اهائي قائم رهندي. انهيءَ خلاف ڪنهن بہ قسم جي بغاوت جي ضرورت ناهي. سرمائيداري نظام يا سامراجي نظام جي مخالفت جيڪا ڪميونسٽ پليٽ فارم تان ڪنيل هئي، تنهن کي هاڻي سوويت يونين جي شڪست کان پوءِ دائميت ملي وئي آهي. هيءَ فڪري ماحول پڪيڙيو ويو آهي ۽ تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ رويا ۽ طريقا جيڪي گلوبلائيزيشن لاءِ فضا پڪيڙي رهيا آهن. سي ڳالهيون اصلاحي انداز سان پيش ڪن ٿا. نان گورنمنٽ آرگنائيزيشن پاڻ پڪيڙين ٿا. سياست وچي هاڻي مصلحت واري بچي آهي. انهيءَ لاءِ پوري رٿابندي ڪئي وئي آهي. عالمي سامراج خلاف ڪٿان بہ مزاحمت پيدا ٿئي ٿي تہ سندن ناهيل تنظيمون ۽ تحريڪون مزاحمت ڪندڙن جي وچ مان اڀري ڪين ٿڏو ڪيو ڇڏين. تصادمي سياست ڪا بہ گنجائش نٿي رهي. انهيءَ جو عڪس هر هنڌ پوي ٿو. اينگلو آمريڪن جو قانون آهي تہ سڀ ٺيڪ آهي، سڀ خير آهي ۽ سامراجيت واري پاليسي بہ هلائي رهيا آهن.

سوال: سنڌ جي حوالي سان اوهان جو پروگرام ڇا آهي؟


ابراهيم جويو: اسان جو موقف انهيءَ نقطي تي آهي تہ سنڌ، پاڪستان سان انهيءَ ڪري شامل نہ ٿي هئي تہ سنڌ کي اقليت ۾ بدلايو وڃي پر ان لاءِ شامل ٿيا هئاسون تہ جن قومن گڏجي پاڪستان ٺاهيو آهي، سي سڀئي هڪ جيترين حقدار آهن. اها زندگي جنهن ۾ ماڻهو بيوس هجي سا موت جهڙي آهي. بي اختيار ۽ بي معني آهي. اسان پاڪستان ۾ سنڌ کي بااختيار ۽ باوقار ڏسڻ چاهيون ٿا. اهو حق تڏهن ملندو جڏهن پاڪستان جي سيني قومن کي برابري جي بنياد تي حق ملندو. وفاق ۾ اسان کي ايترو حق ملڻ گهرجي جيترو ٻين صوبن کي ملي ٿو. سيني قومن جي مقابلي ۾ سنڌ کي اقليت سمجهيو ويندو تہ پوءِ اڪثريت ۾ سنڌ ڪهڙو اختيار رکي سگهندي؟ پاڪستان ۾ سنڌ کي اسين ٻين سيني قومن جي برابر درجي تي ڏسڻ چاهيون ٿا. برابري جا حامي آهيون. ظاهر آهي هيءَ صورتحال هڪڙي آئيني تبديلي جي متقاضي آهي.

# ڏُٺو تہ ٿر نہ تہ ٻر ئي ٻر!

(ٿر جو سفرنامو)

حزب الله آءِ سومرو

ٿر گهمڻ جي سالن کان سڪ هئي جيڪا سڪ غلام عباس پنهيري پاران ٿر تي ڪيل شاعري ۽ ان جي اڀياس سبب وڌندي وئي. سو ٿر جو علائقائي، لساني، ادبي اڀياس ۽ ماڻهن جي طبيعتن ۽ رهڻي ڪهڻي جي مشاهدي لاءِ شاعر ۽ تجزيہ نگار غلام عباس پنهيرو، سفر نامہ نگار ۽ تعليمدان قربان منگيءَ سان گڏ هي خاڪسار ٿر جي سفر تي نڪتو. اسان سان گڏ نوجوان ڊرائيور حسين پنهيرو بہ هو. اسان هن سفر ۾ خاص سان گڏ عام ماڻهن سان بہ ملڻ ٿي چاهيو تہ جيئن ٿرين جي زندگيءَ جو ڪجهہ ويجهي کان نظارو ڪري سگهجي. ان ڪري اسان جي ايجنڊا ۾ شهرن سان گڏ ڳوٺن ۾ بہ پروگرام هو. سفر جي شروعات مٺيارين ۾ هيئر ڊريسر ممتاز علي عمراڻي وٽ چانهہ پيئڻ سان ڪئي سون. همراهہ سادو پر پرخلوص هو. اتان ٿي اسان ڏگهڙي آياسون جتي خيرپور ۾ پڙهندڙ ۽ پنهيري



صاحب وٽ رهندڙ وجي ڪمار جي طبع پرسي ڪئي سون جنهن جي ڪجهه وقت اڳ ٽنگ پچي پئي هئي، اتي وجي ڪمار جي والد ڊاڪٽر سيتا رام ۽ چاچي ڊاڪٽر هيرا نند سان ملياسون جن چانهه پاڻي سان ٽڪڙي مهماني ڪئي، وجي ڪمار ان وقت خيرپور لاءِ تيار هو جو سندس پيپر ٿيڻا هئا، اسان کي به اڳتي وڃڻو هو سو روانا ٿياسون. ڏگهڙي کان اسان جهڏي آياسين، جنهن جي پرسان ڳوٺ محمد عثمان ڪچي آهي. جهڏو ته ضلعي ميرپورخاص ۾ آهي پر ڳوٺ محمد عثمان ڪچي ضلعي بدين ۾ آهي. هتي محمد حسن ڪچي ۽ ڊاڪٽر ايوب ڪچي وٽ ادبي ڪچهري ٿي، هي پنيرا آهن پر ڪچ مان لڏي اچڻ ڪري ڪچي سڏجن ٿا. هتي علائقي جا سياسي، سماجي ۽ ادبي ماڻهو گهرايل هئا جن سان خوب ڪچهري ٿي ۽ ماني کاڌي سون. اتي شاعر ايوب کوسي جي سئوٽ اصغر کوسي ملاقات دوران ٻڌايو ته اوهان مون تي به سرتيون رسالي ۾ تنقيد ڪئي هئي، جهڏو مرچن جي وڏي منڊي آهي. مير لقمان ٽالپر جنهن خيرپور شهر پرسان "ٽنڊو لقمان" جو بنياد وڌو هو جيڪو هاڻي فقط "لقمان" سڏجي ٿو ۽ خيرپور شهر جو هڪ محلو بڻجي چڪو آهي، ان مير لقمان جو پٽ جهڏو لڏي آيو هو جڏهن ته مير لقمان ٽالپر جي قبر خيرپور جي تاريخي قبرستان شيخ طيب ۾ آهي، اهو قبرستان ٻيو نمبر مڪلي سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو جو اتي ڪيترين ئي تاريخي قبرون ۽ مقبرا آهن ۽ ايراضي به وڏي اٿس جيڪا لاڙڪاڻو باءِ پاس اچڻ ڪري ڪنجي وئي آهي ته "شيخ طيب" جي ان قبرستان ۾ مون ڪيترائي سال اڳ مير لقمان ٽالپر جي قبر ڳولي ظاهر ڪئي هئي. شيخ طيب منهنجي تحقيق مطابق سومرا دور جو بزرگ آهي. "شيخ طيب نانگو جنت جو ٽانگو" مشهور هجڻ ڪري پري پري کان ماڻهو هتي دفن ٿيندا رهيا آهن. پاڳارن جو وڏو ڏاڏو سيد محمد بقا شاهه شهيد به هتي دفن آهي. ڳالهه پئي هلي جهڏي ۽ ان پرسان ڳوٺ محمد عثمان ڪچيءَ جي، جڏهن پائو پنيري ٻڌو ته نئون ڪوٽ تمام ويجهو آهي ته رات پيٽ ۾ گذري نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڏٽي بخش پنيرو آياسين ۽ ولي محمد پنيري جي اوطاق تي رات جو اچي ستاسون. هتي مون هڪ ويران مسجد ۽ گرلس اسڪول به ڏٺو سوير ئي نيرن ڪري ڳوٺ فضل پنيرو ۾ صحافي نياز پنيرو سان ملڻ لاءِ روانا ٿياسون. رستي ۾ نصرت آباد ۽ ٻين پنجابي قاديانين جي ڳوٺن وٽان گذريا سون ۽ وجي صحافيءَ کي جاڳايوسين جتي رڳو چانهه پيتي ۽ تحفا تحائف اجرڪن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ ورتا ۽ ڏناسون. ياد رهي ته ٿر ۾ جتي به رهياسون ته موڪلائڻ مهل اسان کي اجرڪن ۽ ڪيسن جا تحفا ڏنا ٿي ويا. اتان نئون ڪوٽ جو پراڻو قلعو ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسون، نئون ڪوٽ جو پراڻو قلعو نئون ڪوٽ شهر کان 15 ڪلوميٽر ڪن پري آهي ۽ ٿورو پريرو هجڻ ڪري ڪوٽ عام عام گهمندڙن کان اوجهل رهندو آهي.

نئين ڪوٽ جو هي قلعو 1814ع ۾ تعمير ڪرايو ويو هو ٻاهرين دروازو پٽيل اٿس ۽ ٻاهريون ڏيک ڪوٽڏيجيءَ جي قلعي جهڙو اٿس پر اندران بلڪل مختلف ۽ سادو آهي، جنهن مان پتو پيو ته ڪوٽڏيجي قلعي جهڙا



**حزب الله آءِ سومرو**

قلعا جوڙائڻ ميرن جي وس کان ٻاهر هئا. هتان کان اڳتي ٿر جون پٽون شروع ٿين ٿيون، تازو برسات پئي هئي سو پٽون ٻوٽن سان ساوون هيون، پنيري چيو ته "علامه! اهي ماڻهو چريا آهن جيڪي چون ٿا ته خدا ڪونهي، هي ته ڏسو منظر" اسان هاڪار ۾ جواب ڏنو ته بلڪل اهي نٽشي وانگر چريا آهن جيڪي خالق جي خلقت ڏسي به ان جو انڪار ڪن ٿا. اسان پائو پنيري صاحب سان ادبي مذاقون به ڪندا رهياسين، مثال طور اسان چيو ٿي ته پائو اوهان شاعري ۾ جيڪا ٿر جي منظرڪشي ڪندا آهيو اها ته هتي ڏيکارجي ئي ڪونه ٿي، هتي ته ٻهاري لڳي پئي آهي. پائو چيو ته اهو ڪجهه وسڪاري سبب آهي ۽ اجا ڪجهه مهينا اها هلندي، باقي وسڪارو نه ٿيو ته هتي واري پئي اڏرندي آهي. پوءِ مون کي پهاڪو ياد اچي ويو ته "وُٺو ته ٿر نه ته بر ئي بر." قربان منگي صاحب کي اٺ نظر آيا ته چيائين ان تي چڙهجي، اٺن

واري ڪي چيوسون جنهن هڪ اٺ آڻي ويهاريو. قربان صاحب ڪراچي سمنڊ وارو اٺ سمجهيو هو پر هي ته ٿر جو اٺ هو سو هڪ ئي اڇل ۾ قربان صاحب ٽڙي وڃي هوڏي پيو. پوءِ بس مڙئي ٻيهر اٺ کي ويهارائي قربان صاحب کي ايلاز ڪياسون ته ان تي ويهي، اٺ کي اٿاريو نه ويندو. جيئن ئي قربان صاحب اٺ تي ويٺو اسان تصوير ڪڍي ورتي. پنيرو صاحب اسان جو هر هنڌ تعارف وڏي تعريف سان پيو ڪرائي جو شرم کان اسان جو ڪنڌ جهڪي ٿي ويو ته اسان جي ايڏي ڪا وڏي حيثيت آهي ڇا؟ جيئن هر هنڌ هڪڙا لفظ ته عام هيس ته "هي همراهه قد جا ننڍا آهن پر آهن وڏا ماڻهو."

ان چوڻ تي ماڻهن جو خيال هڪدم پنيري صاحب جي قد ڏانهن هليو پئي ويو. ان جي قد جي مقابلي ۾ اسان ڄامڙا پئي لڳاسون، پاڻ کي چيوسون ته آخر قد جو ذڪر ڪريو ڇو ٿا؟ بهرحال اهي کل مذاقون سڄو عرصو رهيون، پاڻ پنيرو هن سير مان هڪ فائدو هي وٺي رهيو هو جو خاص ڪري پنهنجي برادريءَ وارن کي تعليمي ميدان ۾ اچڻ لاءِ اُتساهي رهيو هو. اسان وري مذاق ۾ کين چئون پيا ته هاڻي ڪنهن پنيري وٽ نه هلبو ٻي ڪا ذات چئو ته پلي ان وٽ هلي رهون.

سنڌ حڪومت ٿر اندر روڊ رستا نهرائي ٿر کي شهر بڻائي ڇڏيو آهي. اسان هڪ عاليشان روڊ ذريعي ڳوٺ وجوٽو کان ٿيندي مٺي جي سماج سڌارڪ ۽ قادن واري گئس فيلڊ ۾ آفيسر ساجن چارو جي گهر ۾ چانهه پيتي. سندس پٽن حافظ عنايت الله چارو ۽ سي ايس ايس جي تياري ڪندڙ نعمت الله چارو سان ملاقات ٿي جيڪي پنهنجي پيءُ وانگر سهڻي ۽ سيبتي طبيعت جا مالڪ آهن.

مٺي شهر پٽن جي وچ ۾ ٺهيل سهڻو شهر آهي، هتي ريڊيو اسٽيشن به قائم ڪئي اٿن. مٺي ۾ اسان اديب، شاعر ملزم ٿريءَ سان ملاقات ڪئي، جنهن سان ڪتابن جي تحفن جي مٽا سٽا ٿي، امر اقبال جيڪي ڪتاب اسلام ڪوٽ جي اشرف سمي لاءِ ڏنا هئا قربان منگيءَ پل ۾ اهي به ملزم ٿريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا. اها خبر ڪيس تڏهن پئي جڏهن اسلام ڪوٽ ۾ اشرف سمي ڪيس ياد ڏياريو ته امر اقبال ڪجهه ڏنو ته نه آهي نه!

مٺي کان اسلام ڪوٽ روڊ جي ٻنهي پاسن کان گوار ۽ ٻاجهريءَ جي پوک جام نظر آئي. اسلام ڪوٽ ٻاهران ٿرڪول لاءِ چينين پاران قائم "ڪنٽينر سٽي" صحافي ۽ اديب حافظ عبدالغني بجير گهمائي ۽ اتي هوٽل ۾ منجهند جي ماني ڪارائي. ياد رهي ته ڪنٽينر سٽي ۾ گهر، مسجد ۽ هوٽل سڀ ڪنٽينرن ۾ قائم آهن. خدا ڪري ٿرڪول مان سنڌ کي خاطر خواهه فائدو رسي، ٿر ۾ ڏاري آبادڪاري ۽ گوڙاڻو ڊيم خلاف آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

اسلام ڪوٽ ٻاهران رينجرز جي چيڪ پوسٽ تي چيڪنگ ٿي ۽ ڪئميرا نه هجڻ ۽ ننگرپارڪر نه وڃڻ جو وچن اسان جو ڊرائيور صاحب ڏئي آيو. معلوم ٿيو ته ڪئميرا ڪڍي ويندڙ ۽ ننگر وڃڻ جو چوڻ وارن کي وڃڻ ڪونه ٿا ڏين يا وڏي جانچ ڪن ٿا. اسان ڪئميرا ڇو ڪڍي ويندا سون جڏهن موبائيلون ساڻ هيون. رستي تي چونرا ۽ پڪا گهر گڏوگڏ جديديت ۽ قديميت جو سنگم نظر آيو.

خيال ڪيوسيون ته جين مندر جو پراڻو مندر "گوڙي مندر" ڏسجي. لنڪ روڊ ڏئي اڳتي وڌياسون ته مندر جي پرسان روڊ تي هڪ هنڌ واري اچي وچڻ ڪري اسان جي ڪار واريءَ ۾ لهي وئي، اتان معلوم ڪرڻ تي هڪ مينگهواڙ ٻڌايو ته "مندر هٽ پيو ٿي!" "هٽ پيو ٿي" مان اسان مراد ورتي ته مندر اتي ئي لوڙهن جي پويان ئي هوندو. چڱو گهميوسون پر مندر نه لڌو. پنيري صاحب چيو ته واپس هلجي. موٽي اچي مينگهواڙن کي ڪار ڪڍڻ لاءِ چيوسون جن ڪار کي ڪڍي مٿي ڪيو. انهن هڪ ماڻهو ڏنو جنهن اچي مندر ڏيکاريو جيڪو اتان ٻه ٽي ڪلوميٽر پري هو. اها ئي ڪار ٿي جيڪا ناري ۾ اسان سان ٿي هئي جو جڏهن پٽن ۾ لڪ واري مسجد ڳولي رهيا هئاسون ته چيو ويو ته اوڏڙي (ويجهي) آهي پر پنجن ستن ڪلوميٽرن کان پوءِ مسجد آئي. "اوڏي" ۽ "هٽ پيو ٿي" جو ظاهري مطلب ته اهو ئي آهي ته ويجهي ۾ ويجهو آهي پر ان کي ٽن چئن ڪلوميٽرن کان گهٽ نه سمجهيو وڃي.

ناري ۽ ٿر ۾ واريءَ ۾ "اوڏي/ هٽ پيو ٿي" جي، هڪ جهڙائي کان سواءِ ٻي به هڪ جهڙي ڳالهه نظر آئي جو اسان کي چيو ٿي ويو ته سنڌ کان آيا آهن. جيئن اردو پريس ڪراچي ۽ سنڌ چوي ٿي، ناري ۽ ٿر وارا نارو ۽ سنڌ يا ٿر ۽ سنڌ چون ٿا. اها سوچ تبديل ٿيڻ گهرجي ڇو ته ڪراچي، نارو ۽ ٿر سنڌ ۾ ئي آهن.

گوڙي مندر ۾ ننڍا ننڍا حجرا آهن، هي پيلن ۽ ميگهواڙن جو مندر آهي. جين ڌرم، هندو ڌرم کان اڳاٽو ٻڌايو پيو وڃي، اتي سنت فقيرن جا ڪلام ٻڌاسون. اتان موٽي وڏي روڊ تي آياسين، اڳتي هلي هڪ لنڪ روڊ ذريعي ڪوهه پالوا ڏنوسون جنهن لاءِ مشهور آهي ته اتان

مارئيءَ کي بادشاهه عمر سومري ڪٽي قيد ڪيو هو. اهو ڪوهه حڪومت نئين طرز تي آباد ڪيو آهي. چونرا پڻ نهرايا آهن. هن طرف موبلنڪ ۾ زونگ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو فقط ٽيلينار ۾ يوفون ڪم پئي ڪيو. اسان دنيا جهان کان ڪٽجي وياسون. البته وجي ڪمار وارن وٽان يوفون سم ڪنئي هئي سون جيڪا پنيري صاحب وٽ هئي ته پويان ڪا ڪال وغيره اچي ته ان تي اچي.

اڳتي وڌياسون ته ويرا واهه چيڪ پوسٽ وٽ رينجرز چونڪي وٽ چڪاس ٿي. ننگر کان اڳ پوڙيسر مسجد ڏٺي سين جيڪا سلطان محمود شاهه بيگڙي جي نهرايل آهي ۽ پٿرائين آهي، مسجد پرسان وڏا وڏا ٿوهر عجيب منظر پيش ڪري رهيا هئا. ان جي پرسان قديمي پوڙيسر جو قديمي مندر آهي جيڪو پڻ پٿر جو ٺهيل قديمي مندر ۾ گوڙي مندر وانگر غير آباد آهي. اڳيان ڪجهه ڍهڻ تي آهي، اڻڄاڻ ماڻهن ان ۾ نلهه هٽي مڙئي ڪرڻ کان جهليو آهي. اهو ڪم آثار قديمه کي اصل طريقي سان ڪرڻ کپي ها.

مسجد ۽ مندر پويان ۽ ڪارونجهر جي پسمنظر ۾ پوڙيسر ڊيم ڏٺوسين جنهن ۾ پاڻي تمام ٿورو هو. غلام عباس چواڻي "ڪارونجهر تي مور نه آيا." مور نظر نه آيو اتان اسان ننگر شهر ۾ آياسون پر ان کان اڳ ڪارونجهر جبل جي اندر جو جائزو ورتوسون. "سار ڏڙو ڏام" واري چشمي ڏانهن ويندڙ رستو نهايت پرخطر هو. ڪارونجهر وچ ۾ واريءَ جون پٽون به هيون. ڪارونجهر جا پٿر سنگ واري مصريءَ وانگر هڪ ٻئي سان جڙيل هئا. ايئن پيو پائنجي ته ٿوري لوڏي تي اهي پٿر ڇٽي پوندا. ڪارونجهر جي پاڙ ڳاڙهي هئي، ٿي سگهي ٿو ته ايستائين ڪڏهن سامونڊي پاڻي بيٺل رهيو هجي. حڪومت کي سولر سسٽم ذريعي بجلي ۽ ٻيون سهولتون ڏئي هن ماڳ کي سياحن لاءِ پرڪشش بڻائڻ گهرجي.

ننگر شهر ۾ اتان جي اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالقادر جاويد شر (خيرپور) ۽ مختيارڪار محمد ياسين پنهور اسان جي وڏي آڌرڀاءُ ڪئي ۽ رات رهڻ جو انتظام اتان جي ريسٽ هائوس ۾ ڪيو. رات جي ماني الهه بچايو چارو پنهنجي اين جي او آفيس ۾ رکي جنهن ۾ اتي ڪيترن ئي اهل علم ۽ باشعور ماڻهن سان ملاقات ٿي جن جي ڪچهريءَ مان اسان کي سياسي سماجي ڄاڻ حاصل ٿي. ريسٽ هائوس جو رنگ ٿي رهيو هو اسان کي مڙئي به ڪمرا ڇنڊي ڦوڪي ڏنا ويا. مون سان قربان منگي صاحب هيو. اسان جي ڪمري جي باٿ روم جي دروازي سڄي رات اسان جي ننڊ ڦٽائي جو هر پاڻ مرادو کلي ۽ پاڻ مرادو وڏي آواز سان بند پئي ٿيو جڻ جن هجن پر حقيقت ۾ ٻاهران ايندڙ هوا جيڪا روشن دان مان پئي آئي، ان سبب ايئن ٿي رهيو هو. باٿ روم جو لاڪ خراب هو جيڪو ٻاهران بند نه پئي ٿي سگهيو جنهن ڪري ان اذيت کي منهن ڏيڻو پيو.

صبح جو ڪارونجهر جي پرسان اتان جي هوٽلن جي چانهه جي مزي وٺڻ لاءِ نڪتاسون. ماڻهو گهٽ نظر آيا البته گڏهن جا ولر اچن وڃن پيا. ان بعد ناشتو ڪري ننگر کي خداحافظ چيوسون. جتان اسلام ڪوٽ اچي اديب اشرف سمي جي لئبريري ڏٺيسين جتان عمرڪوٽ روانا ٿياسون. رستي ۾ بجري جون ڍڳهيون ۽ وڏيون پٽون "ٿر جي خزاني" جي شاهدي ڏئي رهيون هيون. عمرڪوٽ ۾ نالي واري دانشور ۽ ليکڪ ارباب نيڪ محمد سان چانهه جي ڪپ تي ڪچهري ٿي ۽ پڻ يوگل ڪمار ڪشور جيڪو خيرپور ۾ پڙهي پيو ۽ ان جي والد سوائي مل سان ان جي اسٽيٽ لائف انشورنس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جو يوگل ڪمار پڻ پنيري صاحب جي اوطاق ۾ ٻين دوستن سان رهيو پئي. عمرڪوٽ ۾ اتان جي هڪ نوجوان شاعر راجا سومرو اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو.

سومرا دور جي عمر مارئي قصي سان وابسته ڪردار عمر سومري جي ٺهرايل قلعو عمرڪوٽ ڏٺوسين جيئن تاريخي ڪتابن ۾ لکيل آهي پر اتي ميوزيم انچارج ماڻهن کي امر سنگهه سوڍي جو ٺهرايل امرڪوٽ چئي رهيو هو. حالانڪ ان جي ڪا به تاريخي ثابتي نه آهي ۽ ٻيو ته سوڍا سومرن کان پوءِ حڪمران ٿيا آهن باقي لفظ عمرڪوٽ مان امرڪوٽ هن ڪري ٿيو جو هتان جو عوام اڪثر هندو رهيو آهي، عام ماڻهو عربي اکر "ع" جو اچار الف سان ڪندا رهيا ۽ پڻ ديوناگري لکت ۾ "ع" نه هجڻ ڪري پڻ امرڪوٽ لکيو ۽ چيو ويو جنهن ڪري ڪن انگريز مورخن ان کي Amarkot لکيو عمرڪوٽ بي ڌيانيءَ ڪري اندران ڍهي ۽ قبضن جي ور چڙهي ويو آهي فقط هڪ برج بچيو آهي جنهن جي مرمت ڪئي وئي آهي، تنهن ڪري ضرورت آهي ته قلعي کي اصل صورت ۾ آندو وڃي. ميوزيم ۾ هٿيارن ۽ زيورن جي عڪسبندي وٽي، ٻاهر پوءِ جي دور جي توپن ۽ انهن پرسان پيل پٿرائن گولن سان تصويرون ڪيرائي ٻاهر آياسون.

عمرڪوٽ جي بوڪ اسٽالن تي غلام عباس پنهيري صاحب جو تازو آيل ٽيون ڪتاب "ٿر اجارو سنڌ ساري" اسٽالن تي رکيوسون. ياد رهي تہ ان ڪتاب جون پهريون ٻہ سئو ڪاپيون ڪراچيءَ کان ڇپجي خيرپور آيون پئي، جن مان نوابشاهہ ۾ سئو ڪاپيون خيرپور موڪليوسين ۽ سئو ڪاپيون ٿر کنيو آيا هئاسين جو قربان منگي صاحب چواڻي "سئو ڪاپيون گهر ۽ سئو ڪاپيون ٿر."

عمرڪوٽ جي ٻاهران اڪبر بادشاهہ جي ڄمڻ جي جاءِ ڏسي دين محمد دلبر پنهيرو سان سنڌس ڳوٺ ٽيپري پنهيرا آياسون ۽ ڊاڪٽر محمد هاشم پنهيري جو قائم ڪيل اسڪول ڏٺوسين جنهن جا شاگرد هوشيار ۽ بهتر تربيت يافتہ هئا. ڊاڪٽر صاحب اسڪول ۾ مفت تعليم ڏئي رهيو آهي. اتان جي ڪجهہ ماڻهن پاران ڪيس تنگ ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري ٿورو مايوس هو. اڄ رات جو اسڪول پرسان سنڌس قائم ڪيل مسجد ۾ ڪنهن جي ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ تي جاڳ ٿي وئي، جان وڃي ڏسان تہ ڊاڪٽر هاشم پنهيرو پيو ذڪر ڪري، هن ديندار سماجي ڪارڪن جي نياڻي گهر ۾ پير صاحب پاڳاري جي مدرسي سان الحاق شده نياڻين جي مدرسي ۾ ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهائي ٿي جيڪو مدرسو پڻ ڏٺوسون. اسڪول ۾ هڪ لئبريري بہ قائم ڪئي اٿس، هتي رات جو هڪ علمي ڪچهري قائم ٿي. "ٽيپري" لفظ بابت معلوم ٿيو تہ هتي ٽن پڙن (دڙن) تي گهر هجڻ ڪري "ٽہ پڙي" مان ٽيپري ٿيو آهي. هن علائقي ۾ ڳالهائيندڙ ڪجهہ لفظ اسان لاءِ نوان هئان جيئن الله سائين کي ستائڻ معنيٰ الله سائين کي ٻاڏائڻ جڏهن تہ اسان جي علائقي ۾ ستائڻ جي معنيٰ آهي ايذائڻ پر عمرڪوٽ طرف ستائڻ معنيٰ ٻاڏائڻ، پارت ڪرڻ. ولائتي ٻبر کي ديوي چون پيا. ڳڏون معنيٰ بدنو چل معنيٰ بالٽي، اتان اسان کي صبح جو راڻو پنهيرو ڳوٺ وٺي ٿو هو جتان ڍورو نارو (خيرپور ۾ اهڙو نالو آهي پر ٿورو اڳتي پوئتي يعني نارو ڍورو) پرسان هندستان ويندڙ کوکراپار رستو وڃي ٿو. ڍورو نارو کان ٿيندا ڳوٺ راڻو پنهيرو ۾ عبدالڪريم پنهيرو سان پرائمري اسڪول پرسان سنڌس اوطاق تي ڪچهري ڪئي ۽ نيرن ڪئي سين. هن ڳوٺ پرسان حر خليفي جادم مڱريو جو عاليشان گهر ڏٺوسون. اتان ٿورو اڳتي وڌياسون تہ قوم پرست اڳواڻ ۽ ليکڪ عبدالواحد آريسر جي مزار هڪ ويراني ۾ نظر آئي جتان ڳڏري ٿر واهہ ٽپي سانگهڙ ضلعي ۾ داخل ٿياسون جتي جي پٽ پائٽي مشهور آهي پر هي ڪا وڏي پٽ نہ آهي.

ٿر ۾ متيرا جن کي ڇيڙ چون سي گدرن جيترا هئا. مان تہ اصل پلي پيس ۽ گدرن هجڻ تي اصرار ڪيم پر اندران ٻج متيرن جو نڪتو، تڏهن ڪٽي مات ڪيم. ويرا واهہ کان عمرڪوٽ تائين چونرا مڪمل ڪکاوان هئا پر عمرڪوٽ کان پوءِ چونرن جون پٽيون مٽيءَ ۽ ڇت ککن جي هئي، اسان کپري کان ٿيندا دلشاد شاخ کان سورهيہ بادشاهہ جي ٻڻايل تربيت گاهہ ڳڻنگ بنگلي تي آياسون جنهن کي انگريز سامراج بمباري ڪري تباهہ ڪيو هو پر هاڻي ان جي جاءِ تي ڳڻنگ بنگلي جي طرز جو نئون بنگلو تيار ڪيو ويو آهي پر جيڪڏهن انهن کنڊرن کي باقي رکي انهن پرسان ان نموني جو نئون بنگلو ٺاهيو وڃي ها تہ انگريزن جي بربريت جو نظارو بہ ٿئي ها. اسان پوءِ جهول کان ٿيندا ٽنڊي آدم ۾ بااثر شخصيت محمد حيات پنهيري وٽ مانجهاندو ڪيو جنهن ڪچهري لاءِ ڪيترائي ماڻهو گهرايا هئا. ماني بعد پرسان ئي ميلن ۾ پکڙيل قديم آثار ڏسڻ آياسون جن کي منصوره برهمڻ آباد چيو اٿن حالانڪ عوام ۾ ان جو مقامي نالو دلو راءِ بادشاهہ جي نالي پٺيان دلور دڙا آهي. سهڻيءَ جو ڍورو بہ ان جي پرسان وهندڙ ٻڌايو ويو. هي شهر زلزلي سبب تباهہ ٿيل معلوم ٿئي ٿو. اتان معلوم ٿيو تہ مندر مان سونا بت بہ نڪتا هئا، مندر سان لڳو لڳ تمام وڏي مسجد جا بنياد نظر آيا باقي مسجد شهيد ٿي چڪي آهي. ان جا ٿي دروازا ظاهر هئا. ان جي ڪنڊ تي آثارن جي موجوده سجاٽپ ٿلهہ نظر آيو جيڪو مينار جو هڪ حصو معلوم ٿئي پيو. مسجد پرسان کوهہ بہ آهي، آثارن جي چوڌاري پنهيرن جا ڳوٺ آهن. هتي ميوزيم بہ ٺايو ويو هو پر پوءِ ماڻهو قديمي شيون کڻي ويا تہ ميوزيم بہ آثار قديمہ ٻڻجي ويو آهي. شهر جي آخر ۾ ڪوٽ جي تمام ويڪري ديوار جا آثار ۽ دروازو نمايان نظر آيو جڏهن تہ روڊ جي پرسان پهرين پٽ ۽ دروازي جا ڪجهہ آثار نظر آيا، ڪيتري علائقي جي ٻنين تي قبضا ڪري آباديون ڪيون ويون آهن. اتان اسان شهدادپور آياسين ۽ سنڌ صحافي سنگت جي اڳواڻ نور سنڌي، انجم ٻگهيو ۽ غلام حسين پنهيرو سان ڪچهري ڪري واپس ماڳ موٽي آياسون.

# لينڊ ايلينيشن بل

## (تاريخ جو هڪ وسريل ورق)

**شبير احمد مغيري**

انگريزن جي ننڍي کنڊ ۾ آمد کان بہ گهڻو اڳ مسلم اڪثريتي علائقن جهڙوڪ سنڌ، پنجاب ۽ بين ۾ معاشي ۽ سماجي ڪاروهنوار ڪجهہ هن طرح هلي رهيو هو تہ واپار وڙي ۾ هندو اڳتي هئا، جڏهن تہ مسلمان زرعي شعبي ۾ حاوي هئا. جيئن تہ ٻئي شعبا هڪٻئي مٿان دارومدار رکندڙ هئا، تنهن ڪري ڪاروهنوار خوش اسلوبيءَ سان هلي رهيو هو. البتہ وياج خوري هڪ اهڙو مسئلو هو جيڪو تڪرار جو سبب بڻجي رهيو هو. وقت گذرڻ سان "وياج" هڪ ڪاروبار بڻجي ويو. جنهن جي ڏيتي ليتيءَ ۾ هندو واپاري خاص طور ملوث هئا. وياج جي رقمن جي عيوض زمينون گروي رکجڻ لڳيون، جنهن ڪري زراعت غير زرعي شعبي جي هٿن ۾ وڃڻ لڳي، جيڪا ڳالهہ مجموعي طور معاشي صورتحال لاءِ هڪ سٺو سنئوڻ نہ هئي.

1857ع جي آزاديءَ واري جنگ بعد انگريزن سندن فوج ۾ اڪثريت رکندڙ صوبي پنجاب جي اڪثريتي عوام جي دل وٺڻ خاطر 1897ع ۾ پنجاب جي صوبائي گورنر لاءِ 9 ميمبرن تي مشتمل هڪ صلاحڪار ڪائونسل مقرر ڪئي وئي، جنهن 1900ع ۾ "انتقال ايراضيءَ جو قانون" منظور ڪيو. ان قانون موجب غير زرعي طبقي لاءِ زرعي زمين خريد ڪرڻ کان منع ڪئي وئي هئي. هن قانون جو بنياد بنگال سول سروس جي هڪ انگريز آفيسر ٿور برن (THOR BURN) جي تيار ڪيل هڪ طويل رپورٽ تي هو جنهن جو خلاصو هن ريت هو: "پنجاب هڪ زرعي صوبو آهي، هيءَ هڪ اهڙن مالڪ هارين جي سرزمين آهي جن جي وڏي اڪثريت هر سال وياج خورن جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي پئي وڃي، اسان هتي قانون ۽ انتظاميا جو جيڪو نظام قائم ڪيو آهي ان ڪري زمين جي ملڪيت هوريان هوريان پنهنجي قدرتي مالڪن يعني آبادگارن هٿان نڪري چالاڪ پر اثر رسوخ کان خالي هندو شاهوڪارن (وياج خورن) ۽ واپارين وٽ وڃي رهي آهي. جيڪڏهن وقت سر قانون ۽ انتظاميہ جي هن نظام جو سڌارو نہ ڪيو ويو تہ هيءَ ڳالهہ ملڪ تي اسان جي گرفت کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندي هيءُ خطرو پنجاب جي اولهندن علائقن ۾ اوير جي پيٽ ۾ وڏيڪ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اولهہ پنجاب ۾ سموري ڳوٺاڻي آبادي سگهارن مسلمان قبيلن تي مشتمل آهي. تنهن ڪري مفادن جي بنياد تي پيدا ٿيل تضاد مذهبي تضاد جي صورت اختيار ڪري وٺندو. اوپر يورپ ۾ يهودين کان جيڪا نفرت ڪئي ويندي آهي. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ هُو ڪامياب ڏاريا آهن ۽ هڪ پراڻي عالمي مذهب جا علمبردار آهن. ٻيو سبب هيءُ آهي تہ هُو معاشي ميدان ۾ ڪامياب آهن، اولهہ پنجاب جي واڻين جي پڻ ساڳي حالت آهي. سندن خلاف نفرت جو سبب رڳو اهو ڪونهي



تہ هُو هڪ خدا کي مڃيندڙ آبادگارن جي ڏتڙيل حالت جي بنياد تي اڳتي وڌي رهيا آهن پر هُو پنهنجي ڪم جو دفاع ڪندڙ آهن ۽ هڪ ڪان وڌيڪ خدائن کي مڃيندڙ آهن. اورنگزيب جي دور ۾ اها مذهبي پرچار ايتريقدر زوردار هئي جو اوپر پنجاب جا ڪيترائي هندو مسلمان ٿي ويا هئا. پر سندن مذهبي تبديلي ڪڏهن بہ سچائيءَ واري نہ هئي. اڄ بہ مٿن هندو مذهب جي پڪڙ ايتري ئي مضبوط آهي جو ڪنهن چواڻي تہ هُو پنهنجي مذهبن مان فائدو ماڻي رهيا آهن پر ڪنهن مذهب لاءِ ڪا تڪليف برداشت نٿا ڪن. چيو وڃي ٿو تہ 1857ع جي بغاوت ڪانپوءِ سندن عقيدو ويتر پڪو ٿي ويو آهي.

ڳوٺاڻن علائقن ۾ مسلمان هارين جي سالياني آمدنيءَ جو 80 سيڪڙو حصو قرضن جي ادائيگي ۾ هليو ويندو آهي. هندو هارين جي آبادي 40 سيڪڙو آهي پر ان مان فقط 20 سيڪڙو مقروض آهن. هندو هارين جي سالياني آمدنيءَ جي 20 سيڪڙي حصي مان سندن قرضن جي ادائيگي ٿي ويندي آهي. مسلمانن ۽ هندن جي قرضن ۾ ان فرق جو سبب سندن عادتن ۾ لڪل آهي. مسلمان گهڻو ڪري فضول خرچ آهن. پر هندو ان جي ابتڙ آهن. مسلمان لڳ ڀڳ سڀ اڻ پڙهيل آهن. هندو لڳ ڀڳ سڀ پڙهيل لکيل آهن. هندو عام طور اهڙين ڪاررواين ڪان پرهيز ڪن ٿا جيڪا ڪين فوجداري قانون جي پڪڙ ۾ آڻي سگهي جڏهن تہ لڳ ڀڳ سموري ڏوهاري آبادي مسلمانن تي مشتمل آهي تنهن ڪري مٿن خرچن جو وڌيڪ بوجھ پوي ٿو. حالانڪہ سندن آمدنيءَ جو ذريعو فقط پوکي راهي هوندو آهي. جيڪي هندو زميندار آهن اهي پنهنجين زمينن ۾ آبادي ڪن ٿا ۽ گڏوگڏ شاهوڪاري (وياج خوري) ۽ واپار پڻ ڪن ٿا. هندو قرض عيوض زمين حاصل ڪن ٿا ۽ مسلمان قرض وٺي زمين خريد ڪن ٿا. اڳوڻين حڪومتن جي ماتحت ڳوٺ جي واڻئي جي حيثيت آبادگار جي دوست ۽ ملازم واري هوندي هئي ۽ هُو وڏي عاجزيءَ سان سندن گرمين سردين ۾ سندن ساٿ ڏيندو هو. هينئر جيئن تہ ٻنهي جا مفاد ٽڪراءَ ۾ آهن تنهن ڪري سندن پراڻو اتحاد ٽٽي پيو آهي. اڳوڻو ملازم هينئر جلديءَ ۾ آقا بڻجڻ چاهي ٿو. منجهس يهودين ۽ يونانين واريون سڀ وصفون پيدا ٿي ويون آهن ۽ ڪيس زمين جو مالڪ بڻجڻ جو حق پڻ حاصل آهي. اڳوڻين حڪومتن جي ماتحت پوکيءَ جوڳي زمين جي منتقلي عملي طور غير زرعي ماڻهن جي نالي نٿي ٿي سگهي. قرضن جي بطور حق وصولي نہ پئي ٿي سگهي. ان جي ادائگي فقط اخلاقي ذميواريءَ طور ٿي سگهندي هئي. برطانوي راڄ جي قيام بعد اسان جي لاڳو ڪيل ديواني قانونن کي تمام گهڻو تقدس مليو آهي. هڪ مقروض شخص پنهنجي قرض گهرندڙ آڏو پنهنجي آخري پيسي تائين ذميوار آهي. قانون جي نظر ۾ ٻئي برابر آهن.

سچي ڳالهہ آهي تہ پئسي جي معاملي ۾ هڪ هاري تمام گهڻو سادو هوندو آهي. ان جي ابتڙ هڪ وياج خور تمام گهڻو مڪار ۽ چالاڪ واپاري هوندو آهي جيڪو هر وقت پنهنجي فائدي لاءِ سوچيندو رهندو آهي. مفادن جي ان ٽڪراءَ سبب سول عملدارن تي تمام جلد هيءَ حقيقت واضح ٿي وئي تہ برطانوي ”انصاف“ عوام کي عملي طور ٿورڙن شاهوڪارن ۽ دڪاندارن جو غلام بڻائي ورتو آهي. سول آفيسرن کي اها بہ ڄاڻ ملي آهي تہ سياسي بدامنيءَ جي زماني ۾ مالڪن ۽ وياج خورن جو هيءُ نئون طبقو جيڪڏهن اسان لاءِ ڪمزوريءَ جو سبب نہ بڻبو تہ هيءُ امن بحال ڪرڻ ۾ پنهنجو اثر رسوخ پڻ استعمال ڪري نہ سگهندو. گذريل ويهن ورهين جي تاريخ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مسلمان هاري ڪوتاهہ انديش ۽ تمام گهڻي عرصي تائين مصيبتن برداشت ڪندڙ جانور آهي. جيستائين وٽس زمين رهي ٿي ۽ ڪيس حقيقي ٻڪ جو احساس نٿو ٿئي تہ هُو ڪنهن نہ ڪنهن ريت گذارو ڪندو رهي ٿو ۽ ڪيس هن ڳالهہ جو خيال نٿو اچي تہ مٿس قرضن جو بوجھ وڌي رهيو آهي. ايستائين جو موت ڪيس جنت ۾ پهچائي ڇڏي ٿو.

پنجاب ۾ اسان جي راڄ جي پهرين ڏهاڪي ۾ جيتوڻيڪ هارين (آبادگارن) جي قرضن ۾ چڱو واڌارو ٿي ويو هو پر غير زرعي پيشہ ماڻهن جي نالي زمين جي منتقلي وڌيڪ نہ ٿي هئي.“

پنجاب جي انگريز عملدار پاران مٿي ڄاڻايل صورتحال ڪان سنڌ جي صورتحال گهڻو مختلف نہ هئي. جيئن ناميارو ليکڪ ڪريم بخش چنا واضح ڪندي لکي ٿو:

”انگريز جو قدم جيئن سنڌ ۾ پڪو ۽ پختو ڄمندو ويو تيئن هو ملڪي معاشرت ۾ پنهنجين سياسي مصلحتن جي بناءِ تي ڦير ڦار ڪرڻ لڳا. ميرن جي زماني ۾ هندن تي جيڪي زمين جي خريدڻ، وياج جي وڌن نرخن وٺڻ ۽ مسلمانن جون زمينون گروي رکڻ تي بندشون پيل هيون سي هنن لاهي ڇڏيون جنهن ڪري ڪيترا آبادگار پنهنجي جهالت ۽ فضول خرچيءَ سبب هندو شاهوڪارن جي وياج ۽ ڪپتن جي ڪري پنهنجون زمينون

وڄائي ڪنگال ٿي ويا.“

زمينن جي وياج جي مد ۾ منتقليءَ بابت ڇاڻايل مسئلو جيئن ته سنڌ ۾ به هڪ اهم مسئلي طور موجوده هو، تنهن ڪري بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ بحث هيٺ ايندو رهيو پر منظور نه ٿي سگهيو ۽ قانون جي شڪل اختيار ڪري نه سگهيو. 1935ع جي ائڪٽ تحت سنڌ هڪ جدا صوبو بڻيو ته ساڳيو مسئلو وري بحث هيٺ آيو. 1938ع ۾ هيءُ مسئلو ”لينڊ ايلينيشن بل“ جي صورت ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ميمبرن آڏو آندو ويو. هيٺ ان بل جو مڪمل متن جيڪو ماهوار ”سنڌو“ جي جنوري 1938ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو پيش ڪجي ٿو:

جيئن ته مناسب آهي ته سنڌ ۾ زراعتي زمينن جي حقيقت بابت جيڪو قانون آهي تنهن کي سڌارجي، تنهن ڪري هن موجب هيٺئين ريت قانون ٺاهجي ٿو:

(1) **شروعات**

1. هن ائڪٽ کي سنه 1938 جو سنڌ جي زمينات جي انتقال جو ائڪٽ ڪري ڇئبو.

2. اهو ائڪٽ سنڌ جي جناب نواب گورنر صاحب بهادر جي انتظام هيٺ وقت لاءِ جيڪي ملڪ آهن تن سڀني سان لاڳو ٿيندو.

3. اهو ائڪٽ، جنهن تاريخ تي سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪرڻ فرمائي تنهن تاريخ تي عمل ۾ ايندو.

4. هن ائڪٽ ۾، جيڪڏهن مطلب يا مضمون مان ڪو به ابتڙ ارٿ نه نڪرندو هجي ته.

(1) جن اصطلاحن جو ارٿ بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي قلم 3 ۾ ڏنو ويو آهي، تن سڀني جي معنيٰ هن ائڪٽ جي ٺهرائن جي پابنديءَ سان، اها ساڳي سمجهڻ گهرجي جا مٿئين ڪوڊ جي باب 10. الف ۾ انهن کي ڏنل آهي.

(2) ”زمين“ انهيءَ اصطلاح جي معنيٰ آهي ته اها زمين جا لئنڊ روينيو ڪوڊ جي قلم 126 موجب مقرر ڪيل ڪنهن به شهر يا ديهه جي پٽ جي حدن اندر نه ايندي هجي ۽ جا زراعتي ڪمن يا زراعت جي معاون ڪمن لاءِ يا چراگاهه لاءِ والاري ويئي هجي يا ڪرايي تي ڏني ويئي هجي ۽ ان ۾ هيٺيان اچي ٿا وڃن:

(الف) اڏاوتي پٽ ۽ ٻيون اڏيون ۽ وڻ جي اهڙي زمين تي هجي،

(ب) ڪنهن زمينداري يا قبضيداري جي نفعن ۾ ڪو حصو.

(ج) ڪنهن ننڍي قبضيدار وٽان ڪنهن وڏي قبضيدار کي ملڻ جوڳا ڪي به لوازما، يا زمين جي محصول جو ڪو به مقرر في سيڪڙو ۽ ڪنهن ديهه يا ملڪ جي ٻئي حد ڪيل ڀاڱي جي محصول يا ڪرايي ۾ ڪو به حصو يا ان تي وڌل ڪو به بار.

(د) ڪرايي وٺڻ جو ڪو به حق، ۽

(هه) ڀاڱيءَ جو ڪو به حق جو زمين جي مالڪ يا قبضيدار کي اهڙي حيثيت ۾ هجي،

(3) ”دائمي يعني پڪو انتقال“ انهيءَ اصطلاح ۾ ڪاتي جي حقن جا وڪرا، بدل سدل، بخششون، وصيعتون ۽ انعام اچي ٿا وڃن.

(4) ”متصرفي واري گروي“ انهيءَ اصطلاح جي معنيٰ آهي ته گروي نامو جنهن موجب گروي رکندڙ گروي رکيل زمين جو قبضو گرويدار جي حوالي ڪري ۽ ان کي اختياري ڏئي ته جيسين گروي نامي وارا پئسا موٽائي ڏنا وڃن تيسين اهو قبضو پاڻ وٽ رکي ۽ انهيءَ زمين جا ڪرايا ۽ نفعا وٺي ۽ اهي وياج جي عيوض يا گروي وارن پئسن جي ادائگي طور يا قدري وياج جي عيوض ۽ قدري گروي وارن پئسن جي ادائگي طور ڪٽي.

(2) **زمين جو دائمي انتقال**

3 (1) جيڪو ماڻهو پنهنجي زمين دائمي انتقال ڪرڻ گهري سو اهڙو انتقال ڪرڻ لاءِ وس وارو آهي، پر سو تڏهن:

(الف) جڏهن انتقال ڪندڙ ڪنهن بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جو ماڻهو نه هجي يا (پيٽي قلم (2) ۾ جنهن حالت لاءِ ٺهراءُ ٿيل آهي تنهن کان سواءِ ٻيءَ حالت ۾)،

(ب) جڏهن انتقال ڪندڙ ڪنهن بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جو ماڻهو هجي ۽ منتقل اليه به ساڳي قوم جو يا ساڳئي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنهن قوم جو ماڻهو هجي.

(2) بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي وس نه ٿيندو ته ڪليڪٽر جي اجازت کان سواءِ ڪنهن منتقل اليه کي پنهنجي زمين دائمي طرح انتقال ڪري، جيڪڏهن اهڙي انتقال جي ڪري سندس قبضيداريءَ جي ايراضي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ايراضي سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري هر هڪ ضلعي يا ان جي ڪنهن ڀاڱي لاءِ مقرر ڪرڻي آهي تنهن کان گهٽ ٿي پوي.

(3) پيٽي قلم (2) ۾ جن حالتن لاءِ

نهراءُ ٿيل آهي تن حالتن ۾ ۽ جن بين حالتن بابت پيٽي قلم (1) ۾ نهراءُ ڪو نہ پيل آهي تن سيني حالتن ۾ زمين جو ڪو بہ دائمي انتقال تيستين اهڙي طرح عمل ۾ نہ ايندو جيڪڏهن ۽ جيستائين ان بابت ڪليڪٽر منظوري نہ ڏني هوندي.

پر شرط هي آهي تہ:

(1) منظوري انتقال جو ڪم بيءَ طرح پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ڏيئي تي سگهجي.

(2) ڪليڪٽر ڪي ڪيپي تہ جن حالتن هيٺ انتقال ٿيو هجي، تن بابت جاچ جوچ ڪري ۽ سندس مرضيءَ تي ڇڏيل آهي تہ پيٽي قلم (2) ۽ (3) ۾ گهربل منظوري ڏئي يا ڏيڻ کان انڪار ڪري.

(4) سرڪار ڪي ڪيپي تہ سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري نهراءُ ڪري تہ ڪنهن بہ ضلعي ۾ يا ضلعن جي ڪنهن مجموعي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ماڻهن جون جماعتون هن ائڪٽ جي مطلبن لاءِ زراعتي قومون ڪري سمجهڻ گهرجن.

(5) جڏهن ڪو ڪليڪٽر ڪنهن زمين جو دائمي انتقال منظور ڪري تڏهن ايئن سمجهڻ نہ گهرجي تہ سندس حڪم ڪري زمين جي حق جو ڪو بہ فيصلو ٿيو آهي يا ان ۾ ڪو بہ دخل ٿو ٿئي.

**(3) زمين جو وقتي يعني ڪچو انتقال**

6 (1) جيڪڏهن بچاءُ ڏنل زراعتي قوم جو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي زمين گروي رکي ۽ گرويدار ساڳي قوم جو يا ساڳئي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنهن قوم جو ماڻهو نہ هجي تہ: يا جيڪڏهن بچاءُ ڏنل زراعتي قوم جو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي زمين ساڳي قوم يا ساڳئي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنهن قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ وٽ گروي رکي ۽ گروي رکيل ايراضي جي وضع ٿيڻ ڪري گروي رکندڙ جي قبضيداريءَ جي ايراضي انهي گهٽ ۾ گهٽ ايراضيءَ کان گهٽ ٿي پوي جا قلم 3 جي پيٽي قلم (2) موجب جاري ڪيل پڌرنامي ۾ مقرر ڪئي ويئي هجي تہ گروي هيٺين فارمن مان هڪڙي فارم ۾ ٿيڻ گهرجي:

(الف) متصرفي واري گروي جي فارم ۾ جنهن موجب گروي رکندڙ گرويدار کي زمين جو قبضو حوالي ڪري ٿو ۽ هن کي اختياري ڏئي ٿو تہ اهو قبضو پاڻ وٽ رکي ۽ وياج جي عيوض ۽ مور جي ادائگي طرز انهيءَ زمين جا ڪرايا ۽ نفعا پاڻ وٽي هن شرط تي نہ قبول ڪيل عرصي جي گذرڻ بعد يا (جيڪڏهن قبول ڪيل عرصو ويهن سالن کان وڌيڪ هجي تہ) ويهن سالن جي گذرڻ بعد اها زمين گروي رکندڙ کي موٽي حوالي ڪئي ويندي. يا

(ب) بنا قبضي واري گروي جي فارم ۾ هن شرط تي تہ جيڪڏهن گروي رکندڙ پنهنجي انجام موجب مور ۽ وياج ڏيڻ ۾ قصور ڪندو تہ گرويدار کي وس ٿيندو تہ ڪليڪٽر کي درخواست ڪري تہ ڪيس اهڙي عرصي لاءِ (جو ويهن کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي) جو ڪليڪٽر انصاف روءِ سمجهي، انهيءَ زمين جو قبضو ملي ۽ اها گروي گرويدار کي جيسين قبضو هجي تيسين متصرفي واري گروي ڪري سمجهڻ گهرجي ۽ ايتري رقم لاءِ گروي سمجهڻ گهرجي جا گرويدار کي باقي ملڻ جوڳي مور ۽ وياج بابت ملڻ جوڳي هجي ۽ اهو وياج اهڙي رقم کان وڌيڪ هئڻ نہ گهرجي جا، جيڪو اگهہ ۽ جيڪو عرصو ڪليڪٽر واجب سمجهي تنهن اگهہ پيري ۽ تنهن عرصي لاءِ نري وياج طور گهرڻ جوڳي هجي: يا

(ج) لکيل متصرفي واري گروي جي فارم ۾ جنهن موجب گروي رکندڙ گرويدار کي زمين جو ڏٽي ڪري قبول ڪري ٿو ۽ پاڻ فقط ڪرائيدار طور آبادي ڪرڻ لاءِ زمين قبضي ۾ رکي ٿو هن شرط تي تہ اهڙي رکب پيري ڪرايو ڏيندو جو قبول ڪيو ويو هجي ۽ جو انهي وڏ ۾ وڏ رکب کان زياده نہ هئڻ گهرجي جو سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو وجهي هر هڪ تعلقي لاءِ مقرر ڪيو هجي، تنهن کان سواءِ انتي جيڪو زمين جو محصول ۽ جيڪي بيا محصول ۽ ابواب وٺڻ جوڳا هوندا سي ڏيندو ۽ اهي سڀ ايتري وقت لاءِ ڏيندو جيترو قبول ڪيل هوندو ۽ گروي رکندڙ کي ڪو بہ حق نہ ٿيندو تہ زمين آباد ڪرڻ جو پنهنجو حق بئي ڪنهن کي انتقال ڪري، گرويدار کي ڪو بہ حق نہ ٿيندو تہ گروي رکندڙ کي انهي زمين تان بي دخل ڪري سواءِ هن سبب جي تہ هن قبول ڪيل ڪرائي ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. يا

(د) بئي ڪنهن بہ اهڙي فارم ۾ جنهن جي ڪم آڻڻ لاءِ سرڪار عام يا خاص حڪم ڪري اجازت ڏني هجي.

(2) جيڪڏهن هن قلم جي پيٽي قلم (1) واري فارم (ج) واري گرويءَ جي حالت ۾ گروي رکندڙ بي دخل ڪيو وڃي يا آبادي ڪرڻ لاءِ زمين جي قبضي جي بيزاري ڏئي يا اهو قبضو ڇڏي ڏئي تہ انهي گروي کي ساڳئي پيٽي قلم وارو فارم (الف) ۾ متصرفي واري گرويءَ جهڙو عمل ٿيندو. جا گروي بي دخل ڪرڻ يا بيزاري ڏيڻ يا قبضو ڇڏي ڏيڻ جي تاريخ کان وٺي گهٽي ۾ گهٽو ويهن ورهين تائين ايتري عرصي لاءِ ۽ ايتري رقم لاءِ ٿيندي جو عرصوءِ رقم ڪليڪٽر صاحب واجب

سمجھندو.

(3) جيڪڏهن ڪليڪٽر صاحب پيٽي قلم (1) (ب) موجب ڪنهن گرويدار جي ڪيل درخواست قبول ڪندو ته هن کي اختياري ٿيندي ته گروي رکندڙ کي بيدخل ڪري ۽ گروي رکندڙ جي بدران گرويدار کي زمين جو قبضو ڏياري.

7 قلم 6 موجب ڪيل گروين جي حالت ۾:

(1) جنهن عرصي لاءِ گرويدار کي زمين جو قبضو هوندو يا ڪرايو ملندو هوندو تنهن عرصي منجهه ڪو به وياج نه چڙهندو.

(2) جيڪڏهن گروي پيٽي قلم (1) واري فارم (الف) يا فارم (ب) ۾ هوندي ته پوءِ گرويءَ وارو قرض اهڙي قبضي جي عرصي جي آخر ۾ ختم سمجهڻ گهرجي:

(3) گروي رکندڙ کي وس ٿيندو ته گروي جي هلندي ڪنهن وقت پنهنجي زمين هن طرح ڇڏائي جو يا گروي وارو قرض موٽائي ڏئي يا پيٽي قلم (1) واري فارم (الف) يا فارم (ب) واري گروي جي حالت ۾ گروي واري قرض جو جيڪو حصو ڪليڪٽر انصاف روءِ ٺهرائي سو قرض جو حصو موٽائي ڏئي:

(4) متصرفي واري گروي جي حالت ۾ ايئن نه سمجهڻ گهرجي ته گروي رکندڙ گروي وارا پئسا موٽائي ڏيڻ لاءِ پاڻ کي پنهنجي سر ٻڌل رکيو آهي: ۽

(5) جنهن گروي رکندڙ ڪليڪٽر کي پيٽي قلم (3) موجب درخواست ڪئي هجي سو جيڪڏهن ڪليڪٽر جي خاطري موجب ثابت ڪري ته هن گروي وارو قرض يا انجو اهڙو حصو جو ڪليڪٽر انصاف روءِ ٺهرايو هجي سو موٽائي ڏنو آهي. يا جيڪڏهن هو اهڙي گروي جي قرض جي يا انجي اهڙي حصي جي رقم ڪليڪٽر وٽ امانت رکي ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته زمين ڇڏائي ويئي آهي ۽ ڪليڪٽر کي اختياري ٿيندي ته گرويدار کي جيڪڏهن زمين جو قبضو هجيس ته بيدخل ۽ گرويدار جي بدران گروي رکندڙ کي قبضو ڏياري.

8 (1) قلم 6 موجب ڪيل گروي ۾ ڌرين جي وچ ۾ سندن ڪيل قبوليت موجب، هيٺيان شرط گڏي تا سگهجن:

(الف) شرط جنهن موجب مقرر ڪيو ويجي ته جيڪو گروي رکندڙ پنهنجي زمين ڇڏائيندو هجي سو زراعتي سال جي ڪهڙي وقت پنهنجي زمين موٽي پنهنجي قبضي ۾ وٺي:

(ب) شرط جن موجب ڪنهن گروي رکندڙ جو يا ڪنهن قبضي واري گرويدار جو وڻ ڪپڻ يا وڪڻڻ يا گروي رکڻ جو يا زمين جي دائمي قيمت ۾ دخل ڪندڙ ڪو به ڪم ڪرڻ جو حق، محدود ڪيو ويجي: ۽

(ج) ٻيو ڪو به شرط جو سرڪار عام يا خاص حڪم جاري ڪري روا ٺهرائي.

(2) قلم د موجب ڪيل گروين ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شرط پيل هوندو جو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا نه آهي، سو شرط رد ۽ باطل سمجهڻ گهرجي.

9. جيڪڏهن بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جو ڪو به ماڻهو اهڙي ڪنهن به نموني يا فارم ۾ پنهنجي زمين گروي رکندو جو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا نه هوندو ته ڪليڪٽر کي اختياري آهي ته انهي گريوي نامي جا شرط اهڙي طرح سڌاري ۽ ڦيرائي جيئن اهو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا ڪيل اهڙي گروي جي فارم موجب ٿئي جنهن بابت ڪليڪٽر کي ڏسڻ ۾ اچي ته گرويدار کي گهرڻ جو انصاف روءِ حق آهي.

10 بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي وس آهي ته گهٽي ۾ گهٽو ويهن ورهين تائين ڪنهن به عرصي لاءِ پنهنجي زمين مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏئي: ۽ جيڪو مقاطعو يا ٺيڪو بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهو ويهن ورهين کان وڌيڪ عرصي لاءِ ڏنو هوندو تنهن مقاطعي يا ٺيڪي بابت سمجهڻ گهرجي ته اهو فقط ايتري عرصي لاءِ آهي جيترو هن قلم موجب روا آهي.

11 (1) قلم 6 موجب پيٽي قلم (1) واري فارم (الف) يا فارم (ب) ۾ ڪيل ڪنهن گرويءَ يا هن ائڪٽ موجب ڏنل ڪنهن مقاطعي يا ٺيڪي جي هلندي، مالڪ وس وارو آهي ته ساڳي زمين جو ايتري عرصي لاءِ وقتي انتقال ڪري جيئن اهو عرصو چالو گروي، مقاطعي يا ٺيڪي جي عرصي سميت ويهن ورهين جي ڪل عرصي کان زياده نه ٿئي.

(2) جيڪڏهن اهڙي طرح وڌيڪ عرصي لاءِ ڪيل ڪو به وقتي انتقال، جيترو عرصو هن قلم موجب روا آهي اوتري عرصي کان وڌيڪ وقت لاءِ ڪيو ويندو ته سمجهڻ گهرجي ته اهو انتقال هن قلم موجب روا ٺهرايل عرصي لاءِ وقتي انتقال آهي.

12 جنهن گرويدار يا مقاطعدار يا ٺيڪيدار کي قلم 6 هيٺ ڪيل ڪنهن گروي موجب يا قلم 10 هيٺ ڏنل ڪنهن مقاطعي يا ٺيڪي موجب يا قلم 11 هيٺ ڪيل يا ڏنل ڪنهن گروي يا مقاطعي يا ٺيڪي موجب زمين قبضي ۾ هجي سو

جيڪڏهن، جنهن عرصي لاءِ هو پنهنجي گرويءَ يا مقاطعي يا ٺيڪي موجب زمين قبضي ۾ رکڻ جو حقدار هجي تنهن عرصي جي گذرڻ کانپوءِ اها زمين قبضي ۾ رکندو رهندو ته، ڪليڪٽر ڪي وس آهي ته خود پنهنجي تحرڪ تي، يا جيڪو ماڻهو اها زمين قبضي ۾ رکڻ جو حقدار هجي تنهن جي درخواست ڪرڻ تي، اهڙي گرويدار يا مقاطعدار يا ٺيڪيدار کي بيدخل ڪري، ۽ جيڪو ماڻهو اهڙي طرح قبضي ملڻ جو حقدار هجي تنهن کي ان جو قبضو ڏياري.

(4) **عام ٺهراءَ**

13 جنهن جنهن دائمي انتقال تي قلم 3 موجب تيسين عمل نه ٿيڻو آهي جيسين ڪليڪٽر اهڙي سني منظوري ڏئي تيسين يا جيڪڏهن اهڙي منظوري کان انڪار ڪيو وڃي ته، قلم 6 موجب روا ٺهرايل فارم (الف) ۾ ڪنهن متصرفي واري گروي طور، ويهن سالن تائين ڪنهن به اهڙي عرصي لاءِ ۽ اهڙن شرطن تي عمل ٿيندو جيئن ڪليڪٽر واجب سمجهي.

14. جنهن جنهن قبوليت موجب بچاءُ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ جو مطلب هجي ته ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ پنهنجي زمين انتقال ڪريان يا انجي پيدائش تي ڪو به بار وجهان تنهن قبوليت ڪي، قبوليت جي تاريخ کان وٺي ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ عمل نه ٿيندو، بشرطيڪ ڪليڪٽر ان بابت منظوري نه ڏئي ته ۽ جيسين اهڙي منظوري ڏني وڃي تيسين يا جيڪڏهن اهڙي منظوري ڏيڻ کان ناڪار ڪئي وڃي ته ان کي اهڙي طرح عمل ٿيندو جو ڄڻ ته اها ويهن سالن کان قبوليت ڪئي ويئي آهي.

**سمجهاڻي:** زمين جي پيدائش جي معنيٰ آهي:

(الف) فصل ۽ زمين جي ٻي پيدائش جي قبضيداريءَ تي بيٺل هجن يا لٽيل نه هجن.

(ب) فصل ۽ زمين جي ٻي پيدائش جي زمين تي گذريل سال ۾ پوکيا ويا هجن ۽ لاٿا يا لٽيا وڃن هجن.

10 (1) بچاءُ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪا به زمين، ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي جاري ٿيل ڊڪري يا حڪم جي تعميل ۾ وڪڻڻ نه گهرجي، پوءِ کڻي اها ڊڪري يا حڪم هن ائڪٽ جي عمل شروع ٿيڻ کان اڳي خواه پوءِ جاري ٿيو هجي ته به. (2) وقت لاءِ هلندڙ ٻئي ڪنهن به قاعدي ۾ پيل ڪنهن به ٺهراوي هوندي به، ڪا به زمين جا ڪنهن زراعتي قوم جي ماڻهوءَ جي ملڪيت هوندي سا ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي جاري ٿيل ڊڪري يا حڪم جي تعميل ۾ 20 سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏيڻ نه گهرجي نڪي قلم 6 هيٺ روا ڪيل فارم مان هڪڙي فارم ۾ نه مگر ٻيءَ طرح گروي رکڻ نه گهرجي، پوءِ کڻي اها ڊڪري يا حڪم هن ائڪٽ کان اڳي خواه پوءِ جاري ٿيو هجي ته به.

(3) هن ائڪٽ ۾ پيل ڪنهن ٺهراءَ جي ڪري، زمين جي محصول جي بقايا يا جيڪي لوازما زمين جي محصول جي بقايا طور وصول ڪرڻ جوڳا آهن سي لوازما، جيڪو دستور قاعدي موجب هينئر روا ٺهرايل آهي تنهن دستور وصول ڪرڻ لاءِ سرڪار کي جيڪو حق آهي تنهن ۾ ڪو به دخل نٿو ٿئي.

16 سنه 1908ع جي هند جي رجسٽريشن ائڪٽ ۾ يا انهي ائڪٽ جي قلم 69 موجب جوڙيل ڪن به قانونن ۾ پيل ڪنهن به ٺهراءَ جي هوندي به،

(1) جنهن دستاويز ۾ هن ائڪٽ جي ڪنهن به ٺهراءَ جي انحرافي ٿيل هجي سو رجسٽر ٿيڻ لاءِ قبول نه ڪرڻ گهرجي،

(2) جنهن دستاويز ۾ ڪا اهڙي ڏيتي ليتي داخل ٿيل هجي يا انڪي عمل ڏنو ويو هجي جنهن بابت ڪليڪٽر جي منظوري گهربل هجي سو دستاويز، تيسين رجسٽر ٿيڻ لاءِ قبول ڪرڻ نه گهرجي جيسين جنهن حڪم موجب اهڙي منظوري ڏنل هجي تنهن حڪم جو تصديق ٿيل فرد اهڙي عملدار وٽ پيش ڪيو وڃي جنهن کي دستاويز جي رجسٽر ڪرڻ جي اختياري هجي.

17 (1) جنهن ڏيتيءَ ليتيءَ بابت هن ائڪٽ موجب ڪنهن ڪليڪٽر جي منظوري گهربل آهي تنهن ڏيتي ليتي جي سبب جنهن حالت ۾ ڪو به ماڻهو هي دعويٰ رکندو هجي ته ڪيس ڪو اهڙو حق حاصل ٿيو آهي جنهن بابت هو سنه 1879 جي بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي قلم 135هه موجب رپورٽ ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي تنهن حالت ۾، اهڙي ماڻهوءَ کي کپي ته پنهنجي رپورٽ ڪرڻ وقت، جاڻائي ته گهربل منظوري ورتي ويئي آهي يا نه ۽ اهڙي طرح حاصل ڪيل سندس حق، حقن جي رڪارڊ ۾ يا جنهن ديهه جي فارم ۾ ڪاتا داخل ٿيندا هجن تنهن ۾، تيسين داخل ڪرڻ نه گهرجي جيسين هو جنهن حڪم موجب اهڙي منظوري ملي هجي تنهن حڪم جي اهڙي ثابتي پيش ڪري جا هن ائڪٽ هيٺ جوڙيل ڪن به قانونن موجب گهربل هجي.

(2) جيڪا ڏيتي ليتي هن ايڪٽ موجب رد ۽ باطل نهرائي ويئي آهي تنهن ڏيتي ليتي جي سبب جيڪو حق گهرڻ ۾ اچي اهڙو ڪو به حق، حقن جي رڪارڊ ۾ يا جنهن ديهه جي فارم ۾ ڪاتا داخل ٿيندا هجن تنهن ۾، داخل ڪرڻ نه گهرجي.

(3) بمبئي جي روينيو ڪوڊ جي باب 10 الف ۾ يا ان باب هيٺ جوڙيل قانونن ۾ پيپل ڪنهن به نهراءَ جي هوندي به، ڦير ڦار جي رجسٽر ۾ ڪيل ڪنهن به داخلا بابت ايئن سمجهڻ نه گهرجي ته اها حقن جي رڪارڊ جو ڀاڱو آهي نڪي انڪي انهي باب هيٺ ڪو به عمل يا جائزگي ٿيندي جيسين ڪنهن ملڪي عملدار (جو مختيارڪار جي هيڊ منشيءَ جي درجي کان گهٽ نه هوندو) ان بابت تصديق نه ڪئي هوندي.

18. سنه 1879 جي بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي بابن 12 ۽ 13 جا نهراءَ جيتري قدر لاڳو ٿي سگهندا اوتري قدر اُهي، هن ايڪٽ جي نهرائن جي پابنديءَ سان، هن ايڪٽ هيٺ جيڪي روبڪاريون ملڪي عملدار هلائيندا تن سان لاڳو ٿيندا.

19. ڪا به واسطيدار ڌر حق طور ايئن گهري نٿي سگهي ته هن ايڪٽ هيٺ ملڪي عملدار جي روبرو جيڪا روبڪاري هلندي هجي تنهن ۾ ڪو ماڻهو سندس پاران حاضر ٿئي ۽ اهڙي ڪنهن به روبڪاري ۾ ڪنهن به ڌر جي پاران ڪو به وڪالت ڪندڙ، واسطيدار ملڪي عملدار جي خاص موڪل کان سواءِ ٻي حالت ۾، حاضر نه ٿيندو.

30. (1) ڪنهن به ديواني ڪورٽ کي اهڙي ڪنهن به ڳالهه ۾ عمل نه ٿيندو جنهن جي نيڪال ڪرڻ لاءِ سرڪار کي يا ڪنهن ملڪي عملدار کي هن ايڪٽ موجب اختياري مليل آهي. (2) ڪا به ديواني ڪورٽ، جنهن دستور سرڪار يا ڪو به ملڪي عملدار هن ايڪٽ موجب يا پٽاندر مليل ڪا به اختياري هلائيندو هجي تنهن بابت ڪو به اعتراض نه ٻڌندي.

21. (1) سول پروسيجر ڪوڊ ۾ يا وقت لاءِ هلندڙ ٻئي ڪنهن به ايڪٽ ۾ پيپل نهراءَ جي هوندي به، جيڪا جيڪا ديواني ڪورٽ ڪا ڊڪري يا حڪم جاري ڪري جنهن موجب (1) بچاو ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهو هٿئون سندس زمين جو دائمي انتقال ٿيندو هجي يا (2) بچاءَ ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهوءَ هٿئون سندس زمين گروي رکبي هجي، تنهن سڀ ڪنهن ڪورٽ کي کپي ته اهڙي ڊڪري يا حڪم جو فرد ڪليڪٽر صاحب ڏانهن موڪلي.

(2) جڏهن ڪليڪٽر کي ڏسڻ ۾ اچي ته ڪنهن به ديواني ڪورٽ هن ايڪٽ جي ڪن به نهراون جي ابتڙ ڪا ڊڪري يا ڪو حڪم جاري ڪيو آهي تڏهن ڪليڪٽر کي وس آهي ته جنهن ڪورٽ کي (جيڪڏهن ڪا به هجي ته) اهڙي ڊڪري يا حڪم تي اپيل ٿي سگهي ٿي تنهن ڪورٽ کي، يا جنهن ڪورٽ ۾ (جيڪڏهن ڪا به هجي ته) انهي ڊڪري يا حڪم جاري ٿيڻ وقت اپيل جيڪر داخل ٿي سگهي ها تنهن ڪورٽ ۾، يا ٻيءَ ڪنهن به حالت ۾ سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر صاحب جي ڪورٽ کي اهڙي ڊڪري يا حڪم تي وري جاچ ٿيڻ لاءِ درخواست ڪري ۽ جڏهن اها ڪورٽ ڏسي ته اها ڊڪري يا اهو حڪم هن ايڪٽ جي ڪن به نهراون جي ابتڙ آهي تڏهن ان کي کپي ته ان ۾ اهڙي طرح ڦير ڦار ڪري جيئن اها يا اهو هن ايڪٽ موجب موافق ٿئي. اهڙي درخواست جنهن تاريخ تي ڪليڪٽر اهڙي ڊڪري يا حڪم جو اطلاع ملي تنهن تاريخ کان وٺي ٻن مهينن جي اندر ڪرڻ گهرجي.

(3) جڏهن اهڙي ڪا به اپيل ڪورٽ حڪم جاري ڪري اهڙي درخواست نامنظور ڪري تڏهن ڪليڪٽر کي وس آهي ته جنهن تاريخ تي هنڪي اهڙي حڪم جو اطلاع ملي تنهن تاريخ کان وٺي ٻن مهينن جي اندر ان جي وري جاچ ٿيڻ لاءِ سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر صاحب جي ڪورٽ کي درخواست ڪري.

(4) جيڪا جيڪا ديواني ڪورٽ هن قلم موجب ڪيل ڪنهن به درخواست تي ڪو حڪم جاري ڪري تنهن سڀ ڪنهن ڪورٽ کي کپي ته ان جو هڪ فرد ڪليڪٽر ڏانهن هڪدم ڏياري موڪلي.

(5) اهڙي درخواست تي ڪو به اسٽامپ گهربل نه آهي ۽ اپيلن بابت سول پروسيجر ڪوڊ ۾ جيڪي نهراءَ پيل آهن سي جيتري قدر ٿي سگهندا اوتري قدر، اهڙي درخواست ملڻ تي ڪورٽ جي ڪم هلائڻ جي ريت سان لاڳو ٿيندا، پر شرط هي آهي ته اهڙي درخواست جي نيڪال لاءِ ڪليڪٽر يا ڪليڪٽر جي پاران ٻئي ڪنهن جي به حاضر ٿيڻ جو ضرور نه آهي.

22. ڪليڪٽر کي جيڪي اختياريون هن ايڪٽ موجب سونپيل آهن سي انهيءَ کان وڏي عهدي وارو ڪو به ملڪي عملدار هلائي ٿو سگهي.

23. سرڪار کي وس آهي ته سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري ڪو به ضلعو يا ڪنهن به ضلعي جو ڪو ڀاڱو يا

ڪو بہ ماڻهو يا ڪنهن بہ فرقي جا ماڻهو هن ايڪٽ جي يا ان جي ڪن بہ نهراون جي عمل کان نيارو يا نيارا ڪري.

24. سرڪار کي وس آهي تہ سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ ڇاپي پڌري ڪيل پڌرنامي جي رستي هن ايڪٽ جي مطلبن جي بجا آڻڻ لاءِ قانون جوڙي.

خاص ڪري ۽ مٿي عام اختياريءَ ۾ دخل ڪرڻ ڌاران سرڪار کي وس آهي تہ قانون جوڙي مقرر ڪري تہ ڪهڙن ملڪي عملدارن کي درخواستون ڏيڻ گهرجن ۽ ڪهڙي نموني ۽ فارم ۾ اهڙيون درخواستون ڪرڻ گهرجن ۽ نيڪال ٿيڻ گهرجن.

### مطلبن ۽ سببن جو بيان

سنڌ جي زميندارن هٿئون سندن زمينون هڪ بئي پنيان شاهوڪارن ۽ غير آبادگار فرقن جي قبضي ۾ جلد بہ جلد چڙهي رهيون آهن. سال 1905ع کان وٺي سال 1925ع تائين آبادگارن کي صافي نقصان اٽڪل 5 لک ايڪڙ زمين جو ٿيو آهي. گذريل ٿوري وقت ۾ اهڙا انتقال وڏي پيماني تي ۽ تڪڙا ٿيندا ويا آهن ۽ سچ پچ خوف آهي تہ شايد آبادگار پنهنجون زمينون پنهنجي هٿئون وڃائي شاهوڪارن ۽ سٽي ڪندڙن کي ڏيئي وهن ۽ اها روئداد اهڙي وقت کان گهڻو اڳي شايد ٿئي جڏهن سندن پٽ تعليم وٺي معلوم ڪن تہ ملڪيت ڪسجي وڃڻ مان ڪهڙيون خرابيون آهن. انتقالن جي حقيقتن ۽ انگن جي پوري جاچ ۽ اپياس ڪرڻ مان ڪنهن کي بہ اها پڪ جمندي تہ انهيءَ قسم جي روئداد مان سماج جي آئينده پلي اڳيان سچو پچو ۽ منجهائيندڙ مسئلو دربيش ايندو ۽ سرڪار کي پڻ خوف پيدا ٿيندو. هن طرح جو هارين نارين ۾ ناراضپو ٿيندو جنهن مان شايد ڪو ڳرو وڳوڙ پيدا ٿئي. اهڙي نتيجي مان بئي ڪنهن کي بہ اهڙو سخت ڌڪ نہ لڳندو جهڙو ڀهراڙين ۾ رهندڙ واپارين ۽ واڻين ۽ عامل زميندارن کي. ۽ هي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ شهرن کان ٻاهر آدم جو گهڻو ڀاڱو مسلمان آبادگارن جو آهي.

تنهن ڪري اهو بلڪل واجب آهي تہ ڪي تڪا قدم وٺجن جنهن ڪري غير آبادگارن تي زمينن انتقال ڪرڻ بابت بندشن ۽ ناتوانيون پوڻ ڪري زمينون آبادگارن کان ڪنهن بہ وڏي تعداد ۾ ڪسجي نہ وڃن. هن ايڪٽ جي مسودي موجب اهڙيون بندشون ۽ ناتوانيون وڌيون ويون آهن جي آبادگارن جي هٿن ۾ زمينون محفوظ رکڻ جي مطلب لاءِ فقط انتقالن وجهڻ تي واجب سمجهيون ويون آهن.

هن مسودي موجب، سرڪار کان يا جن غير آبادگارن جي قبضي ۾ قبولي زمين جو وڏو ئي ڀاڱو آهي تن کان زمين وٺڻ تي ڪي بہ بندشون نہ پيل آهن. اهي بندشون گهڻو ڪري مسلمان قومن جي برخلاف عمل ۾ ايندڻيون جن کي بچاءَ ۾ گهڻي ضرورت آهي ۽ خود پنهنجي بچاءَ ڪرڻ واسطي اُهي اهي بندشون ۽ ناتوانيون قبول ڪرڻ لاءِ بلڪل راضي آهن.

هن ڪانپوءِ جن سنڌي مسلم زميندارن کي زمينون نہ آهن ۽ جي بلفضول آهن تن کي سواءِ ڪليل مارڪيٽ ۾ خريد ڪرڻ جي، جنهن لاءِ هنن کي فالتو پئسو ڪونهي، سرڪاري زمين وٺڻ جو ڪو ٿورو وجهہ ملندو.

هن ايڪٽ ڪري غير زراعتي فرقن، يعني هندو ۽ مسلمان واپارين ۽ واڻين ۽ عامل زميندارن جي واسطن ۾ ڪو بہ دخل نہ ٿيندو، ڇو جو قبولي زمين جو اٽڪل 30 في سيڪڙو اڳيئي غير آبادگارن جي هٿ ۾ آهي جي هن ايڪٽ جي عمل هيٺ نہ ايندا ۽ انهن جي زمين انتقال ڪرڻ لاءِ ميسر هوندي ۽ تنهن ڪانسواءِ عاملن ۽ واڻين ۽ واپارين ۽ ٻاهران اچي بينڪ ڪندڙن کي اجا ڪيترن ئي سالن لاءِ سرڪاري غير آباد زمين وٺڻ لاءِ چڱوئي وجهہ هوندو. اها ڳالهہ صفا معلوم آهي تہ هندو شاهوڪارن يا غير آبادگارن کي سنڌي مسلم آبادگارن کان سندن زمينون جن مان انهن پنهنجي آجيوڪا کي صديون حاصل ڪئي آهي سي ڦرڻ جو ڪو بہ ارادو ڪونهي.

جيڪي بندشون ۽ ناتوانيون هن ايڪٽ هيٺ رٿيون ويون آهن سي ويجهڙائي وارن ملڪن، يعني بهاولپور رياست ۽ پنجاب ۽ اتر اولهہ واري سرحدي پرڳڻي ۽ پڻ اوڌ ۽ آگري جي گڏيل پرڳڻن ۾ وچن علائقن ۾ وڌيون ويون آهن. جن فرقن جو مکيہ اباڻو ڌنڌو اڪثر ڪري زراعت ٿيو آهي تن فرقن کان زمينن کسڻ لاءِ منع ڪرڻ يا روڪڻ ۾ اها ڪوشش ڪامياب ٿي آهي.

سنڌ ۾ آبادگار ۽ غير آبادگار جي وچ ۾ جيڪو ممڪن تفاوت ٿي ٿو سگهي سو ضرور وڏيڪ فرقيوار ڳالهين تي منحصر ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اها تواريخي حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ زراعتي قومون گهڻو ڪري سڀ مسلمان آهن. هي نتيجو سنڌ جي ٻن وڏين قومن جي وچ ۾ ڪشادي اقتصادي تفاوت جي ڪري ٿيو آهي. جتي مسلمانن جي اڪثريت، پشت بہ پشت ۽ ڏنڌي ۽ سڪيا جي سبب آبادگار آهن ۽ هندن مان گهڻا آبادگار نہ آهن. آبادگارن کي جنهن بچاءَ جو بلڪل ضرور آهي تنهن بچاءَ کان نابري وارڻ لاءِ جيڪڏهن هن سچي پچي اقتصادي تفاوت کي خيال ۾ آڻڻ يا ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ ان ڪري

هن علائقي ۾ فرقيوار اتفاق جي آئينده ڪي هٿي نه ملندي.

ائڪٽ موجب آبادگارن هٿئون غير آبادگارن کي زمين جي دائمي انتقال ڪرڻ تي بندش وڌي ويندي، مگر آبادگار 20 سالن تائين زمين گروي رکڻ لاءِ آزاد رهندا. ڪابه زمين ڪنهن به ديواني ڪورٽ جي ډڪريءَ جي تعميل ۾ وڪڻي نه سگهبي. خود هڪڙي آبادگار ۽ ٻئي آبادگار جي وچ ۾ پڻ زمين جي انتقال ڏيڻ تي انهيءَ حالت ۾ وڏيڪ بندش پيل آهي جنهن ۾ ڪليڪٽر جي راءِ موجب اهڙي انتقال جي ڪري جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ايراضي سندس ۽ سندس آڪهه جي آ جيوڪا لاءِ ڪافي هجي تنهن کان اها گهٽ ٿي پوي. انهي ڪري مڙني ننڍن آبادگارن کي وڏن ڪاتيدارن جي هٿئون هضم ٿي وڃڻ کان بچاءُ ملندو.

آبادگارن جي ساک پت تي بندش پوڻ بابت يا سندن زمينن جي ملهه گهٽجڻ بابت جيڪي ډپ ډاوءِ ٻڌٽيون هيون سي سڀ پنجاب ۽ ٻين هنڌ پرايل آزمودي مان بي بنياد ثابت ٿيون آهن.

**قلمن جي سمجهاڻي**

قلم 1. ائڪٽ جو نالو عمل جي حد ۽ عمل جي اچڻ جي تاريخ.

قلم 2. اصطلاحن جا ارٿ

قلم 3. (الف) غير آبادگارن جي دائمي انتقال لاءِ اجازت ڏني وئي آهي.

(ب) بچاو ڏنل آبادگارن جي قومن جي ماڻهن جي وچ ۾ زمين جي دائمي انتقال لاءِ اجازت ڏنل آهي.

(ج) هڪ آبادگار جو ٻئي آبادگار کي ڪنهن خاص ٿوري ۾ ٿوري ايراضيءَ کان گهٽ ايراضي جي حالت ۾ انتقال ڪرڻ کان منع ٿيل آهي.

(د) ٻين سڀني دائمي انتقالن لاءِ ڪليڪٽر جي اجازت جو ضرور آهي.

قلم 4. جن زراعتي قومن کي بچاءُ جي ضرورت آهي تن جي پڌري ڪرڻ بابت سرڪار جون اختياريون.

قلم 5. ڪليڪٽر جڏهن ڪو دائمي انتقال منظور ڪري تڏهن ان سبب حق جو سوال فيصل نه ٿو ٿئي.

قلم 6. هيءَ قلم، قبضي سان يا بنا قبضي گروين جهڙن عارضي انتقالن سان لاڳو آهي ۽ ان موجب عرصو 20 سالن تائين محدود ڪيو ويو آهي ۽ روا ڪيل گروين جا فارم بيان ڪيل آهن.

قلم 7. قلم 6 هيٺ گروي جا شرط جيڪڏهن گروي قبضي سان هجي ته ڪو به وياج نه چڙهندو. گرويءَ وارو قرض قبضي جي آخر ۾ ازخود ختم ٿو ٿئي. گروي رکندڙ کي وس آهي ته پنهنجي زمين ڏيڻ جوڳي قرض يا ان جي ڀاڱي جي ڏيڻ تي ڇڏائي.

گروي رکندڙ پئسن لاءِ پاڻ کي جوابدار نٿو رکي. گروي رکندڙ کي قبضي ڏيارڻ لاءِ ڪليڪٽر جون اختياريون.

قلم 8. گروين ۾ قبوليت موجب ڪي خاص شرط گڏي ٿا سگهجن.

قلم 9. جيڪڏهن قلم 6 هيٺ جن فارمن جي اجازت ڏنل آهي تن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به فارم ۾ گروي رکيو ويندو ته ڪليڪٽر کي گروي جي شرطن ڦيرائڻ جي اختياري ٿيندي.

قلم 10. مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏيڻ لاءِ اجازت 20 سالن تائين محدود ٿيل آهي.

قلم 11. انتقال ڪندڙ کي اجازت آهي ته گروي جو وقت وڌائي مگر ڪل عرصو 20 سالن تائين ٿيندو.

قلم 12. گرويدار جيڪڏهن گروي جي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ قبضي ۾ رهي ته هن کي ٻي دخل ڪرڻ لاءِ انتقال ڪندڙ کي قبضو ڏيڻ لاءِ ڪليڪٽر جون اختياريون.

قلم 13. جيڪڏهن دائمي انتقال جي منظوريءَ کان انڪار ڪيو وڃي ته اهو گروي جي صورت ۾ ٿيندو.

قلم 14. پيدائش جي گروي رکڻ جو عرصو 20 سالن تائين محدود ڪيو ويو آهي.

قلم 15. ڪنهن به بچاءُ ڏنل آبادگار جي ڪا به زمين ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي ډڪريءَ جي تعميل ۾ وڪڻي نه سگهبي.

قلم 16 ۽ 17. حقن جي رڪارډ ۾ نالن جي ڦيرين گهيرين ڪرڻ کان منع ٿيل آهي سواءِ ڪليڪٽر جي حڪم سان يا اهڙن انتقالن منظور ڪرڻ بابت ڪليڪٽر جي ڪيل حڪم جي تصديق ٿيل نقل پيش ڪرڻ تي.

قلم 18. روينيو عملدارن جون ساڳيون اُهي روبڪاريون ٿينديون جيڪي لئنډ روينيو ڪوډ جي بابت 12 ۽ 13 ۾ مقرر ڪيل آهن.

قلم 19. وڪالت ڪندڙن کي حق طور حاضر ٿيڻ لاءِ اجازت نه آهي.

قلم 20. ديواني ڪورٽن کي عمل هلائڻ کان روڪ آهي.

قلم 21. جيڪي ديواني ڪورٽون دائمي انتقال يا گروي رکڻ بابت حڪم جاري ڪن تن کي انهن حڪمن جا فرد ڪليڪٽر

ڏانهن موڪلڻا آهن ۽ ڪليڪٽر کي حق آهي تہ سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر کي اپيل ڪري.

قلم 22. ڪليڪٽر کي سونپيل اختياريون ڪانئس مٿئين درجي وارو روينيو عملدار هلائي ٿو سگهي.

قلم 23. سرڪار کي اختياريون آهن تہ ڪن بہ ماڻهن کي يا ضلعي يا ضلعي جي ڀاڱن کي ۽ ماڻهن جي فرقي کي هن ائڪٽ يا ان جي ڪنهن ٺهراو جي عمل کان معاف ڪري.

قلم 24. سرڪار کي اختياري آهي تہ هن ائڪٽ جي مطلبن بجا آڻڻ لاءِ قانون جوڙي.

## انتقال ايراضي قاعدو ڪهڙو پاس ٿيڻ گهرجي؟

روزانہ الوحيد اخبار پنهنجي 9 فيبروري 1947ع واري شماري جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو تہ: "سڄي سنڌ مان لئنڊ ايلينيشن ايڪٽ موثر نموني پاس ڪرڻ لاءِ زبردست تقاضا ٿي رهيو آهي، لئنڊ ايلينيشن ايڪٽ جو مقصد بنا ڪي فرقي وارانہ جذبہ جي فقط آبادگار فرقي کي مدد ۽ بچاءَ ڏيڻ جو آهي. مگر شاهوڪار فرقو جو آبادگارن کي لٽي ڦري ناجائز طرح زمينون هٿ ڪري ڪروڙها رپيا سالانہ هضم ڪري رهيو آهي، سو انهن قاعدي کي فرقي وار رنگ ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڪسر ڪونہ ٿو ڇڏي. درحقيقت آبادگار فرقي ۾ هندو خواه مسلمان ٻئي قومون شامل آهن. پنجاب ۾ جڏهن اهو قاعدو پاس ٿيو تڏهن جيتوڻيڪ هندو خواه مسلمان آبادگار انهن جي فائدي ۾ هئا مگر شاهوڪار فرقي پنهنجي پئسي ۽ پريس جي زور تي ڪارا قانون ظاهر ڪري ان خلاف تحرڪ هلايو. ساڳي طرح سنڌ جي بہ حالت آهي. جيئن آبادگار فرقي کي پنجاب ۾ شاهوڪار طبقي لٽيو تباهہ ڪيو هو تيئن سنڌ ۾ بہ ٿيو آهي. جهڙي طرح پنجاب ۾ آبادگار فرقي کي سرڪار فائدي جي زور تي بچاءَ ڏنو ۽ گذريل وقت جي وڪرن کي رد ڪيو تيئن هتي جي سرڪار کي بہ ڪرڻ گهرجي. هيستائين سنڌ سرڪار انهيءَ باري ۾ بي حس رهي آهي ۽ جيڪي بہ بل ظاهر ٿيا آهن سي تہ ڪجهہ بہ نہ آهن جن مان هڪ آهي گورنر جو رد ڪيل 1944 وارو ائڪٽ، ٻيو آهي 1946 وارو رورل ڪريڊٽ ۽ ٽرنسفر آف پراپرٽي ائڪٽ انهن ٻنهي رد ٿيل بلن ۾ رڳو آئنده جي وڪرن تي ڪجهہ قدر پابنديون وڌيون ويون آهن ۽ گروين لاءِ تجويزون رٿيل آهن. وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ ٻئي بل گذريل وقت جي وڪرن يا گروين تي ڪو بہ اثر ڪونہ ٿا ڪن ۽ اڳين وقت جي ڏيتين ليتين لاءِ ڪابہ جانچ پڙتال مانہ ٿي سگهندي. ان ڪان سواءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ بئنڪون تہ وري بہ ساڳيءَ طرح نيلام ڪرائي سگهنديون. هر هڪ قاعدو ملڪ جي حالتن موجب پاس ٿيندو ۽ ٿيڻ گهرجي. هينئر اسيمبليءَ ميمبرن ۽ سرڪار کي ڀيرين ملڪ جون حالتون محسوس ڪرڻ گهرجن تہ آبادگارن جي تباهي جا ڪهڙا ڪارڻ آهن ۽ پوءِ انهن جو علاج رٿڻ گهرجي. سنڌ جي تباهي جا خاص بہ ڪارڻ آهن. ڀيريون تہ آبادگارن ضرورت کان مجبور ٿي شاهوڪارن کان قرض ڪنيو ۽ چالاڪ شاهوڪارن انهيءَ رقم ۾ زمينون وڪرو ڪرائي ورتيون ۽ زباني شرط رکيا ويا تہ پئسن موٽائڻ تي زمين واپس ڪئي ويندي ۽ جيڪي بہ پنجاهہ رپيا في ايڪڙ يا ان کان گهٽ رقم ۾ وڪرا ٿيل آهن سي سڀ درحقيقت گروي ۽ شرطيہ وڪرا آهن. مگر پوءِ ڪائي جي زوري شاهوڪار هضم ڪري ويا جيڪڏهن ڪنهن ڪاتيدار قبضو نہ ڏنو تہ 145 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ يا ٻين ذريعن سان زوري قبضا ڇڏايا ويا.

ٻيو تباهي جو ذريعو ڪو آپريٽو سوسائٽيون آهن جو سوسائٽي کولڻ وقت راشي آفيسرن بي قاعدي قرض ڏنا، اهڙا بہ مثال آهن تہ جو سوسائٽين مان صغيرن جي نالي قرض ڏنا ويا ۽ جيڪي ماڻهو مئنيجرن جي پناهہ ۾ هئا انهن کي پناهہ ۾ هوندي بہ سڌا قرض ڏنا ويا ۽ سوسائٽين جي قرضن لاءِ ڊڪريون ڪرڻ وارا امين بہ سوسائٽين جا پنهنجا ۽ انهن بيقاعدي رقمن لاءِ بيقاعدي نموني امينن فيصلا ڪري زمينون روينيو قاعدي هيٺ نيلام ڪرايون. هينئر سرڪار ۽ اسيمبلي ميمبرن کي انهن سڀني ڳالهين تي ڌيان رکڻو آهي. هونئن تہ رواجي طرح پنجاب جو قاعدو اسان اڳيان آهي، جيڪو گهڻي وقت کان پاڙيسري صوبي ۾ رائج آهي، جنهن ايڪٽ لاءِ گورنر جنرل منظوري ڏيئي چڪو آهي ۽ فيڊرل ڪورٽ جي منزل مان بہ اهو قاعدو گذري چڪو آهي ۽ سنڌ سرڪار کي بہ ساڳيو قاعدو هوبهو سنڌ ۾ پاس ڪرڻ گهرجي، وڌيڪ ايڪٽ ۾ اهڙا فقره وجهڻ گهرجن جيئن اڳي ٿيل سڀني بيقاعدگين جو علاج ٿي سگهي.

# سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جو قديم شهر: نوشهروفيروز

محمد سليمان ابڙو

نوشهروفيروز سنڌ جو قديمي شهر آهي، هن شهر جو ذڪر سنڌ جي قديمي ڪتابن ۾ ڪيو ويو آهي، جيئن گزيٽيئر ۾ پڻ ان جو ذڪر ملي ٿو. نالي جو پس منظر اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته هي شهر 9 دفعا اجڙيو ۽ 9 دفعا ٻيهر آباد ٿيو. پوءِ 9 دفعي هن کي هڪ جڳهه تي آباد ڪيو ويو ان ڪري هن شهر جو نالو نوشهروفيروز پيو. ڳالهه اها مشهور آهي. ان ڪانسواءِ سنڌ جي مشهور تاريخي ڪتاب تحفطة الڪرام ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي لکيو آهي ته نوشهروفيروز جي ويجهو رهندڙ فقير فيروز ويرو 9 ڳوٺن کي ملائي هڪ نئون شهر آباد ڪيو. جنهن جو نالو نوشهرو يعني 9 شهرن وارو رکيو ۽ آخر ۾ پنهنجو نالو فيروز شآمل ڪيائين.




درگاهه شاهه نصير ـ نوشهروفيروز

نوشهروفيروز جيڪو اڳ ۾ نوابشاهه ضلعي ۾ شامل رهيو. ان ڪانپوءِ ٻن ضلعن ۾ نوشهرو ۽ نوابشاهه جنهن جو نالو تبديل ڪري بينظير آباد رکيو ويو. نوابشاهه ضلعو سيدن جو ڳڙهه رهيو آهي، خانبهادر الهندو شاهه جو هتي تمام گهڻو اثر رهيو آهي، نوشهري وارو پراڻو مدرسو جيڪو دربيلائي سيدن جي ميراث آهي، جتي انهيءَ دور ۾ پري پري کان علمي ادبي اچ اجهائڻ لاءِ ماڻهو ايندا هئا، ساڳيو مدرسو اڄ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج آهي، سائين ظفر علي شاهه، سيد اصغر علي شاهه ۽ سيد احمد علي شاهه جن جي ڪوشش سان اهو سڀ ڪجهه طئه ٿيو. اڄ به نوشهروفيروز تعليم جي حساب سان تمام گهڻو اڳتي آهي، نوشهروفيروز 4 تعلقن تي مشتمل آهي، تعلقو نوشهروفيروز، تعلقو ڪنڊيارو، تعلقو مورو، تعلقو ڀڏعيدن پوري سنڌ ۾ ڏيري وارن سيدن جو خاص ڪري فيصلن ۾ انصاف ڪرڻ مشهور آهي. پنهنجي جي عوام کي ڪا به تڪليف نه ڏيندا آهن ۽ نه ڪنهن ٻئي جي سهندا آهن، جڳ مشهور چوڻي به آهي ته ”نه ويو آهين ڏيري نه اٿئي خانبهادر الهندي شاهه جي خبر“ دربيلو جيڪو تعلقي ڪنڊياري ۾ اچي ٿو. ان جي آسپاس تمام گهڻا ڳوٺ آهن، جن ۾ ڳوٺ سبب ڏونئر ، ڳوٺ دين محمد سهاڳ، ڳوٺ پونيٽ، گوپانگ، ڪلا، نئون آباد، محبت ديرو جتوئي، خانواهڻ، سومر چنڙ، مچٺ، پالهاڻو، نارو شاهه سونهري وارا ماڇي، رندن جو ڳوٺ، ڪليري، بکري، سامٽيا، اڄڻ، الله لوڪ فقير لوڙهي وارو، سيال، گوپانگ ڪڇي وارا، منياڻي، چانڊين جا ڳوٺ ۽ ٻيون تمام گهڻيون قومون آهن، سيدن جي پاڙي يعني ڏيري ۾ ٻيون ديني شخصيتون به وڏي تعداد ۾ رهيون آهن، مخدوم دائود، مرحوم مخدوم عبدالعليم، مرحوم فوتل، مخدوم ميان بنل. مرحوم صوبو فقير، مخدوم دائود جي محبت ۽ صحبت ۾ رهندي تعليم نوشهري واري مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ علائقي جا سڀ بزرگ ساڳئي مدرسي مان مستفيض ٿيا، فقير تعليم حاصل ڪرڻ دوران ڦل فقير جيڪو ڀڏعيدن ۾ آهي، سندن مريدي ۾ پيرين پنڌ ڪري وٽس ويندا هئا، انهي سفر ۾ مرحوم محراب فقير، سهاڳ ۽ مرحوم حاجي عبدالرحمان عرف آقا به گڏ ويندا هئا، اڪثر جمعي جي نماز ٻيڙين ذريعي درياهه پار ڪري مخدوم بلاول تي نماز ادا ڪندا هئا.

## دربيلو

دربيلي کي تاريخي لحاظ کان ساهتي پرڳڻي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، عربن جي فتح کان اڳ دربيلو هندن جي هڪ رياست هئي، هي شهر ساهتي پرڳڻي جي سيني شهرن کان پراڻو شهر آهي، ڏيرو ۽ دربيلو به جدا مقام هئا، ڏيرو شهر جو نالو ۽ دربيلو هڪ پرڳڻي جو نالو هو، وقت گذرڻ بعد ڏيرو ۽ دربيلو ساڳئي نالي سان سڏيا وڃن ٿا. دربيلو سماجي ۽ سياسي اثرن جو مرڪز رهيو آهي، جتي اڄ به رياست جا ستارا چمڪندي نظر اچن ٿا، دربيلي شهر ۾ خانبهادر الهندو شاه ڪانپوءِ سيد ظفر علي شاهه، سيد اصغر علي شاهه، سيد اڪبر علي شاهه، سيد منور علي شاهه ۽ سيد احمد علي شاهه ۽ ٻيون شخصيتون سياسي طور سجاتيون وڃن ٿيون، سماجي ڪمن ڪرائڻ جو گهڻو شوق ۽ چاهه رکن ٿا، سياست سان گڏ سماجي ڪمن کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا اچن ٿا.

## صفا لائبريري

صفا ( صوبو فقير ابڙو) جو هڪ سڳو پاءُ جنهن جي جواني ۾ وفات ٿي. مرحوم جو نالو واليڏنو هو ۽ کيس 3 ويڳا پائر مرحوم حسن، مرحوم حيات ۽ مرحوم عبدالخالق هئا، جن جي ماءُ ننڍي هوندي وفات ڪئي، کين فقير ۽ سندس گهرواري نپايو. وڏا ٿي پنهنجي وڏي پاءُ فقير جا پر جهلائو ٿيا، فقير جي هڪ پيڻ جيڪا وڏيرو ليمون جي گهر واري هئي، تمام نيڪ سيرت صوم و صلوات جي پابند هئي، فقير جو اولاد 6 پٽ ۽ 4 نياڻيون هيون جن مان هڪ پٽ مرحوم رمضان ۽ ٻن نياڻين جي وفات ٿي چڪي آهي، فقير پنهنجي زندگي غربت ۾ گذاري 3 پائر ۽ پٽن کي ڏکئي وقت ۾ پاليو. ان دور ۾ غربت تمام گهڻي هئي ۽ ڪٽڪ اٽلپ هئي، اٺ ذريعي يا لاڙڪاڻي مان ٻيڙين تي چانور ڪٽي ايندا هئا، فقير سان گڏ مرحوم ليمون مرحوم حاجي عبدالواحد ۽ ٻيا گڏ ويندا هئا.

وقت گذرڻ سان گڏ حالات ٺيڪ ٿيڻ لڳا ۽ پائر به ڪم ڪرڻ جهڙا ٿيا، جنهن ڪانپوءِ پوکي راهي ۽ مال مينهون ۽ ڍڳيون هونديون هيون، کير، لسيءُ ۽ مکڻ وڏي مقدار ۾ ٿيندو هو، جيڪو سڄي ڳوٺ ۾ تقسيم ٿيندو هو.

سڪ تنهن جي سپرين جيئن تران تيئن تار
تون ئي رهين روح ۾ تون ئي اکين ٺار
پرين تنهنجي جي پار مون واجهائيندي ورهيه ٿيا

# سر حاجي عبدالله هارون

## تحريڪ پاڪستان جو عظيم اڳواڻ

**مرزا ڪاظم رضا بيگ**

اڻويهين صدي عيسوي جي پوئين چوٿائيءَ ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ جيڪي مسلمان اڳواڻ پيدا ٿيا، تن جو ڪردار هو مسلمانن جي وڃايل وقار کي ٻيهر بحال ڪرڻ، آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ملت جي مضبوط بنيادن تي نئين سر تنظيم ڪري، دنيا ۾ جائز مقام ماڻڻ. سر سلطان محمد شاهه آغا خان، قائداعظم محمد علي جناح ۽ حاجي سر عبدالله هارون، انهن مدبرن مان وڏي حيثيت ۽ اثر رسوخ جا مالڪ هئا، جيڪي سنڌ ۾ پيدا ٿيا. حاجي عبدالله هارون ڪراچيءَ ۾ سن 1872ع ۾ پيدا ٿيو ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙي کان پوءِ هن بزرگ



سياستدانن ۾ قومي ڪارڪن سنڌ وارن جي بهبود خاطر گهڻو پتوڙيو ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائي، توڙي مسلمانن لاءِ آزادي ۽ الڳ وطن پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا.

سر حاجي عبدالله هارون جا وڏا شاهبندر علائقي جا رهاڪو هئا ۽ ٻين لوهاڻن وانگر مختلف پورهين سان لاڳاپو رکندا هئا. قديم آثارن جي تجزيي ۽ تاريخ جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته لوهاڻن جو اصل وطن ڪشمير ۽ تبت جو سرحدي علائقو "لوهه" (1) هو جتان لڏپلاڻ ڪري سندن هڪ شاخ مهراڻ جي واديءَ ۾ اچي آباد ٿيا. سنڌو نديءَ جي ڊيلٽائي علائقي ۾ سندن عملداريءَ جا آثار اڄ به موجود آهن. (2) هو ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، قديم سنڌ ۾ هي ماڻهو ٽن جدا جدا گروهن ۾ ورهايل هئا، سنڌي لوهاڻا، ڪڇي لوهاڻا ۽ ڪانياواڙ جي اتر اولهه حصي، هالار جا هالائي لوهاڻا. محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته مسلمانن جي حُسن اخلاق ۽ اسلامي تعليمات کان متاثر ٿي ڪيترن ئي سنڌي قبيلن وانگر لوهاڻن جون به گهڻيئي برادريون مسلمان ٿيون. (3) محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ اهڙا به فوجي هئا جن جو تعلق طائف جي پرسان واقع شهر ڪتيف سان هو ۽ هو ڪپڙي اٽڻ ۽ واپار جو ڌنڌو ڪندا هئا. هي فوج جي ساڄي حصي سان تعلق رکندا هئا. جنهن ڪري کين "ميمنه" چيو ويندو هو ۽ کاٻي ڪالم کي "ميسره" چيو ويندو هو. انهن مان گهڻيئي خاندان، ديبل فتح ٿيڻ کانپوءِ ٺٽي ۾ آباد ٿيا، جتي اڳي ئي ڪپڙي جا ڪاريگر ۽ هنرمند آباد هئا. سومرن ۽ سمن جي باهمي ڪشمڪش ۽ ان کانپوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ ظلم ۽ تشدد جي سببان ڪيترائي خاندان ڪڇ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ لڏي ويجي وينا. سنڌ جا هي نومسلم قبيلا، ڪتيف جي پيشيور خاندانن وانگر اڄ به ڪورڪو ڪم ڪندا آهن ۽ پاڻ کي ميمڻ چوائيندا آهن. جيتوڻيڪ هو واپار، زمينداري، ملازمت ۽ ٻين ڌنڌن سان به منسلڪ آهن. البت جن ماڻهن هندستان وڃي وسايو. تن واپار جو پيشو اختيار ڪيو ۽ پاڻ کي ميمڻ چوايو. سندن واپار بلوچستان، هندستان، افغانستان، جاوا ۽ سوماترا تائين هلندو هو.

سر حاجي عبدالله هارون جي ڏاڏي جو نالو حسن ميان هو جنهن کي ابوبڪر نالي پٽ ڄائو جيڪو وڏو ٿي واپار سانگي بمبئيءَ جي علائقي جي شهر پونا ۾ ويو پر ڪجهه وقت اتي رهڻ کانپوءِ واپس ڪڇ آيو. سندس فرزند هارون، سنڌ تي انگريزن جي قبضي ٿيڻ کانپوءِ سن 1858ع ڌاري واپار جي خيال سان لڏي اچي ڪراچي ۾ ويٺو. انهي ئي دور ۾ بمبئيءَ مان ڪيترا واپاري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا.

حاجي سر عبدالله هارون جي زندگي همت ۽ جرئت، صدق ۽ وفا، نيڪي ۽ احسان، خدا خوفي ۽ بنده پروريءَ جو مثالي نمونو هئي. ڇئن سالن جو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. ان وقت سندس والده حنيفه ٻائي جي عمر ارڙهن سال هئي، جنهن سندس پرورش، تعليم ۽ تربيت ڪئي. اسلامي تعليمات موجب ماءُ جو نهايت اوچو مرتبو آهي ۽ مسلمانن جي تاريخ ۾ اهڙا گهڻيئي مثال ٿا ملن جو مائن پنهنجي ٻارن جي اهڙي ته تربيت ڪئي جو هنن تاريخ ساز ڪردار ادا ڪيو ۽ امام غزاليءَ وانگر مذهب ۽ ملت جي اڻوسرندڙ خدمت ڪئي. برطانوي هندستان ۾ سيد اميرعلي، مولانا محمد علي جوهر، مرزا قليچ بيگ ۽ ميرزا علي محمد بيگ مظفر جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. محترمه حنيفه ٻائي ننڍي عمر جي باوجود نهايت سمجهدار، خوددار، سليقي ۽ همت واري عورت هئي. هن پنهنجي مائٽن جي صلاح نه مڃي ته هوءَ ساڻن گڏ ڪڇ واپس وڃي. هن وراڻيو ته ڪراچي ئي سندس ۽ ڪمسن پٽ عبدالله جو مستقل مسڪن آهي ۽ مسلمان جو اهو ئي شيوو آهي ته غريبي ۾ شان پيدا ڪري. ان ڪري ننڍڙي عبدالله اهڙين مشڪل حالتن ۾ هڪ گجراتي اسڪول ۾ چار ڪتاب ۽ انگريزي اسڪول ۾ به ڪتاب پڙهيا. اهڙي طرح هو گجراتيءَ ۾ چڱي طرح لکڻ پڙهڻ جهڙو ٿيو. پر پنهنجي ماءُ جي مدد ڪرڻ خاطر شام جو ڇپو ڪٽڻ شروع ڪيو ۽ ڦيري ڪندي جيڪي ڪجهه ڪمائيندو هو سو اچي ماءُ جي حوالي ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي همڪلاسي ڇوڪرن کي راند ڪيڏندي ڏسي غمگين ٿيندو هو يا سندن ڪن ڳالهين سببان دکي ٿيندو هو ته اچي ماءُ جي اڳيان روئيندو هو. سڄاڻ ماءُ کيس دلداري ڏيندي هئي ته ڪم ڪرڻ ۾ ڪو عيب ناهي، البت ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻ وڏو عيب آهي. الله سائين ماءُ جي اطاعت ۽ خدمت جو کيس هن طرح اجر ڏنو جو ماءُ ۽ پٽ گڏجي 1889ع ۾ حج ڪيو. واپسيءَ تي سندس ڪاروبار مان کيس چڱو فائدو ٿيڻ لڳو ۽ انهيءَ بچت مان هڪ ننڍڙو دڪان کوليائين. 1896ع ۾ هن پنهنجو جدا ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو ۽ 1909ع ڌاري لڳاتار محنت، جفاڪشي ۽ هوشياريءَ سان چڱو پئسو گڏ ڪري ورتائين ۽ نيپيئر روڊ تي ڪوٺي وٺي ڪاروبار ڪرڻ لڳو. 1910ع ۾ رنڇوڙ لائينز ۾ جايون خريد ڪيائين. 1911ع ۾ وڪٽوريا روڊ تي بنگلو خريد ڪري ان ۾ رهڻ لڳو. اهو تاريخي بنگلو اڃا تائين موجود آهي، جنهن ۾ تحريڪِ خلافت ۽ جدوجهدِ پاڪستان جي دوران علي ٻائر ۽ قائداعظم اچي ترسندا هئا.

مثالي واپاري:

سر عبدالله هارون هڪ مثالي واپاري هو ۽ سندس واپار ۾ ترقي ۽ برڪت جا سبب هئا، سندس ايمانداري، ڪفايت شعاري، غريبن جي مدد، زڪوات جي باقاعده ادائيگي، گهٽ نفعي جي حرص کان پاسو، فضول خرچي کان نفرت ۽ موڙيءَ جي مطابق واپار.

حاجي سر عبدالله هارون جي سياسي زندگي 1910ع کان شروع ٿي، جڏهن هن پبلڪ ميٽنگن ۾ وڃڻ شروع ڪيو ۽ مڪاني مسئلن ۾ دلچسپي ورتي. سيپٽمبر 1911ع ۾ اٽليءَ جي حڪومت ترڪن سان طرابلس ۾ جنگ شروع ڪئي، جنهن ڪري ترڪن کي گهڻو جاني ۽ مالي نقصان پهتو. نومبر 1911ع ڌاري اٽلي سڄي ملڪ تي قبضو ڪيو. طرابلس جي مسلمانن جي مدد خاطر "انجمنِ هلال احمر سنڌ" قائم ڪئي وئي، ان جو سيڪريٽري ۽ خزانچي سر عبدالله هارون هو. 1913ع تائين جيڪي پئسا گڏ ٿيا سي ترڪن کي موڪليا ويا. حاجي صاحب "انگورا فنڊ" ۾ پنجاهه هزار رپيا ڏنا. هن سلسلي ۾ چندي جي وچور تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو ويو(5) ۽ ان رپورٽ ۾ سر هارون سنڌ جي مسلمانن جي ڀلائي لاءِ ڪي تجويزون پيش ڪيون. جهڙوڪ (1) سنڌ جي ڪنهن سرڪاري جاءِ تي عربي ۽ فارسيءَ جو دارالعلوم قائم ڪرڻ گهرجي. (2) انگريزي اسڪولن ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ کي ثانوي زبان ڪري پڙهائي وڃي ٿي، ان ۾ عربيءَ جو اضافو ٿيڻ گهرجي ته جيئن مغربيت عليم سان گڏ ديني تعليم به حاصل ڪري سگهجي. (3) ڪاليجي شاگردن لاءِ هاسٽل ٺهرائجي، جنهن ۾ مسجد به هجي. (4) يتيم مسلمان ٻارن جي رهائش ۽ تعليم لاءِ هڪ يتيم خانو کولائجي. (5) تعليم لاءِ سيس بل (Cess Bill) منظور ڪرائجي. (6) زميندارن کي آباديءَ ۾ ڏيڻ لاءِ پيسي جي ضرورت ٿئي ٿي جنهن ڪري هو وياج خورن جي چنبي ۾ اچي ملڪيتون تباهه ڪن ٿا، ان ڪري صوبي ۾ وسيع پيماني تي امداد باهمي جي اصولن تي بئنڪون کوليون وڃن. (7) سنڌي مسلمانن جي نمائندگيءَ لاءِ سنڌي ۽ انگريزي روزنامه اخبارن جي ضرورت آهي جيڪي جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپني جي اصولن تي جاري ڪرڻ گهرجن.

هنن تجويزن جي ڳوڙهي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته حاجي سر عبدالله هارون شروع ۾ ئي نهايت عمدا خيال رکندو هو ڪيس پنهنجي هم وطنين جي ڀلائيءَ جو گهڻو اونو هو ۽ نوجوانن سان خاص ڪري غريبن مسڪينن ۽ يتيم شاگردن سان سندن دلي الفت ۽ شفقت هئي. انهن تجويزن مان ڪيتريون ته هن پاڻ پنهنجي سر پوريون ڪيون. مثال طور دارالعلوم ۽ يتيم خانو کوليائين، جيڪو اڄ هڪ وڏي ڪاليج طور قائم آهي. سندس ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ جناح ڪورٽس هاسٽل به ٺهي، روزنامه "الوحيد"، هفتيوار مسلم وائس (Muslim Voice)، سنڌ ايڊووڪيٽ (Sindh Advecate) اخبارون جاري ڪيائين ۽ ٻين ڪيترين اخبارن جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪيائين. سندس طرفان زڪوات جو الڳ شعبو کوليو ويو ۽ ان سان گڏ وقف جي آمدنيءَ مان اڄ به سوين شاگرد ۽ ٻيا ضرورت مند پنهنجون حاجتون پوريون ڪن ٿا.

انگريز سامراج جي خلاف مسلح بغاوت ڪرڻ لاءِ 1914ع ۾ شيخ الهند مولانا محمود حسن جي حڪم سان مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. انوقت پهريون مسئلو سفر خرچ لاءِ رقم جو هو سو مولانا ابوالڪلام آزاد ان مقصد خاطر حاجي سر عبدالله هارون سان ملاقات ڪئي، جنهن بنا دير پنج هزار رپيا ڏنا.

سياسي مسلڪ:

سر عبدالله هارون 1913ع کان 1917ع تائين ۽ 1921ع کان 1934ع تائين ڪراچي ميونسپالٽي جو ڪائونسلر چونڊيو ويو ۽ نهايت اخلاص ۽ نيڪ نيتي سان عوام جي خدمت ڪيائين. 1914ع ۾ نصرت بيگم سان شادي ڪانپوءِ سندس ڪاروبار، سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ خوشگوار انقلاب آيو ۽ هو ڪل هند سطح تي ماهتاب مثل اُڀريو.

حاجي عبدالله هارون غير فرقيوارانه ۽ معتدل سياسي نظريه رکندڙ اڳواڻ هو. هو وڏو محب وطن ۽ آزاديءَ جي تحريڪ جو مخلص رهنما هو. هن شروعات ۾ ڪانگريس ۾ رهي عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيو پوءِ خلافت جو سرگرم ڪارڪن ٿي عالمِ اسلام جي بهبود لاءِ ڪوشش ڪيائين. سنڌ ۾ ۽ پڻ هند ۾ ڪانگريس جي مسلم دشمن سرگرمين کان تنگ ٿي هُن مسلم ليگ ۾ حصو ورتو. سنڌ ۾ مسلم ليگ جو هو بنياد وجهندڙ ۽ مقتدر اڳواڻ هو. آڪٽوبر 1938ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي اجلاس ۾ هندستان کي هندو ۽ مسلم هندستان ۾ ورهائڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو. اهو عظيم الشان جلسو عبدالله هارون جي ڪوشش سان سڏايو ويو هو ته جيئن سنڌ ۾ ڪانگريس جي وڌندڙ سياسي سيلاب ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي مسلمان ميمبرن جي ڪانگريس دوستيءَ واري روش کي ٻنجو ڏنو وڃي ته صحيح مسلم قيادت پيدا ڪري، سنڌ ۾ عام مسلمانن جي حالت کي بهتر بڻائي سگهجي ۽ اهڙي طرح آزاديءَ جي هلچل ۾ مسلمان پنهنجو صحيح ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ٿين.

سر عبدالله هارون ۽ سندس ساٿي شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله، محمد هاشم گزدر، جي ايم سيد،



ملڪ عبدالعزيز، خان بهادر محمد ايوب کهڙو، ايم اي خالق، مير غلام علي ٽالپر، مولوي ثناءُالله، مولوي عبدالحئي حقاني، سيد محمد اسلم، آغا حاجي عبدالعزيز، يوسف هارون ۽ پير علي محمد راشدي (جيڪو ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري هو) خاموش نہ ويٺا، پر ڪانفرنس جي خاتمي ڪانپوءِ 7 نومبر 1938ع تي سر هارون، قائداعظم جي تقرير ۽ڪانفرنس جي ٺهراءُ جون ڪاپيون سر آغا خان ڏانهن موڪليون. آغا خان پنهنجي خط ۾ کيس لکيو تہ جيڪڏهن مسلم ليگ مسلمانن جي قطعي ۽ آخري پاليسيءَ جي حيثيت سان "پاڪستان" جي مقدمي جي پيروي ڪرڻ چاهي ٿي تہ پوءِ عام راءِ کي آهستي آهستي، جيترو جلد هموار ڪيو وڃي اوترو ئي بهتر آهي. سر آغا خان جي صلاح تي عمل ڪيو ويو. سنڌ ۾ ڪانفرنس کان فورن پوءِ مسلم ليگ جي نئين سر تنظيم ڪئي وئي پر خود قائداعظم صوبي جي مکيہ شهرن جو دورو ڪيو.

برطانوي هندستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ حاجي سر عبدالله هارون جي مثالي خدمتن جو تفصيلي ذڪر پير علي محمد راشدي پنهنجي يادداشتن ۾ ڪيو آهي. (6)

سر عبدالله هارون 1923ع ۾ ممبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي ڪراچيءَ جي عيوضيءَ طور چونڊيو ويو. ان کان سواءِ 1926ع ۾ مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ سنڌ جو نمائندو چونڊيو ويو. جتي 1942ع تائين قائداعظم جي آزاد پارٽيءَ سان گڏجي ڪم ڪيائين. انهيءَ ڪانسواءِ عبدالله هارون ٻين ڪيترن ئي ادارن جي سرپرستي ڪئي، 7 جنوري 1913ع ۾ سندس صدارت هيٺ جيڪب آباد ۾سنڌي مسلمانن جي هڪ سياسي ڪانفرنس ٿي، ان ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ٿيا، انهن مان هي اهم هئا:

(1) سنڌ کي ممبئي کان جلد

جدا ڪيو وڃي. (2) فوجداري ڪاتي کي روينيو ڪاتي کان الڳ ڪيو وڃي. (3) بلوچستان کي آئيني سڌارا ڏنا وڃن. (4) نصير آباد تعلقي کي جيڪب آباد ضلعي ۾ شامل ڪيو وڃي. (5) فرنٽيئر ريگيوليشن کي ختم ڪيو وڃي. (6) چوپائي مال جي چوري بند ڪرائڻ لاءِ سرڪار کي سخت اُپاءَ وٺڻ گهرجن.

قومي ڪارڪن:

سر عبدالله هارون جي سڄي حياتي قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ گذري. خداوند ڪريم ڪيس گهڻين نعمتن سان نوازيو هو. سعادتمند اولاد، دولت، واپار، صلاحيت، سماجي رتبو سياسي عزت، سڀ ڪجهه ڪيس ميسر هو پر سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته هن پنهنجي شروعاتي يتيمي ۽ غربت واري زندگي کي ڪڏهن نه وساريو جنهن ڪري ڪڏهن به سندس مزاج ۾ تڪبر ۽ وڏائي اچي نه سگهي. هو نهايت نهٺو ملنسار، همدرد ۽ مددگار رهيو. قناعت، ڪفايت ۽ صداقت سندس زندگيءَ جون نروار نشانيون رهيون. قومي مسئلن ۾ سنڌ جي اڳواڻن کي شريڪ ڪرڻ لاءِ سندس اهو طريقو رهيو جو هر هڪ مسئلي تي پنهنجي دوستن ۽ احبابن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. اهڙا مسئلا ڪين لکي موڪليندو هو يا وري عيد جي موقعن تي رسمي عيد مبارڪ موڪلڻ بدران ڪين ڪي تجويزون لکي موڪليندو هو. 18 فيبروري 1931ع تي غلام مرتضيٰ شاهه سنائي کي عيد جي مبارڪ ڏيندي لکيائين ته "عيد جي خوشي ملهائڻ وقت پنهنجي پنتي پيل قوم کي به ياد رکڻ گهرجي. ان لاءِ ڪي تجويزون پيش ڪريان ٿو. (7)"

(1) ڳوٺن ۾ انجمنون قائم ڪجن. جيڪي خيرات ۽ صدقي جون رقمون گڏ ڪن. (2) اهي پئسا انجمن جي معرفت ماڻهن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪيا وڃن. (3) اهي جماعتون مسلمانن کي قرضن کان بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪن. مسلمانن جا دڪان کولائجن ته جيئن هو واپار ۾ ڀرپور حصو وٺن. (5) شادي ۽ غميءَ جي موقعن تي فضول خرچي کان بچاءُ ڪيو وڃي. (6) ڪوآپريٽو سوسائٽيون قائم ڪيون وڃن. (7) ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ انتظام ڪيو وڃي. (8) وڏي عمر وارن جي تعليم لاءِ رات جا اسڪول کوليا وڃن. (9) پاڻ مان اختلافن کي ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. آمدنيءَ کان گهٽ خرچ ڪيو وڃي ته جيئن بچت ڏکيءَ ويل ڪم اچي. ڳوٺن جي سمجهدار ماڻهن کي هر روز شام جو مسجد يا ڪنهن ٻي جاءِ تي گڏجي اخبارون پڙهڻ ۽ ڳوٺ جي بهتريءَ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ گهرجي.

حاجي سر عبدالله هارون جي سماجي ۽ سياسي سرگرمين جو دائرو فقط سنڌ تائين محدود نه هو. مرحوم ڪل هند سطح جو محبوب ۽ معزز اڳواڻ هو.

ڪل هند مسلم ليگ جي الهه آباد سيشن (ڊسمبر 1930ع) ۾ علامه اقبال جي رفاقت ڪانپوءِ ساڳئي شهر ۾ اٺٽيهين اجلاس (3-6 اپريل 1942ع) جي دوران قائداعظم طرفان ڪيل مالي امداد جي اپيل جي جواب ۾ جناب فضل احمد ڪشمير والا هڪ تلوار پيش ڪئي، جيڪا سر عبدالله هارون چاليهه هزار رپين ۾ خريد ڪئي. اها تلوار هاڻي قومي عجائب گهر ڪراچي ۾ رکيل آهي.

سنڌ مسلم ليگ جي نئين سر تنظيم، مقامي خوداختيار ادارن جون چونڊن ۽ دهلي ۾ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت سان لاڳاپو رکندڙ مصروفيات جي باوجود، سر عبدالله هارون لائلپور (هاڻي فيصل آباد) ۾ پنجاب مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان سڏايل تعليمي ڪانفرنس (14 فيبروري 1941ع) جي صدارت ڪئي. انهيءَ دوران هن مقامي زرعي ڪاليج جو پڻ معائنو ڪيو. ڇو ته هو اتر اولهه هندستان ۾ آباد مسلمانن جي معاشي ترقي کي جديد طرز جي زرعي نظام سان وابسته سمجهندو هو ڪمند جي پوک ۾ سندس خاص دلچسپي هئي ڇو ته ان مان کنڊ بڻائي ٿي وئي ۽ ان جي کپت ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هئي. ڪمند جي پوک ڪري هارين ۽ مزدورن کي روزگار مهيا ٿي ٿيو ۽ مادي خيال سان اهو فائديمند ڪاروبار هو.

عبدالله هارون جو صدارتي خطبو سندس نظريهءِ حيات جي ترجماني ڪري ٿو. 68 سالن جي پوڙهي قومي ڪارڪن، شاگردن کي پنهنجي زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن ۾ شريڪ ڪيو ۽ زندهه ۽ ڪامران رهڻ جا گر ٻڌايا.

نوجوانن ۾ فيشن پرستيءَ جي لاڙن تي افسوس ظاهر ڪندي هن چيو ته سادي زندگي ۽ بلند خياليءَ جو قديم اسلامي نظريو وساريو ويو آهي ۽ هاڻي نوجوانن جي پيشانين مان آرائشي مصنوعات سان دلچسپي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رپين جي ضرورت جو احساس ظاهر ٿئي ٿو. بورڊنگ هائوس جي الماڙين ۾ هئولاڪ ايلس جا ڪتاب سجايا وڃن ٿا ۽ ويچارو غزالي ڪباڙ خاني ۾ پيو آهي. هن نوڪر شاهي جي مذمت ڪئي، جن کي عوام جي فائدي وارن ڪمن سان ڪا به دلچسپي ناهي. هن شاگردن کي تلقين ڪئي ته هو بي غرض ۽ مستعد زندگي گذارين. درسگاهن ۾ اچي، پاڻ کي اهڙي ڪردار، اقدار، تعليم ۽ تربيت سان سنوارين جو عملي زندگيءَ ۾ نه فقط پاڻ لاءِ پر پنهنجي والدين ۽ عوام جي به امداد، حفاظت ۽ خدمت ڪري سگهن. شاگردن کي گهرجي ته هو موڪلن جي

ڏينهن ۾ پيبدل ڳوٺن ۾ وڃي، عوام کي اميد ۽ استقلال جو پيغام ڏين. شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن جا مسلمان پاڻ ۾ ڇڙڪ ڪٽيل آهن، انهن جي وچ ۾ ميل ميلاپ ۽ فڪري ڳانڍاپو نهايت ضروري آهي. سر عبدالله هارون شاگردن کي خبردار ڪيو ته مادي منافعي جي جدوجهد ۾ ڪين الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ سنڌس بندن جي حقن کان غافل ٿيڻ نه گهرجي. جسماني لذتون ۽ دنياوي عزت ۽ منصب بي بقا ۽ بيڪار چيزون آهن، انهن مان دلي سڪون ۽ روحاني راحت حاصل نه ٿي ٿئي، ان ڪري پنهنجي رب سان مضبوط رابطو رکو ۽ الاهي احڪامات تي سرگرميءَ سان عمل ڪيو ۽ جديد دور جي عظيم استاد، سر محمد اقبال جي هن شعر کي نظر ۾ رکو ته:

ستارون سي آگي جهان اور ڀي هين
ايبي عشق کي امتحان اور ڀي هين.

(8)

پاڪستان تحريڪ جي نامور رهنما، چوڌري خليق الزمان لکيو آهي ته هر خلافتي کي سنڌس خلافت ڪميٽي جي اعلان ڪرڻ يا خفيه طور لکين رپين جي امداد جو حال معلوم هو. مولانا محمد علي جوهر ۽ شوڪت علي سنڌس گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ خلافت جي هر اهم ڪم ۾ ساڻس صلاح مشورو ڪندا هئا. 1937ع ڪانپوءِ سنڌ ۾ مسلم ليگ سنڌس اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿي. سر عبدالله پنهنجي روزاني زندگي ۾ سادگيءَ کي ترجيح ڏيندو هو ۽ بيمشار دولت ۽ ثروت جي باوجود هن ڪڏهن به اخلاقي دولت کي هٿئون نه ڇڏيو ۽ هر شخص سان محبت ۽ انڪسار سان ملندو هو. (9)

سنڌس سخاوت ۽ خيرات جا گهڻيئي قصا مشهور آهن، پر جن جن خير جي ڪمن ۾ حاجي صاحب خرچ ڪيو ان جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. (10)

(1) مسلم جيمخانه ڪراچي، 10 هزار رپيه
(2) جامعه اسلاميه ۽ يتيم خانو ڪراچي، 80 هزار رپيه
(3) حاجياڻي حنيفه بائي ميمڻ ڇوڪرين جو اسڪول ڪراچي، 20 هزار رپيه
(4) مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه، 19 هزار رپيه.
(5) انگورا فنڊ، 50 هزار رپيه
(6) سمرنا فنڊ 15 هزار رپيه.
(7) خواجه مها وديالا هالا، 210 هزار رپيه.
(8) مسلم ليڊيز هال دهلي، 5 هزار رپيه.
(9) ڊفرن اسپتال ۾ ٻارن جو وارڊ 5 هزار رپيه.
(10) سيٺ اوڌو داس تارا چنداسپتال شڪارپور ۾ مسلمان مريضن لاءِ وارڊ، 7 هزار رپيه.
(11) سکر ساهتا فنڊ هڪ هزار رپيه
(12) گرلس گائيڊ هيڊ ڪوارٽرس ڪراچي، 121 هزار رپيه.
(13) عربيه يونيورسٽي حيدرآباد، هڪ هزار رپيه.
(14) مدرست البنات حيدرآباد 5 زار رپيه غريب شاگردن لاءِ ڪڌه (ڪراچي) ۾ اليڪٽريڪل انسٽيٽيوٽ قائم ڪرڻ، 17 هزار رپيه.
(15) اسٽار بلڊنگ کي خيراتي ٽرسٽ ۾ تبديل ڪرڻ، 70 هزار رپيه.

انهيءَ کان علاوه سر عبدالله هارون گهڻين ئي مسجدن جي مرمت ۽ اصلاح، ديني مدرسن قائم ڪرڻ، رمضان جي مهيني ۾ غريبن ۾ ڪاڌو ڪپڙا ۽ بيون شيون تقسيم ڪرڻ لاءِ هزارين رپيا خرچ ڪندو هو.


27 اپريل 1942ع تي اوچتو دل جي حرڪت بند ٿيڻ سببان سر عبدالله هارون وفات ڪئي. سندس انتقال سببان سنڌ جي قومي ڪارڪنن لاءِ ڇڙڪ ڏک ۽ غم جو سمو ٿي پيو. پر سندس رحلت تي سڄي هندستان جي هندو مسلمان، پارسي، ڪرستان ۽ مسلم دنيا جي اڳواڻن رنج ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. سندس وفات کي عالمِ اسلام ۽ خاص ڪري هندستاني مسلمانن پنهنجي لاءِ ناقابل تلافي نقصان قرار ڏنو.(11) حاجي سر عبدالله هارون صحيح معنيٰ ۾ هڪ عظيم انسان، سياسي مدبر، تحريڪِ پاڪستان جو وڏو رهنما ۽ سنڌين جو محسن هو.

## حوالا

(1) ٽي ايس. تڏاڻي، لوهاڻا، محله سنڌ هسٽاريڪل: سوسائٽي، ڪراچي، ج 8، شمارو 3، جنوري 1948ع
(2) ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ، تاريخ سنڌ (عرب دور) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1978ع
(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، چچنامو سنڌي ادبي بورڊ 1954ع
(4) ڊاڪٽر اين اي بلوچ، ايڊوينٽ آف اسلام ان انڊونيشيا، اسلام آباد 1981ع
(5) جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين. جلد ٻيو: 1967ع
(6) پير علي محمد شاه راشدي، اهي ڏينهن اُهي شينهن، سنڌي ادبي بورڊ 1980ع
(7) جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد ٻيو
(8) سرفراز حسين مرزا، دي پنجاب مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن لاهور، 1978ع
(9) چوڌري خليق الزمان، شاهراهِ پاڪستان (اشاعت اول) ڪراچي 1967ع
(10) اي ايم احمد شفيع لاهوري، حاجي سر عبدالله هارون (ايڪ سوانح) ڪراچي.
(11) ساڳيو



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گلشن ظفر (ڪراچي) جي علائقي ۾
طوفاني برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال جو جائزو وٺندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ايف پي سي سي آءِ جي انتظام هيٺ پنهنجي گهر ڪلفٽن ۾ ڪراچيءَ جي عوام جي
ڪاروباري ترقي، واپار ۽ خوشحاليءَ لاءِ شهر ۾ علائقائي رٿابنديءَ جي اهميت جي موضوع تي سيمينار ڪي خطاب ڪندي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi



## موهن جي دڙي جا بين الاقوامي واپاري تعلقات

(خاص ليک اندر پڙهندا)

موهن جي دڙي جو واپار مشرق ۾ ملايا ۽ انڊونيشيا سان اتر ۾ يورال جبل ۽ پامير جي مٿاهين پٽ تائين اولهندي ۾ عراق، ايشيا ڪوچڪ، آرمينيا، فلسطين، ڪريٽ ٻيٽ ۽ مصر سان هو ۽ ڏکڻ طرف ڪوڪن، ملبار تائين يعني تہ ٿبٽ، برما، ڪشمير ۽ دکن سان پڻ لاڳاپا هئا. جيئن اڄ مغربي قومن جي صنعتن ۽ هنرن ڪري ٻيون قومون سندن اڳيان محتاج آهن ۽ مغربي صنعتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. تهڙي طرح قديم سنڌين ڪپڙي سازي، برتن سازي ۽ زرعي پيداوارن ۾ بيحد ترقي ڪئي هئي، موهن جي دڙي جي عمارتن جي جوڙجڪ جي تعريف علماءَ ڪن ٿا. الغرض تہ موهن جو دڙو، دنيا جو هڪ وڏي مارڪيٽ هو.